سنڌيڪار : فهيم اختر ميمڻ

ناول : ڪيمانگر



(اصل پُرتگالي ٻوليءَ ۾)

# ڪيمانگر

(ناول)

پائولو ڪوئلهو

## ترجمو: فهيم اختر ميمڻ

(ميوارام جي 1910 واري سنڌي لغت جي پٽاندر، الڪيمسٽ جي معنىٰ ڪيمانگر آهي نہ ڪي ڪيمياگر)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت ڪتاب گهر جو ڪتاب نمبر: 52

| | |
|---|---|
| نالو: | ڪيمياگر (ناول) |
| ليکڪ : | پائولو ڪوئلهو |
| ترجمو: | فهيم اختر ميمڻ |
| ڪمپوزنگ: | فهيم اختر ميمڻ |
| ٽائيٽل: | عمران درويش سومرو |
| ايڊيٽنگ ۽ پروف : | محمد سليمان وساڻ |

سنڌ جا سچڻو سلام ..........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر **ٻاونجاهه** (52) پرتگالي ۾ لکيل زندگيون بدلائيندڙ ناول الڪيمسٽ The Alchemist جو سنڌي ترجمو **ڪيمانگر** اوهان اڳيان پيش آهي. هن ناول جو سنڌي ترجمو ليکڪ ۽ سنڌ سلامت سٿ جي دوست **فهيم اختر ميمڻ** پاران ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته هي ڪتاب دنيا جي پنجهٺ ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي ۽ گنيز بوڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻولين ۾ ترجمو ٿيندڙ ڪتاب طور شامل آهي.

اسان ٿورائتا آهيون پياري دوست فهيم اختر ميمڻ جا جنهن هن ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ سان گڏ ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي. پياري دوست عمران درويش سومري جا به قرب جنهن ڪتاب جو ٽائيٽل ناهي موڪليو.

اوهان سڀني دوستن، پيارن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وسان**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
salamatsindh@gmail.com

## ارپنا مرحوم والدجي نانءُ

ڇانوَ تنهنجيءَ جي لاءِ رِڙَ ۾ رُلندو رهيس
ائين رُسي تون وئين، مَنَ ۾ جهرَندو رهيس
ڪُٽڪَ انهيءَ ۾ اَبا پورو جوڀن ويو
تنهنجو ڪانڌي نه ٿيس، تنهنجو ڪانڌي نه ٿيس

(فهيم اختر)

سنڌ سلامت ڪام

# مصنف جو مهاڳ

آءٌ پنهنجي هن ڪتاب ڪيمياگر The Alchemist جي بابت ڪجهه وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو ته هي ڪتاب هڪ خيالي ڪتاب Fiction جو آهي، جڏهن ته منهنجو پڇاڙڪو ڪتاب، ياترا The Pilgrimage ، هڪ غير خيالي Non-Fiction ڪتاب هو.

پنهنجي زندگيءَ جا يارنهن سال مون علم ڪيميا پڙهيو. ڌاتُن کي سون ۾ تبديل ڪرڻ، يا آبِ حيات جي ڳولا وارو خيال هڪ اهڙي شخص لاءِ دلچسپيءَ جو سبب بڻيو جنهن زندگيءَ ۾ پهريون پيرو پنهنجي آمهون سامهون اهي ڪرامتون ٿيندي ڏٺيون هجن.

آءٌ اهو ڀانئيان ٿو ته جنهن شيءِ مونکي پاڻ ڏانهن گهڻو ڇڪيو اها آبِ حيات هئي. اڳ ۾ خدا پاڪ جي موجودگيءَ جو صرف ٻڌو هئم ۽ محسوس به ڪيو هئم، پر هڪ نه هڪ ڏينهن هر شيءِ کي ختم ٿيڻو آهي، ان ڳالهه مونکي تمام گهڻو نراس ڪري ڇڏيو هو. تنهنڪري جڏهن اهو ٻُڌم ته هڪ اهڙي پاڻياٺي شيءِ جو وجود آهي، ۽ انکي حاصل ڪرڻ ممڪن آهي جيڪا ڪيترن ئي سالن تائين جمار وڌائي سگهي ٿي، ته مون پنهنجو تَن مَن ان شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ اَرپي ڇڏيو.

سَتَر عيسويءَ واري ڏهاڪي جي شروعات ۾، جڏهن هڪ وڏو سماجي انقلاب آيل هو، تنهن وقت برازيل ۾ علم ڪيميا جي ميدان ۾ ڪو ڳنڀيرتا وارو ڪم نه ٿي ٿيو. تنهنڪري هن ڪتاب جي ٻن ڪردارن وانگي مون وٽ به جيڪي ٿورا گهڻا ڏوڪڙ هئا تن مان ٻاهران جا مهانگا ڪتاب وٺڻ شروع ڪيم، ۽ ڏهاڙي ڳچ وقت انهن ۾ موجود مُنجهيل نشانين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس. رِيَو ڊِي جنيرو ۾ ان حڪمت واري ڪم ۾ ڳنڀيرتا سان ڪم ڪندڙ ٻن شخصن جا پيرا ونندو وڃي وٽن پُهتُس، پر انهن مونسان ملڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. آءٌ ٻين به ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن سان مليس جن پاڻ کي ڪيمياگر ٿي سڏرايو، جن وٽ پنهنجيون ذاتي تجربيگاهون پڻ هيون، تن چڱي ڀلي معاوضي جي عيوض مونکي ان فَنَ جا ڳُجهه سيکارڻ جا واعدا پڻ ڪيا. پر اڄ آءٌ اهو محسوس ڪري رهيو آهيان ته ڪين ان بابت ڪا به ڄاڻ نه هئي جنهن جي سيکارڻ جو هو ڊونگ ڪري رهيا هئا.

منهنجون سڀ ڪوششون اَجايون ويون ۽ مونکي ڪجهه به نه وَريو. انهن مان ڪا به شيءِ جيڪا هنن مونکي سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي، علم ڪيميا جي ڪنهن به ڪتاب ۾

چپيل نه هئي. اهي ڪتاب تمام ڏکي ٻوليءَ ۾ لکيل هئا، ۽ اجگر جانورن، شينهن، سج، چنڊ ۽ پاري جهڙين ڳجهين نشانين سان ڀريل هئا. انهن عجيب و غريب نشانين مونکي اهڙي بي يقيني ۾ وجهي ڇڏيو جو مونکي اهو محسوس ٿيو ته آءٌ غلط رستي تي هلي رهيو آهيان. 1973 عيسويءَ ڌاري پنهنجي ناڪاميءَ کان مايوس ٿي مون هڪ انتهائي غير ذميواريءَ وارو قدم کنيو. ان وقت آءٌ هڪ سرڪاري ملازم جي طور تي ناٽڪن جي بابت پڙهائيندو هئس. ان وقت مون پنهنجي شاگردن کي زمرد جي تختيءَ جي حوالي سان ڪجھ مشقون ڪرائڻ شروع ڪري ڏنيون.

اُن عمل ۽ اُن سان گڏوگڏ جادوگريءَ جي اُونداهي دنيا ۾ داخل ٿيڻ جهڙن تجربن ”جيڪي پوڪينڊئو سو ئي لُڻنڊئو“ واري پهاڪي جيان منهنجي سموري زندگيءَ کي پيڙائن جي حوالي ڪري ڇڏيو، ۽ ايندڙ ڇهه سال مون پاڻ کي اهڙي قسم جي ڳُجهن مشاهدن کان ڏُور رکيو. اُن روحاني پَرَواسيءَ جي دوران مون گهڻو ڪجھ سکيو: مثال طور اها ڳالهه ته، اسين سچائيءَ کي پهريان مڪمل طور تي ٺُڏڻ ڪانپوءِ ئي تسليم ڪندا آهيون: ۽ اهو به سکيو ته اسانکي ڪڏهن به پنهنجي تقدير کان ڀڄڻ نه گُهرجي: ۽ اهو به ته خدا پاڪ جو وٺُ ڏاڍو سخت به آهي ته هو نهايت ٻاجهارو به آهي.

1981ع ڌاري آءٌ رَيم ( قديمي اُندلس جي جادوگرن جي هڪ مَنڊليءَ (RAM: regnum, agnus, mundi) ۾ پنهنجي هڪ اُستاد سان مليُس، جنهن مونکي سڌي رستي تي آندو. اهو رستو جنهن تي مونکي سفر ڪرڻو هو. جيئن ئي هُن مونکي پنهنجي اعتقادن سان متعارف ڪرايو ته آءٌ پنهنجي سِر پاڻ علم ڪيميا پڙهڻ لاءِ نِڪري پيُس. هڪ رات خيالن جي ڏِکيي ڏي وٺ ڪانپوءِ مون ڪانئس پُڇيو ته ڪيمانگرَ هميشه اهڙي مُبهم ٻولي استعمال ڇو ڪندا آهن؟

منهنجي اُستاد وراڻيو، ”ڪيمانگرَ ٽن قسمن جا ٿين ٿا: هڪڙا اُهي جيڪي مبهم انڪري ٿين ٿا جو ڪين خبر ئي نه هوندي آهي ته هو ڇا پيا ڪن: ٻيا اُهي جيڪي مبهم انڪري ٿين ٿا جو ڪين اها خبر هوندي آهي ته هو ڇا پيا ڪن، ۽ ڪين اها به خبر هوندي آهي ته علم ڪيميا جي ٻولي دماغ سان نه پر دل سان مخاطب ڪندي آهي.“

” ۽ ٽيون قسم ڪهڙو آهي؟“ اُستاد کان پڇيومانس.

” ٽئين قسم جا ڪيمانگرَ اُهي آهن جن ڪڏهن به علم ڪيميا جي بابت ٻُڌو ئي ناهي، پر پوءِ به هو پنهنجي حياتيءَ ۾ پارس جو پٿر ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا.“

۽ اهڙي نموني، منهنجو اُستاد جيڪو ٻئي قسم جي ڪيمانگرَن مان هو، مونکي علم ڪيميا پڙهائڻ لاءِ راضي ٿي ويو.

ان دوران مون اهو دريافت ڪيو ته، جنهن نشانين واري ٻوليءَ ڪان آءٌ سدائين منجهيل ۽ ڪَڪ ٿي رهيس سا دنيا جي روح تائين پهچڻ جو واحد رستو هئي، جنهن کي ڪارل گستاو يُونگ (سوئزرلينڊ جو رهواسي نفسيات جو ماهر) ”مجموعي لاشعوري عمل“ ڪوٺيو هو. مون خدا جي ذات جي عظمت ۽ سندس نشانين ۾ اهڙين حقيقتن کي پڻ دريافت ڪيو جن جي سادگيءَ جي سبب منهنجي ادنىٰ دماغ انهن کي تسليم نه ٿي ڪيو. مون اهو پڻ دريافت ڪيو ته پارس پٿر ۽ آبِ حيات کي حاصل ڪرڻ وارو حڪمت جو ڪم صرف ڪجھ ماڻھو نه پر هر انسان ڪري سگهي ٿو. ائين به ناهي ته سدائين ان حڪمت واري ڪم سان اسانکي پارس جو پٿر ۽ آبِ حيات ملي سگهي. پر اُن ڪان بغير به هر ڪو پنهنجي وهم جي پاڇن ڪا پَرپرو ٿي دنيا جي روح ۾ داخل ٿي سگهي ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو ’ڪيمانگر‘ پڻ هڪ خيالي لفظ آهي. هن ڪتاب ۾ هر اها شيءِ جيڪا مون سکي اها پڙهندڙن تائين پهچائي آهي. مون اهڙن عظيم ليکڪن کي پڻ پيتا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جن ڪائنات جي ٻوليءَ کي سمجھڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. هيمنگوَي، بليئڪ، بورگس (جنهن پنهنجي هڪ مختصر آکاڻيءَ ۾ فارسي تواريخ جو پڻ استعمال ڪيو آهي)، مالبا، تاهن پڻ شامل آهن.

هن ڊگهي مهاڳ جي پُڄاڻي ڪرڻ لاءِ ۽ ٽئين قسم جي ڪيمانگرن جي بابت ڏنل منهنجي اُستاد جي سمجهاڻي کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ قصو هت بيان ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان جيڪو هُن مونکي پنهنجي تجربيگاهه ۾ ٻڌايو هو. اهو قصو ڪجھ هن ريت آهي، ” بيبي مريمؑ سندس جهوليءَ ۾ ننڍڙي عيسىٰؑ سان گڏ زمين تي لهي هڪ خانقاهه گُهمڻ جو رٿيو. اُتي موجود راهبَ انتهائي احترام سان بيبيءَ کي پيتا ڏيڻ لاءِ قطار ۾ بينا. واري واري سان بيبيءَ جي آڏو اچي ڪنهن ڪيس عمده شاعري ٿي ٻڌائي، ته ڪنهن وري توريت ۾ موجود مضمونن تي ناهيل پنهنجي چترڪاريءَ جا نمونا پيش ڪيا، هڪ وري مڙني درويشن جا نالا ورجايا. هڪ پنيان ٻئي ٻائي بيبي مريمؑ ۽ ننڍڙي عيسىٰؑ جي شان ۾ سندن واکاڻ ڪئي.

”انهن مڙني مان آخري راهب پوري خانقاهه ۾ نماڻو ٿي لڳو. جنهن ڪڏهن به ڪنهن به قسم جا ڪتاب نه پڙهيا هئا. سندس مائٽ به سادا ماڻهو هئا، ۽ پنهنجو گُذر سفر ڪرڻ لاءِ

هو ميڙاڪن ۾ ڪرتب ڏيکاريندا هئا. هنن پنهنجي پُٽ کي صرف هوا ۾ بال اُڇلائڻ وارو ڪرتب ئي سيکاريو هو.

جڏهن سندس وارو آيو، تہ مڙني ان پيٽا ڏيڻ واري سلسلي جي پُڄاڻي ڪرڻ لاءِ سوچيو. ڇاڪاڻ جو هو آخري راهب جيڪو صرف هڪ مداري هو، وٽس پيش ڪرڻ لاءِ يا چوڻ لاءِ ڪجھ بہ نہ هو، جنهن سان خانقاهہ جي ساک تي بُرو اثر پڻ پئجي ٿي سگهيو. پر هن تہ دل جي گهراين سان عيسىٰؑ ۽ بيبي مريمؑ کي ڪجھ نہ ڪجھ پيش ڪرڻ چاهيو ٿي.

هو شرمسارهو ۽ ساٿس گڏ بائن جون نظرون مٿس هيون، هن پنهنجي ٿيلهَي مان ڪجھ نارنگيون ڪڍي هوا ۾ اُڇلائي ڪرتب ڏيکارڻ شروع ڪيو، ۽ معذرت سان اهو پڻ چيائين تہ وٽس ان ڪرتب ڏيکارڻ کانسواءِ ٻيو ڪجھ ناهي.

” اهو ڪرتب ڏسي، ننڍڙو عيسىٰؑ جيڪو بيبيءَ جي ڪڇ ۾ ويٺو هو، مُرڪيو ۽ خوشيءَ منجهان تاڙيون وڄائڻ شروع ڪيائين. تنهن کانپوءِ بيبيءَ کيس ننڍڙي عيسىٰؑ کي کڻڻ جي سعادت نصيب ڪئي.

# ٻه اکر سنڌيڪار پاران

علمي، ادبي ۽ روحاني مَنڊلين ۾ پائولو ڪوئلهو کي جديد دور جو زنده درويش ڪوٺيو وڃي ٿو. سندس ناول ”ڪيمياگر The Alchemist“ پڙهڻ کانپوءِ واقعي ان ڳالهه ۾ ڪو وڌاءُ محسوس نه ٿو ٿئي. هي ناول پُرتگالي زبان مان انگريزيءِ ۾ ترجمو ٿيڻ کانپوءِ پوري دنيا ۾ مچتا جي اوچائن تي پهچي ويو. گِنيز بُڪ آف ورلڊ رڪارڊز ۾ هن ڪتاب جو نالو دنيا جي سڀ کان وڌيڪ ترجمو ٿيندڙ ڪتاب جي طور تي شامل آهي. جنهن کانپوءِ اڄ تائين هي ڪتاب لڳ ڀڳ دنيا جي پنجهٺ ٻولين ۾ ترجمو ٿي چُڪو آهي، ۽ ڏهن سالن تائين آمريڪا ۾ بهترين وڪرو ٿيندڙ ڪتاب جو خطاب پڻ ماڻي چڪو آهي. پائلو ڪوئلهو جي زندگيءِ جي بابت مختصر حوالو سندس ئي لکيل مُهاڳ کي ترجمو ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. چاڪاڻ جو ڪنهن به ناول پڙهڻ کان اڳ ان جي ليکڪ جي ذاتي زندگيءِ جي بابت ڄاڻ ان ناول جي روح تائين پهچڻ ۾ مدد ڪري ٿي. سندس ٻين ناولن ۾ آهن :

Eleven Minutes, By the River Piedra I Sat Down and Wept, Veronika Decides to Die, The Winner Stands Alone, Manual of the Warrior of Light, The Zahir, The Devil and Miss Prym, The Fifth Mountain, The Witch of Portobello, The Valkyries, Like the Flowing River. Aleph, Brida,Life, Manuscript Found in Accra .

منهنجي لاءِ هي ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ اهو نا ممڪن هو ته باقي ڪتابن وانگي هن ڪتاب کي به يا ته اڌ قيمت ۾ وڪرو ڪري نئون ڪتاب خريد ڪجي ها يا وري ڪتابن جي الماڙيءِ ۾ سجائي رکي ڇڏجي ها. هَينري مِلر واري ڳالهه ته، ” الماڙيءِ ۾ رکيل ڪتابُ ناڪارا هٿيار وانگي آهي.“ سو به سال اڳ جڏهن هن ڪتاب کي پڙهڻ سان گڏوگڏ ترجمو ڪرڻ جو پڻ پڪو پهه ڪيم ته ذهن ۾ اها ئي ڳالهه هئي ته هن جهڙو ناياب ڪتاب اڃا تائين سنڌي ادب جو حصو ڇو نه بڻجي سگهيو آهي. هن ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ جو سبب منهنجي ان ڪيفيت ۾ وڃڻ جي ڪوشش پڻ هئي جنهن ڪيفيت ۾ اهو ڪتاب اصل ليکڪ لکيو آهي. خير، ڪتاب جو ترجمو شروع ٿيو، پر بدقسمتي اها رهي ته صرف ڪجهه ئي صفحا ترجمو ڪرڻ کانپوءِ زماني جي لاهن چاڙهن جي ور چڙهي ويس، ۽ پورا ٻه سال اهو ڪتاب الماڙيءِ جي زينت بڻيو رهيو. ٻن سالن کانپوءِ ٻيهر ان ڪتاب پڙهڻ ۽ انکي ترجمو ڪرڻ جو شوق جاڳيو. ٻه سال گذرڻ کانپوءِ ان ڪتاب کي ٻيهر پڙهڻ جو سبب اهو هو ته هي اهو ڪتاب آهي جيڪو زندگيءِ جي يوڳنائن، ڪشالن ۽ تڪليفن کي سمجهڻ، انهن کي حل ڪرڻ ۽ انهن تي ثابت قدم رهڻ ۾ وڏي مدد ڪري

ٿو. زندگيءَ جي چوواٽن ۾ ڀٽڪي ويل اهڙا ارواح جيڪي همت هاري وينا آهن ۽ پاڻ کي پنهنجي منزل ڳولڻ جي بدران زندگيءَ جي تيز وهڪري جي حوالي ڪري ڇڏيوا ٿن، انهن جي لاءِ هن ڪتاب ۾ رهنمائي آهي.

هاڻ جڏهن هن ڪتاب جو ترجمو پورو ٿيڻ وارو هو ته اها خبر ملي ته هي ڪتاب اڳ ۾ ئي احرار يوسف پاران سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپجي چڪو آهي. اها ڳالهه ٻڌي مونکي ڪا تڪليف ڪو صدمو نه رسيو، پر سَرَهو ٿيس ته سنڌي ادب ۾ جنهن ناياب ڪتاب جي کوٽ محسوس ٿي رهي هئي سا هاڻ پوري ٿي. ان دوران ئي ان سنڌي ترجمي کي پڙهڻ جو موقعو مليو. پر اهو ترجمو پڙهندي مونکي اچرج به ٿيو ۽ مايوسي به ٿي. سنڌيڪار احرار يوسف ڪتاب جي ڪردارن جا نالا مٽائڻ سان گڏو گڏ ٻيون به ڪيترين ئي فَني ڪوتاهيون ڪيو آهن، جن سان ڪتاب جي اصل روح تائين پهچڻ ناممڪن آهي.

انهن مان ڪجھ غلطين جي وضاحت هت ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. هڪ ته ناول جي مرڪزي ڪردار جو نالو ناصر نه پر سانتياگو آهي، ٻيو ته سانتياگو جنهن بادشاهه سان مليو انجو نالو عبدالله نه پر مالڪي زيدڪ هو. مالڪي زيدڪ دراصل يهودين جي روحاني رهبرَ طور سڃاتو وڃي ٿو، جنهن کي عبدالله جو نالو ڏئي احرار يوسف ڪتاب ۽ ليکڪ جي ساک کي هاڃو رسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن ته هن ڪتاب کي پُرتگالي ٻوليءَ مان انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمي ڪرڻ واري ايلن.آر.ڪليرڪ ڪتاب جي هڪ هڪ لفظ ۽ جُملي کي جيئن جو تيئن انگريزيءَ ۾ بيان ڪري پنهنجي ذميواري پوري ڪئي آهي. ترجمي ڪرڻ جو مقصد ئي اهو هوندو آهي ته اصلي ڪتاب ۾ بيان ڪيل حالتن، واقعن، جڳهين، ڪردارن کي سڌو سنئون ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪجي ته جيئن پڙهندڙن جي ذهن ۾ ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ ان بابت ڪو نتيجو اخذ ڪرڻ ڪان پهريائين اهي سڀ شيون موجود هجن.

هڪ ٻي فَني غلطي جيڪا احرار يوسف کان ٿي آهي، اها هن ريت آهي ته، ناول ۾ ٻن پٿرن (يُورِم ۽ ٿُومِم) جو ذڪر ڪيل آهي. عبراني ٻوليءَ ۾ يُورِم جو معنىٰ آهي 'روشني' ۽ ٿُومِم جي معنىٰ آهي 'ڪماليت'. هي الهامي پٿر آهن، يهودي عقيدن جي مطابق يهودي پادري (رَبي) خدا کان رهنمائي حاصل ڪرڻ لاءِ هنن جو استعمال ڪندا آهن. احرار يوسف پنهنجي ترجمي ۾ انهن پٿرن کي اصل نالن جي بدران ياقوت ۽ مرجان ڪوٺيو آهي. جڏهن ته اصل ناول ۾ انهن پٿرن جو رنگ اڇو ۽ ڪارو ٻڌايو ويو آهي، پر احرار يوسف جي ترجمي ۾ استعمال ٿيل ياقوت ته رنگ جو ڳاڙهو ٿئي ٿو.

ڪتاب جي نالي جي ترجمي ’ڪيمياگر‘ سان ڪو خاص اختلاف ناهي. پر، 1910 واري پرمانند ميوارام واري سنڌي لُغت جيڪا سنڌ جي علمي ۽ اَدبي واپي منڊل ۾ هڪ مُستَنَد سنڌي لُغت سمجهي وڃي ٿي ۽ انجو هڪ نُسخو بِرٽش ميوزيم ۾ پڻ رکيل آهي، تہ اُن مطابق The Alchemist جي معنيٰ ڪيمياگر نہ پر ڪيمانگر آهي. تهنڪري ڪيمانگر استعمال ڪرڻ سان ترجمي کي پنهنجي ساک قائم رکڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

اهڙيون ٻيون بہ ڪيتريون ئي فني غلطيون احرار يوسف جي ترجمي ۾ موجود آهن جن سان ليکڪ جو اصل پيغام پڙهڻ وارن تائين صحيح نموني نہ پهچي سگهيو آهي. ان ترجمي مان اهو پڻ واضح ٿئي ٿو تہ مُترجم ناول جو اصل پيغام پڙهندڙن تائين رسائڻ جي بجاء پنهنجو سنڌي ٻوليء تي اُبور پيش ڪيو آهي.

هي سڀ ڳالهيون ڪرڻ جو مقصد احرار يوسف جي ساک کي هاڃو رسائڻ بالڪل ناهي، پر انهن مڙني سنڌيڪار دوستن ۽ پبلشرز جي لاء هڪ سنيهو آهي تہ مهرباني ڪري ٻاهرئين ادب جا بهترين ۽ گهٽي ڪان گهٽا ڪتاب سنڌي ٻوليء ۾ آندا وڃن، تہ جيئن سنڌ جي ادبي، علمي، سياسي، سماجي ۽ روحاني ميدانن ۾ رهجي ويل خالَ پري سگهجن، پر انهن ڪتابن جي ڇاپڻ کان اڳ انهن جي ٿيل ترجمي جي مڪمل جاچ ۽ اصل ڪتاب سان پوري پيٽا ڪئي وڃي ۽ ترجمي ۾ ڪنهن بہ قسم جي غير فني هَير ڦير نہ ڪئي وڃي تہ جيئن اصل ليکڪ جي محنت اجائي نہ وڃي.

**فهيم اختر ميمڻ**

دمام، سعودي عرب

# زندگيون بدلائيندڙ ڪتاب ۽ سنڌي ترجمو

ڪُجھ وڏو ظرف رکندڙ دوست ننڍڙن ماڻهن جو قد ڪاٺ وڌائڻ ۾ وڏا چالاڪ ثابت ٿين ٿا. منھنجو دوست سليمان وساڻ بہ انھن مان ھڪ آھي جنھن مون کي ھڪ اھڙي ڪتاب لاءِ بہ اکر لکڻ جو چيو آھي جنھن ڪتاب کي سڄي دنيا پڙھيو ۽ پسند ڪيو ۽ ليکڪ کي اڻ ڳڻي مڃتا ملي.

هِن ڪتاب تي تہ جام لکجي چُڪو ۽ جڏهن ڪتاب پڙهيو هئم (انگريزي ۾) تہ ڪتاب تي آيل رايا درست بہ لڳا. ھڪ اھڙي نوجوان جي ڪھاڻي جنھن وٽ مايوسي نالي ڪُجھ آھي ئي نہ. بس ھڪ جنون ۽ جستجو آھي ۽ پيو سفر جنھن تي هلڻ ئي سندس مقدر آهي.

پر اڄ سنڌ سلامت جي رُڪن ”فهيم اختر ميمڻ“ پاران هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو پيش ڪيو پيو وڃي. هِن همراهہ اهو ترجمو ڪري ڪمال تہ ڪيو پر ڪيس اُها خوشي نہ رهي جو جو سنڌ جي وڏي ۽ ناليواري پبلشر پاران هي ڪتاب ترجمو ڪرائي ڇپيو ويو پر اسان جي دوست کي شاباس آهي جنھن اعلیٰ ظرف جو مظاھرو ڪندي ھِن ڪتاب جو ترجمو تڪميل تي پُهچائي سنڌ سلامت تي بنا ڪنھن ذاتي غرض جي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. فھيم ميمڻ پاران ترجمو ڪيل ھي ڪتاب مون ان وقت پڙھيو جڏھن آئون تازو سندري اُتمچنداڻي جهڙي مهان سنڌي ليکڪ پاران مليالم ٻولي جي ڪتاب ”ساگر جي سنتان“ جو بيمثال ترجمو پڙھي ويٺو ھُجان. اھڙي ۾ ھِن ڪتاب شروع ڪرڻ وقت يقين هو تہ ترجمي ۾ مزو نہ ايندو. پر هن ڀلي همراهہ جو ترجمو پڙهندي ڪٿي بہ اهو احساس نہ ٿيو تہ لفظي ترجمو آهي ۽ انهي جي ڪري صاف ظاهر ٿيندڙ بيزاري واري ڪيفيت جو شڪار ٿيڻو پئي ٿو.

آئون سمجهان ٿو تہ فهيم اختر ميمڻ کي اها ڏات رڳو انهيءَ ڪري ملي آهي تہ هو هڪ سخي شخص آهي. اڄڪلھ خود غرضي ايتري عام ٿي وئي آهي جو ڪو بہ اکر لکي ٿو تہ بہ پيو سوچيندو آهي تہ ايئن بنا ڪنھن مفاد جي ڪنھن کي ڇو ڏيان. پر هن سخي همراهہ سڄي ساري محنت ايئن سيني اڳيان رکي ڇڏي. اُميد تہ پڙهندڙ هن مان ضرور مستفيد ٿيندا.

منهنجي فهيم اختر ميمڻ کي گذارش آهي ته هو هِن ڪم کي روڪي نه. چوته دنيا جي انيڪ قومن ۽ ٻولين ۾ لکيل ادب سيني جي پڙهڻ لاءِ صرف تڏهن دستياب ٿيندو جڏهن سنڌس جهڙا سخي مرد بهترين ترجمو ڪري انهن تائين پُهتو ڪندا. رهي ڳالهه سِلي ملڻ جي ته اُهو بس ڏاتار سان حساب آهي جيڪو ڏيئي نه پچاري.

عبدالحفيظ لغاري

سچل ڳوٺ، ڪراچي

# هڪ شاهڪار ناول

انگريزي ۾ هي ناول پڙهڻ ڪانپوء اهو تجسس هيو ته ڪاش هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو ٿئي. فهيم اختر ميمڻ جا ٿورا جنهن ڪتاب جو ترجمو ڪري سنڌ سلامت کي موڪليو آهي. پائولو ڪوئلهو جو هي ناول انساني زندگي جو شاهڪار آهي. هن ناول ۾ پائولو سمجهائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ته هر انسان جي زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج عمل اهڙا هوندا آهن جيڪي انتهائي اهم هوندا آهن. ۽ جي انهن کي سامهون رکندي درست فيصلو ڪيو وڃي ته ان انسان جي زندگي تبديل ٿيو وڃي. انهن پنجن عملن کي پائولو ڪوئلو هن ڪهاڻي ۾ دلچسپ انداز سان پيش ڪيو آهي. جيڪي هي آهن.

1. زندگي جو مقصد

پائلو ڪوئلهو لکي ٿو ته جن ماڻهن وٽ زندگي جو ڪو مقصد ناهي هوندو انهن جو مثال رڍن وانگر هوندو آهي جن وٽ زندگي جو حصول رڳو گاهه ۽ پاڻي هوندو آهي. ڏينهن رات کيئن ٿا گذرن، موسمون کيئن ٿيون مٽجن، کين ڪنهن شيء سان غرض ناهي هوندو. ايسيتائين جو جيڪڏهن ريڊار کين هڪ هڪ ڪري کين ذبح ڪرڻ شروع ڪري ته بہ انهن کي تڏهن وڃي جاڻ پوندي آ جڏهن هو باقي وڃي بچن. جڏهن ته انسانن جي زندگي جو هڪ مقصد ٿيندو آهي، جيئن هڪ ريڊار رڍن کي موسمن جي شدت ۽ بگهڙن کان بچائيندي کين سر سبز علائقي ڏانهن وٺي ويندو آهي اهڙو ئي مقصد انسان کي جانورن کان افضل بڻائيندو آهي. پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي جستجو انسان کي ڏکيائن کي برداشت ڪرڻ جي جرئت ڏيندي آهي، اهو مقصد ئي هوندو آهي جيڪو انسان کي هر ناممڪن ڪم کي ممڪن بنائڻ جي قابليت ڏيندو آه..
اهو ئي واضح مقصد هيو جو انسان چنڊ تي پهچڻ کان پوءِ هاڻي پنهنجا قدم مريخ تي پهچائڻ جي جستجو ۾ آهي. چنڊ تي پهچندڙ بہ اسان وانگر گوشت پوست جا انسان ئي هئا. انهن ۾ جيڪڏهن ڪا خاصيت هئي ته صرف اها ته انهن کي پنهنجي مقصد جو علم هو ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جي همت هئي. مقصد جيترو واضح هوندو ان کي حاصل ڪرڻ اوترو ئي سولو هوندو آهي.

2. مقصد کي حاصل ڪرڻ جي جستجو ۽ همت

مقصد سامهون رکڻ کان پوءِ ڪاميابي جو ٻيو شرط مقصد کي حاصل ڪرڻ جي تڙپ ۽

همت آهي. ان تڙپ ۾ ايتري شديد هجي جو انسان ان کي حاصل ڪرڻ جي جستجو کي ڪڏهن به ختم نه ڪري سگهي. اڪثر ماڻهن جي زندگي جو مقصد ته هوندو آهي پر هو ان کي حاصل ڪرڻ دوران مونجهاري جو شڪار هوندا آهن، ڇو ته :

- هو ناڪامي کان ڊڄندا آهن.
- مقصد جي سچائي تي پر اعتماد نه هوندا آهن.
- مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل محنت کان گهٻرائيندا آهن.
- هو رسڪ کڻڻ کان ڊڄندا آهن.
- مقصد جي سچائي ته پڪو يقين ناهي رکي سگهندا.

ناڪامي جو خوف ۽ پنهنجي صلاحيتن تي اعتماد جي گهٽتائي انسان کي زندگي جي مقصد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش کي ڇيهو رسائيندي آهي. ياد رکو ته ڪاميابي صرف اها ناهي هوندي ته توهان منزل تي پهچو. جيڪڏهن منزل کان ڪجهه پوئتي به رهجي وڃو ۽ توهان غور ڪيو ته توهان ڏسندو ته مقصد جي حاصل ڪرڻ جي جستجو دوران توهان ڪئي منزلون اهڙيون حاصل ڪري چڪا هوندا آهيو جيڪي پڻ ڪاميابي جو درجو رکنديون آهن. هر انسان ۾ اها صلاحيت هوندي آهي ته هو هر ان شيء کي حاصل ڪري جنهن جو هو ارادو رکي ٿو، پر اڪثر همت ڪري نه سگهندا آهن. جيڪي همت ڪندا آهن انهن لاءِ غربت ۽ مالي ڪمزوري به سندن مقصد کي حاصل ڪرڻ دوران رڪاوٽ نه بڻجندي آهي.

3. **قسمت**

اسان زندگي جي باري ۾ گهڻا ئي عجيب غريب نظريا رکندا آهيون. جن مان هڪ اهو به آهي ته اسان جي زندگي، موت ۽ رزق سڀ ڪجهه قدرت جي هٿ ۾ آهي ۽ ان تي اسان جو ڪو به ڪنٽرول ناهي هوندو. اهو ئي سبب آهي جو قسمت تي ان قسم جو يقين اسان کي محنت ڪرڻ کان روڪيندو آهي. بيشڪ خدا اسان جي قسمت ۾ جيڪو به لکيو آهي ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ محنت کي وسيلو بڻايو آهي ان ڪري پنهنجي موجوده حال کي قسمت جو لکيو سمجهي پنهنجو پاڻ کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي بلڪ محنت سان پنهنجي قسمت ۾ لکيل سمورا مقصد حاصل ڪجن. پائولو جي مطابق جڏهن ڪوئي انسان ڪنهن ڪم ڪرڻ جو ارادو رکندو آهي ته ڪائنات جي هر شي ان جي مدد ڪرڻ لاءِ مصروف ٿي ويندي آهي.

.4 **مستقبل جو فڪر**

انسان ڪي يا تہ ماضي جون ڪوتاهيون پريشان ڪنديون آهن يا وري مستقبل جو فڪر ستائيندو آهي. انهي فڪر ۽ پريشاني ۾ هو پنهنجي حال کان غافل رهندو آ. زندگي ۾ ماضي ۽ مسقبل جي اهميت ان ڪري بہ گهٽ هوندي آهي جو انهن کي بدلائڻ پنهنجي وس ۾ ناهي هوندو ها البتہ حال پنهنجي هٿ ۾ هجڻ ڪري پنهنجي محنت سان مستقبل کي بہ پلو ٻٽائي چڏيندو آهي. پائولو جي مطابق الله تعاليٰ انسان کي مستقبل جي ان واقعي جي باري ۾ آگاهي ڏيندو آهي جنهن کي ان لکيو ئي ان ارادي سان آهي تہ ان کي تبديل ڪري پنهنجي فائديمند بڻائي. الله تعالي اسان جي مستقبل ۾ ايندڙ واقعن جي نشانن کي اسان جي حال ۾ رکي ڇڏيو آهي تہ جئين اسان محنت ڪريون تہ اسان جو حال بدلجي ۽ پوءِ اهي نشانيون بہ بدلجن ۽ ان طرح اسان جو مستقبل پاڻمرادو بهتر بڻجي وڃي.

.5 **پنهنجي صلاحيتن تي اعتماد**

انسان جي اندر رب پاڪ ڪيترين ئي صلاحيتون رکيون آهن. جيڪڏهن انسان کي انهن جو صحيح استعمال اچي وڃي تہ هر انسان شاندار ڪارنامہ انجام ڏئي. پر اسان کي پنهنجي صلاحيتن تي اعتماد ناهي هوندو. تمام گهٽ ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي پنهنجي صلاحيت کي چاڻي ۽ سمجهي سگهندا هجن. انگريزي ۾ هڪ چوڻي آهي تہ نوانوي سيڪڙو ناڪامي انهن ماڻهن ڪري ٿيندي آهي جيڪي ڪم نہ ٿيڻ جي واويلا ڪندا آهن. پائولو جي بقول دنيا ۾ اتفاق نالي جي ڪا شيء موجود ناهي. سڀ ڪجهہ خالقِ ڪائنات جي منصوبہ بندي جي مطابق ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن توهان کي پنهنجي محنت جو سلو نہ ملندو آهي تہ توهان مايوسي جو شڪار تي ويندا آهيو پر ڪڏهن غور ڪيو اٿوَ تہ توهان جنهن واقعي کي رڳو اتفاق پيا سمجهو اهو توهان جي محنت ڪري ئي ٿيندو آهي. هڪ مشهور چوڻي آهي تہ قدرت هميشہ مساوات جي اصول تي عمل ڪندي آهي. ڪڏهن انسان کي پنهنجي محنت جو صلو تڪڙو ناهي ملندو ۽ ڪڏهن ڪيس سندس ڪيل محنت کان وڌيڪ مليو وڃي. ان ڪري پنهنجي صلاحيتن تي اعتماد رکجي ۽ محنت ڪرڻ کان اصل نہ ڪيٻائجي.

**رشيد سمون**
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

## پرڏيهه ۾ رهندي به سنڌي ٻولي لاءِ ڪم ڪندڙ فهيم اختر ميمڻ

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جوڙي انٽر نيٽ تي پيش ڪيل سنڌي پي ڊي ايف ڪتاب سهيڙڻ جي ڪوشش ڪندي، سنڌ سلامت پاران به ڪتاب ڪمپوز ڪرڻ جي شروعات ڪئيسين. ڪم ڏکيو ته ضرور هيو پر نا ممڪن نه هو. سنڌ سلامت 52 ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت تي پيش ڪيا آهن. هن ڪم ۾ ڪيترن ئي دوستن مدد ۽ رهنمائي ڪئي. پائولو ڪوئلهو جي ڪتاب الڪيمسٽ جو گهڻو چرچو هيو ته سنڌ سلامت جي ميمبر ۽ دمام (سعودي عرب) ۾ رهندڙ فهيم اختر ميمڻ جو ان ئي ناول جي سنڌي ترجمي تي ڪيل تنقيدي مضمون نظر مان گذريو ۽ ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪيس عرض ڪيم ته هو جيڪڏهن اجازت ڏئي ته اسان سندس ترجمو اِي بوڪ جي صورت ۾ سنڌ سلامت تي پيش ڪيون. پاڻ سخاوت ۽ وڏ ماڻهپي جو مظاهرو ڪندي فوري اجازت ڏنائون ۽ ڪتاب جي سافٽ ڪاپي اي ميل ڪري موڪليائون.

فهيم اختر جا ڪالم ته اڪثر ڪري سنڌي اخبارن ۾ پڙهڻ لاءِ ملندا هئا پر ساڻن ڪا دعا سلام ڪونه هئي. پوءِ نيٽ ذريعي ساڻن رابطو وڌيو ۽ خبر پئي ته سنڌ جو هي ڪوي نوجوان سعودي عرب جي شهر دمام ۾ هڪ خانگي ڪمپني ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي. سندس پيدائش نوابشاهه ۾ ٿي، ننڍپڻ هالا ۾ گذريس، هن وقت سندس مائٽ حيدرآباد ۾ آهن. بنيادي تعليم انٽر تائين هالا ۾ پوري ڪيائين، پوءِ بي.اِي (سول) قائد عوام يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. گريجوئيشن ڪرڻ کانپوءِ پاڪستان جي ڪجھ خانگي ڪمپنين ۾ نوڪري ڪندو رهيو. مارچ 2008 ۾ سعودي عرب وڃڻ جو موقعو مليو ويس ۽ هاڻ اتي ئي دمام شهر ۾ سيٽل آهي. پڙهڻ لکڻ جو ننڍپڻ کان وني شوق هيس، ڇو ته کيس پڙهڻ لکڻ وارو ماحول مليو. سندس والد کي ڪتابن پڙهڻ جو شوق هو، سو هو جيڪي به ڪتاب پنهنجي لاءِ آڻيندو هو سي فهيم به پڙهندو رهيو.

لکڻ جو شوق به کيس ننڍي هوندي کان ئي هو. شروعات شاعريءَ سان ڪيائين، ايتري گهڻي شاعري به نه اٿس ۽ نه وري ڇپرائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر يونيورسٽيءَ جي شاعريءَ جي مقابلي ۾ کيس پهريون انعام مليو. هاڻ نه شاعريءَ ۾ دلچسپي اٿس نه اهو شوق ۽ نه ئي وري پراڻي شاعري سانڍي رکي اٿائين. فهيم اختر ميمڻ چوي ٿو ”منهنجي حساب سان شاعري خيالي ۽ تصوراتي دنيا آهي. تنهنڪري انکي ڇڏي مان حقيقي دنيا ۾ رهڻ پسند ڪيو.“

سندس پهريون آرٽيڪل 2010 ۾ عوامي آواز ۾ ڇپيو. انکانپوءِ مختلف وقتن ۾ تعليمي، سماجي ۽ معاشي حالتن تي ڪجھ نہ ڪجھ لکندو رهي ٿو جيڪو اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ باقائدگي سان ڇپبو رهي ٿو. هو چوي ٿو تہ ڪيس ڊائري لکڻ جو گهڻو شوق هوندو هو ۽ پنهنجي ڊائري ۾ ڪجھ نہ ڪجھ لکندو رهيو آهي. ڪيس لکڻ تي آماده ڪرڻ ۽ اعتماد ڏيارڻ وارو شخص سائين عرفان علي شاھ آهي جيڪو پڻ ڪاوش ۾ لکندو رهندو آهي. ڪجھ انگريزي ڪالم بہ لکيا اٿائين.

ڪالمن کان علاوه مختصر ڪهاڻيون بہ لکڻ شروع ڪيون اٿس جن مان هڪ (ننداڪڙو وجود) انعام عباسيءَ جي ڪهاڻي ڊائجسٽ ۾ ڇپي آهي. پر سندس وڏو ڪم آهي دنيا جي سڀ کان مقبول ناول الڪيمسٽ جو سنڌي ترجمو، جيڪو هن شاندار نموني ڪيو آهي. سندس اهو ڪمال آهي تہ ناول لکندي هن ناول جي اصليت کي برقرار رکڻ سان گڏ ان جي رواني ۽ سنڌي ٻولي جي اصليت کي بہ برقرار رکيو آهي. ائين ٿو لڳي تہ هي ترجمو نہ پر سنڌي ٻولي ۾ لکيل ڪو ناول هجي.

مونکي فهيم اختر ميمڻ جي ڪم کي ڏسي تمام گهڻي خوشي ۽ اتساھ مليو آهي تہ پرڏيهي ٻولين ۾ ڇپيل ڪيئي اهم ۽ مشهور ڪتاب هاڻ اسانکي سولي سنڌي ۾ پڙهڻ لاءِ ملندا.

مان ٿورائتو آهيان فهيم اختر ميمڻ جو جنهن هن ناول جو ترجمو سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

# پاڳو پهريون

نِينگرَ جو نالو سانتياگو هو. سندس ڌڻ سَميت هُو نِما شام مهل هڪ ويران گِرجا وٽ پُڳو. گِرجا جي ڇت پَٽُ پيل هئي، ۽ ان جڳهه تي جتي پهريان گِرجا جو حُجرو هو هڪ تمام وڏو انجير جو وڻ بيٺل هو.

هُن اُتي رات گهارڻ جو فيصلو ڪيو. سندس سموري ڌڻ جي هڪ ڦِٽل دروازي ڪان اندر اچڻ جي پَڪَ ڪري هُن اتي لوڙهو ڏئي ڇڏيو تہ جيئن رات ۾ ڌڻُ ٻاهر وڃي ڀٽڪي وڃائجي نہ وڃي. هن علائقي ۾ بگهڙ تہ نہ هئا ، پر هيڪر ڪو جانور رات ۾ وڃائجي ويو تہ نِينگرَ کي سڄو ڏينهن ڳولا ڪرڻي پئجي وڃي ها.

پنهنجي اَنگرکي سان زمين ٻُهاري ڪتاب جيڪو پڙهي پورو ڪيو هئائين سو مَٿي هينان ڪري سُمهي سوچڻ لڳو تہ هاڻ ڪجهہ وڏيڪ ٿلها ڪتاب پڙهڻ گهرجن تہ جيئن اهي گِهچ وقت تائين پڙهي بہ سگهجن ۽ آرامده وهاڻا بہ ٿي پون.

اجا سوجهرو ئي نہ ٿيو هو تہ سُجاڳي ٿيس، مٿي نظر ڦيرايائين تہ ڪيس ڊٺل ڇت مان تارا نظر ٿي آيا.

”مون اجا وڌيڪ سمهڻ چاهيو ٿي،“ هن وِيچاريو. هن اهو ئي ساڳيو خواب لَڌو هو جيڪو هفتو پهريان لَڌو هئائين، پر هَيلَ وري اهو خواب پورو ٿيڻ ڪان اڳ ئي ڪيس جَاڳَ ٿي وئي.

هو اُٿيو ۽ پهنجي لَٺ سان رڍن کي پڻ اٿارڻ شروع ڪيائين جيڪي اجا تائين سُتل هيون. ڪيس محسوس ٿيو تہ سندس سُجاڳ ٿيڻ سان ئي، ڌڻ مان ڪجهہ رڍن پڻ چُر پُر شروع ڪئي هئي. ائين ٿي لڳو جڻ ڪنهن غيبي طاقت سندس زندگي کي رڍن جي زندگي سان جوڙي ڇڏيو هجي، جيڪي جَهر جهنگ ۾ خوراڪ ۽ پاڻي جي ڳولا ۾ ٻن ورهين ڪان سندس ساڻ هيون. ”رڍون منهنجيون ايترو تہ عادي ٿي ويون آهن جو هاڻ منهنجي اُٿي وِيهڻ جي بہ خبر پئجي وئي اٿن،“ هو پُٽڪيو. هو ٿوري دير ان ڳالهہ بابت سوچيندو رهيو ۽ محسوس ڪيائين تہ ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪٿي هو پاڻ ئي نہ رڍن جي اُٿي وِيهڻ جو عادي ٿي ويو هجي.

پر انهن مان ڪجهه اهڙيون رڍون به هيون جن سُجاڳيءَ ۾ ڪُجھ وقت پئي لاتو. نِينگرُ هڪ هڪ ڪي نالو وني پهنجي لٺ سان اتارڻ لڳو. ڪيس اهو يقين هو ته هو جيڪي ڪجهه به ساڻن ڳالهائي ٿو رڍون اُهو سمجهن ٿيون. ڪڏهن ته هو ڪين سندس ڪتابن مان پنهنجا ڪجهه پسنديده قِصا ۽ ريڍار جي اُڏمن جي بابت ٻڌائيندو هو، ڪڏهن ته وري ساڻن انهن واقعن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندو هو جيڪي هن مختلف ڳوٺ لنگهندي ڏٺا هئا.

پر گذريل ڪجهه ڏينهن کان هن ڪين صرف هڪ شيءِ جي بابت پئي ٻڌايو. هڪ نِينگِري، واپاريءَ جي نياڻي، جيڪي هڪ ڳوٺ ۾ رهندا هئا جتي نِينگرُ چئن ڏينهن ۾ پهچڻو هو. هو ان ڳوٺ ۾ صرف هڪ ئي دفعو هڪ سال پهريان ويو هو. واپاريءَ جو مرهياڙڪو هَٽُ هو، ۽ سدائين سندس اهو ئي مطالبو هوندو هو ته رڍون سندس موجودگيءَ ۾ ئي ڏاسيون (رڍن جا وار/اُن لاهڻ) وڃن، ته جيئن ڪير ٺڳي نه سگهي. نينگرَ کي ان هَٽَ بابت هڪ سنگتيءَ ٻڌايو هو، ۽ هو پهنجون رڍون اتي ڪاهي آيو هو.

”مونکي اُنَ وڪرو ڪرڻي آهي ،“ نِينگرَ واپاريءَ کي چيو.

هَٽَ ۾ مَيڙُ جَجهو هجڻ جي سبب، ريڍار کي چيو ويو ته هو منجهند تائين انتظار ڪري. نِينگرُ هَٽَ جي ڏاڪڻ تي ويهي رهيو هو ۽ پهنجي ٿيلهي مان هڪ ڪتاب ڪڍيو هئائين. سندس پُٺن کان هڪ نِينگِريءَ جو آواز آيو، ”مونکي اندازو نه هو ته ريڍار به پڙهڻ ڄاڻن ٿا.“

نِينگِريءَ جو تعلق اندلس جي ڪنهن خاص علائقي سان ٿي لڳو، سندس ڪارا ريشمي وار ۽ اکيون موريتانيا جي فاتحن جي ياد ڏياري رهيا هئا.

”چڱو.. پر عام طور آءٌ ڪتابن کان وڌيڪ پهنجي رڍن کان سکندو آهيان،“ هن وراڻيو.

ٻن ڪلاڪن جي ڳالھ ٻولھ دؤران، نِينگِريءَ ڪيس ٻڌايو ته هوءَ واپاريءَ جي ڌيءُ آهي، ۽ ڳوٺ جي رهڻي ڪهڻيءَ بابت ويچار پڻ ونديا هئائين، جتي هر ڏينهن عام ڏينهن جهڙو هو. ريڍار وري ڪيس اندلس جي ٻهراڙيءَ ۽ هر ان ڳوٺ جي بابت حال احوال ٻڌايو هو جتي هو ترسيو هو. رڍن سان ڳالهائڻ کان پوءِ هن ڳالھ ٻولھ سان ڪيس سرهائي ٿي هئي.

” توهان پڙهڻ ڪيئن سکيو؟“ هڪ موقعي تي نِينگِريءَ کانئس پڇيو هو.

”جيئن هرڪو سڪندو آهي،“ ، ” اسڪول ۾.“ هن وراڻيو.

”چڱو، جيڪڏهن توهان پڙهيا لکيا آهيو، ته پوءِ توهان ريڍار جو ٻڍيا آهيو؟“

نِينگرَ سوال جو جواب ٽارڻ لاءِ پهنجي منهن مڻ مڻ ڪئي. ڪيس پڪ هئي ته هوءَ اها ڳالهه ڪڏهن نه سمجهندي. هن ڪيس پهنجي مُسافريءَ جا قصا ٻڌائڻ جاري رکيا، ۽ نِينگري اچرج منجهان سندس ڳالهيون ٻڌندي رهي. جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو، ته نِينگرَ جي دل ۾ اها خواهش پيدا ٿيندي ٿي رهي ته جيڪر اچوڪو ڏينهن ڪڏهن ختم نه ٿئي، نِينگريءَ جو پيءُ ڪم ۾ رُڌل ئي رهي ۽ پلي ڪيس ٽي ٻيا ڏينهن ٻه انتظار ڪرائي. سندس مَنَ ۾ هڪ عجيب احساس اُڀري رهيو هو، اهو احساس ڪيس اڳ ڪڏهن ٻه نه ٿيو هو: اُهو احساس هن ڪارن ريشمي وارن واري حَسين نِينگريءَ سان هميشه لاءِ گڏ زندگي گهارڻ جو احساس هو. اهڙا ڏينهن وري نه ايندا.

پر نيٺ واپاري آيو، ۽ نِينگرَ کي سندس چار رڍون ڏاسڻ لاءِ چيائين. ۽ ڪيس اُنَ جا پيسا ڏئي وري ايندڙ سال اچڻ لاءِ چيائين.

❖

هاڻ سال اچي پورو ٿيو هو ۽ ساڳئي ڳوٺ ۾ پهچڻ لاءِ باقي چار ڏينهن ئي بچيا هئا. ۽ هو جوش ۾ هو، ساڳئي وقت ۾ ان ڳالهه جو ٻه اونُو هوس ته ٿي سگهي ٿو نِينگريءَ ڪيس وساري ڇڏيو هجي. ڇاڪاڻ جو روز اُتي ڪيترائي ريڍار اُنَ ڪپائڻ اچن ٿا.

”ڪا ڳالهه ناهي،“ ” آءٌ ٻين جڳهين تي ٻين نِينگرين کي پڻ سڃاڻان ٿو.“ هن پهنجي رڍن کي چيو.

پر مَنَ ئي مَنَ ۾ هو ڄاڻي پيو ته اهو مسئلو آهي. ڪيس خبر هئي ته ريڍارن کي، مُهاڻن ۽ مسافر واپارين وانگي، سدائين هر ڳوٺ ۾ ڪو نه ڪو اهڙو شخص ملي ويندو آهي جيڪو سندن جولان وارا ڪُتڪا ئي وساري ڇڏيندو آهي.

باڪَ ڦُٽڻَ واري ٽي ته ريڍار پهنجي رڍن کي اُيراندي ڏانهن ڪاهيو. ”رڍون ڪڏهن ٻه ڪو فيصلو پاڻ نه ٿيون ڪري سگهن، شايد انڪري ئي هو سدائين منهنجي پير ۾ رهن ٿيون“. هو سوچي رهيو هو.


www.sindhsalamat.com

رڍن کي جيڪڏهن پرواهه هئي ته صرف پوڄن جي. جيئن ئي نِينگرَ اندلس جي بهترين چراگاهه جو رُخ ڪيو ٿي، تيئن ئي رڍون سندس سنگتي ٻڍجي ٿي ويون. باکَ ڦُٽيءَ کان سانجهين تائين جي وچ واري ڊگهي وقت دوران سندن ڏينهن گُزارڻ ۾ به ڪا نواڻ نه هئي؛ ۽ رڍن ته اڳ ڪڏهن ڪو ڪتاب به نه پڙهيو هو، ۽ نِينگرَ جي مختلف شهرن جي نظارن بابت ڪيل ڳالهه ٻولهه ڪڏهن به ڪين سمجهه ۾ نه ٿي آئي. اهي ته بس پوڄن ۾ ئي راضي هيون، بدلي ۾، فراخ دليءَ سان پنهنجي اُنَ، پنهنجو ساٿ ۽ ڪڏهن ڪڏهن گوشت به ٿي ڏنائون.

نِينگرَ سوچيو ته جيڪڏهن آءٌ هڪ پوائتي جانور جيان هڪ هڪ ڪري ڪين ماري ڇڏيان ته ڪين تڏهن ئي خبر پوندي جڏهن گِهچ ڏڻ کُسجي چڪو هوندو. هنن جو مون ۾ ويساهه آهي. چاڪاڻ ته آءٌ هنن جي سنڀار ڪيان ٿو، انڪري هنن پنهنجي فطري صلاحيتن تي ڀاڙڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي.

نِينگرَ کي پهنجي سوچ تي حيرت ٿي. ٿي سگهي ٿو ته گرجا، جتي انجير جو وڻ ڦُٽو هو اُتي جِنَن جو واسو هجي. ۽ ٿي سگهي ٿو ته ان سبب جي ڪري ئي هن ساڳوخواب ٻيهر ڏٺو هجي،اها ڳالهه ڪيس چڙَ ڏياري رهي هئي. هن ڪالهه رات وارو بچيل مَڌُ پيتو، ۽ اَنگرکو (ڪوٽ) ڪٽي پهنجي پير ۾ رکيائين. ڪيس خبر هئي ته ڪجهه ڪلاڪن ڪانپوءِ ٽاڪ منجهند ۾ اُقتُ گرمي جي ڪارڻ هو پهنجي ڌڻ کي ميدانن ۾ نِيَڻَ کان لَنوائي رهيو هو. آڙهڙ (اونهاري) ۾ ان وقت سڄو اندلس ستل رهي ٿو. رات ٿيڻ تائين گرمي رهي ٿي، ۽ اهو سڄو وقت سندس وزنائتو اَنگرکو ڪيس ساڻ رکڻو هو. پر اُن کان اڳ جو هو اَنگرکي جي وزن جي رَڙ ڪري، ڪيس ياد آيو ته، اهو اَنگرکو ئي ته ڪيس باک ڦُٽيءَ مهل ٿڌ کان به بچائي ٿو.

”اسان کي هر تبديليءَ لاءِ تيار رهڻ گهرجي.“ هن سوچيو. ۽ پوءِ ڪيس اَنگرکي جي گرمي ۽ وزن جو قدر ٿيو.

اَنگرکي وانگي نِينگرَ جو به ڪو مقصد هو. زندگيءَ ۾ سندس مقصد گهمڻ ڦرڻ هو، ۽ ٻه ورهيه اندلس جي علائقن ۾ گهمڻ ڦرڻ ڪانپوءِ، هو ان علائقي جي سيني شهرن کان واقف ٿي چڪو هو. هن دفعي هو ان نِينگرِيءَ کي اهو ٻڌائڻ بابت رٿي رهيو هو ته هڪ عام ريڍار ڪيئن ٿي ڪري به هو پڙهڻ ڪيئن سکيو. سورهن ورهين جي ڄمار تائين هو هڪ مدرسي ۾ ويندو رهيو. سندس مائٽن ڪيس هڪ پادري بنائڻ ٿي چاهيو، جيڪا سندن ننڍڙي خاندان لاءِ فخر جي ڳالهه هئي. هُنن به رڍن وانگي صرف پوڄن حاصل ڪرڻ لاءِ

سخت جاکوڙ ڪئي هئي. هن علمِ اِلاهي سان گڏ لاطيني ۽ اسپينيي ٻوليون پڻ پڙهيون هيون. پر ننڍي هوندي کان ئي کيس دنيا ڏسڻ جو شوق هو، ۽ اهو ئي هن لاءِ انسان جي گناهن ۽ خدا بابت ڄاڻڻ کان وڌيڪ اهم هو. هڪ ڏينهن، خاندان جي گڏجاڻي ۾ هن پنهنجي پيءُ کي اهو ٻڌائڻ جي همت ڪئي ته هو پادري نه پر هڪ سيلاني ٻڻجڻ چاهي ٿو.

” پُٽ، سڄي دنيا جا سيلاني هن ڳوٺ مان گذر ڪري چڪا آهن.“ سندس پيءُ کيس چيو. ”اِهي نَيُن شين جي ڪوجنا ۾ اچن ٿا، پر واپس وَرَڻ وَيلَ هو جهڙا جو تهڙا. جبل تي چڙهي محلات ڏسڻ کانپوءِ سندن بس اها ئي سوچ وڃي بيهي ٿي ته ماضي ۾ جيکي ڪجهه بہ هو سو اڄ اسان وٽ موجود هر شيءِ کان بهتر هو. هو يُورن وارن ۽ سانورِي چمڙيءِ وارا ماڻهو هتان جي رهواسين وانگي ئي آهن.“

”پر آءٌ سندن شهرن جا محلات ڏسڻ چاهيان ٿو.“ نِينگرَ واضح ڪيو.

”اِهي سيلاني جڏهن اسانجي ڌرتي ڏسن ٿا تہ هو هِت سدائينءِ لاءِ رهائش جون ڳالهيون ڪن ٿا .“ نِينگرَ جي پيءُ ڳالهه جاري رکي.

”نيڪ آهي تہ پوءِ آءٌ سندن ڌرتي ۽ رهڻي ڪهڻي ڏسڻ چاهيان ٿو.“ سندس پٽ وراڻيو.

” هِت اچڻ وارن سيلانين وٽ ڏوڪڙ جام هوندا آهن، تنهنڪري ئي هو سيلانَ جا خرچَ سَهيو وڃن. اسان مان تہ صرف ريڍار ئي سيلان ڪي سگهن ٿا.“ سندس پيءُ چيو.

”نيڪ آهي، تہ پوءِ آءٌ بہ ريڍار ٻڻجندس.“

سندس پيءُ وڌيڪ ڪجهه نہ ڪڇيو. ٻئي ڏينهن، پٽ کي هڪ ڳوٿري ڏني جنهن ۾ ٽي قديم اندلسي سون جا سڪا هئا.

”هڪ ڏينهن مون هي سڪا لڌا هئا. مون چاهيو ٿي تہ هي سڪا تنهنجي حصي جي وراثت ۾ اچن. پر هاڻ انهن مان ڌڻ وٺ ۽ ميدانن ۾ سفر جو سانباهو ڪر. هڪ ڏينهن تون ضرور اها ڳالهه سمجهي ويندي تہ اسانجون ٻهراڙيون ۽ اسانجون عورتون ڪيڏيون نہ خوبصورت آهن. پوءِ هُنَ پٽ کي دعا ڏني. نِينگرُ پيءُ جي نهار ۾ سندس سيلاني ٻڻجڻ جي خُواهش پڻ ڏسي ٿي سگهيو، جيڪا اڃا زنده هُئي. ورهيہ اڳُ يوڄن

حاصل ڪرڻ ۽ گهر جي ٻين ذميوارين کي نِڀائڻ جي ڪاڻ ڪيس سيلاني بڻجڻ جي خواهش کي دفن ڪرڻو پيو هو.

❖

آڪاس منڊل تي ڳاڙهاڻ ڇانئجي چڪي هئي، ۽ اُمالڪُ سچ بہ پٽرو تي ويو. نِينگرُ سندس پيءُ سان ٿيل ڳالهہ ٻولهہ جي بابت سوچي سَرهو ٿيو. ۽ خيالن ۾ ئي ڪيترا ئي محلَ ڏسي چڪو هو ۽ ڪيترين ئي عورتن سان ملي چڪو هو (پر انهن مان ڪا اهڙي نہ هئي جيڪا سندس انتظار ڪندي هجي). وٽس هڪ انگرکو، هڪ ڪتاب جنهن جو سودو ڪري ٻيو وني پيو سگهجي، ۽ رڍن جو ڌڻ ئي هئا. پر اهميت جوڳي ڳالهہ اها هئي تہ هو هاڻ هر روز پنهنجي خواب پٽاندڙ زندگي گذاري ٿي سگهيو. جيڪڏهن هو اندلس جي ميدانن ۾ هلي هلي ٿڪجي بہ پيو تہ پهنجون رڍون ڪپائي هو سمنڊ جي سفر لاءِ وڃي ٿي سگهيو. وٽس مختلف شهرۂ عورتون ڏسڻ ۽ سَرَها رهڻ لاءِ ٻيا ڪيترائي موقعا هئا.

هو سج ايرندي واري منظر کي ڏسي سوچڻ لڳو تہ مدرسي ۾ شايد مونکي خدا نہ ملي ها.

هاڻ هو جڏهن بہ چاهي سفر لاءِ ڪو بہ نئون گَسُ وٺي ٿي سگهيو. ڪيترا ئي ڀيرا ان علائقي جي سفر ڪرڻ جي باوجود هو اڳ ڪڏهن بہ ان ڊِٺل گرجاءِ ۾ نہ آيو هو. دنيا تمام وڏي ۽ اڻکٽ آهي؛ بس هيڪر پنهنجي رڍن کي پنهنجي صحيح گَسَ تي آڻڻ ڪانپوءِ هو ڪيتريون ئي نيون ۽ دلچسپ شيون ڏسي سگهيو ٿي. مونجهارو بس اهو هو تہ رڍن کي اهو احساس ئي ناهي تہ هو روز نئين رستي تي هلي رهيون آهن. ۽ ڪين نون ميدانن ۽ موسمن جي تبديل ٿيڻ جو بہ احساس ناهي. ڪين ڪنهن شيءِ جي خبر آهي تہ بس اهو آهي پوڄن.

”اسين انسان بہ شايد انهن وانگر ئي آهيون، ۽ آءٌ پڻ“ نِينگرُ سوچن ۾ مُستَغرق ٿي ويو. ”جڏهن کان آءٌ واپاريءَ جي ڌيءَ سان مليو آهيان، تڏهن کان ڪنهن ٻي عورت جو سوچيو ئي ناهي.“ سج جي بيهڪَ ڏسندي هن ڪاٿو لڳايو تہ هو طريفا ٻنپهرن تائين پهچي ويندو. جتي ڪيس پهنجو ڪتاب هڪ ٿلهي ڪتاب جي عيوض مٽائڻو هو، مَڌُ جي ڳُگهي پرٽي هئي ۽ حجامت ڪرائڻي هئي. نِينگرِيءَ سان ملاقات لاءِ ڪيس تيار ٿيڻو هو، ڪيس اهو اُلڪو هو تہ متان بہ منهنجي ڌڻ کان وڏي ڌڻ وارو ڪو ٻيو ريڍار ڪانئس اڳ ئي اتي پهچي واپاريءَ کان سندس نِينگرِيءَ جو هٿ نہ گهري وٺي.

”تي سگهي ٿو ته اهو خواب سچو ٿئي ۽ زندگي خوشگوار ٿي پوي.“ هن بيهر سچ جي بيهڪ ڏسي وقت جو اندازو لڳايو ۽ پنهنجي رفتار تيز ڪئي. اُمالڪُ ڪيس ياد آيو ته طريقا ۾ هڪ بُڍڙي به آهي جيڪا خوابن جي تعبير ٻڌائيندي آهي.

❖

بُڍڙي نِينگرَ کي سندس گهر جي پنيان واري حصي ۾ موجود هڪ ڪمري ۾ وٺي وئي؛ جيڪو سندس رهائش واري ڪمري کان هڪ رنگين موتين جي پڙدي سان الڳ ٿيل هو. ڪمري ۾ هڪ ميز، حضرت عيسىٰؑ جي مقدس دل جي تصوير، ۽ ٻه ڪرسيون موجود هيون.

هوءَ ويني ۽ نِينگرَ کي ٻه ويهڻ لاءِ چيائين. پوءِ هن نِينگرَ کي ٻنهي هٿن کان جهلي مانيٽي انداز ۾ دعا شروع ڪئي.

اها خانا بدوشن (رَمتَن) جي دعا وانگي لڳي رهي هئي. نِينگرُ پهريان ٻه سفر ۾ ججهن خانا بدوشن (رَمتَن) سان ملي چڪو هو؛ اهي ٻه سفر ڪندا رهندا هئا پر وٽن ڪو ڍڳ نه هوندو هو. اهو چيو ويندو هو ته اهي خانا بدوش (رَمتا) پنهنجي سڄي ڄمار ماڻهن کي ٺڳڻ ۾ گذارين ٿا. اهو ٻه چيو پئي ويو ته سندن شيطان سان معاهدو هو، ۽ هو ٻارن کي اغوا ڪري پنهنجي ڳجهن ڏاڪن تي ڪٽي ويندا هئا ۽ پنهنجو غلام ٻڻائيندا هئا. ننڍي هوندي ڪيس ٻه رَمتن جي ڪنيي وڃڻ جو پوءِ ڏياريو ويندو هو، اهو ئي خوف نِينگرَ کي اچي ٿيو جڏهن بُڍڙيءَ ڪيس هٿن کان جهليو.”پر وٽس ته حضرت عيسىٰ مسيح جي مقدس دل جي تصوير آهي.“ هن سوچيو ۽ پاڻ کي خاطري ڪرائي. هن نه پئي چاهيو ته سندس هٿ ڏڪن ته متان ٻه بُڍڙي سمجهي ته هو ڊنل آهي. هو خاموشيءَ سان دعا ڪندو رهيو.

”تمام دلچسپ،“ عورت نِينگرَ جي هٿن ڏانهن ڇتائيندي چيو،۽ پوءِ چُپ ٿي وئي.

نِينگرُ پريشان ٿي ويو ۽ سندس هٿ ڏڪڻ لڳا ته بڍڙيءَ اهو محسوس ڪيو. نِينگرَ جهٽ ۾ پنهنجا هٿ پري ڪري ورتا.

”آءٌ هتي هٿن جون ترِيون پڙهائڻ نه آيو هوس،“ هن پنهنجي اچڻ جو افسوس ڪندي چيو. هن سوچيو ته اهو بهتر ٿيندو ته ڪيس پهنجو اُجورو ڏيئي ڪجهه ٻڌڻ کان بغير ئي هليو وڃجي، جو ته هن لاءِ سندس خواب اهم هو.

”تہ تون هتي پهنجي خوابن جي تعبير ٻڌڻ لاءِ آيو آهين،“ ٻُڍڙِيءِ چيس. ” خواب خدا جي ٻولي آهن. جڏهن هو اسانجي ٻولي ڳالهائي ٿو تہ انجو ترجمو آءٌ ڪري سگهان ٿي. پر جڏهن هو روح جي ٻولي ڳالهائي ٿو، تہ اها صرف تون ئي سمجهي سگهين ٿو. پر ڇا بہ هجي آءٌ توکان انجو معاوضو وٺندسِ.“

هڪ ڀي ٺڳي، نِينگرَ سوچيو. پر ڪيس اهڙو موقعو ورلي ملي ها. ريڍار جي زندگي ۾ سدائين اهڙا خطرناڪ موقعا ايندا رهن ٿا، جن ۾ هو ٻگهڙن ۽ واچوڙن ڪي منهن ڏئي ٿو. اهو ئي سڀ ڪجهہ هڪ ريڍار جي زندگي ڪي دلچسپ بڻائي ٿو.

”مون اهو ساڳيو خواب بہ دفعا ڏٺو آهي،“ هن چيو. ” مون خواب ۾ اهو ڏٺو تہ آءٌ پنهنجي رڍن سان گڏ هڪ ميدان ۾ هوس تہ هڪ ننڍڙي ٻار اچي رڍن سان ڪيڏڻ شروع ڪيو. مونکي ماڻهن جي اها ڳالهہ پسند ناهي ڇاڪاڻ جو رڍون ڌارين کان ٿهنديون آهن. پر ٻارن سان ڪيڏندي رڍون خوف محسوس نہ ٿيون ڪن. خبر ناهي ائين الائي ڇو آهي. مخبر ناهي تہ جانور انسانن جي ڄمارن جو ڪاٿو ڪيئن ٿا لڳائين.

”پنهنجي خواب جي بابت وڌيڪ ٻڌاءِ، مونکي رَڌ پچاءَ لاءِ بہ وڃڻو آهي، ۽ جيئن تہ تو وٽ ايترا پئسا بہ ناهن سو آءٌ توکي وڌيڪ وقت نہ ٿي ڏئي سگهان.“ ٻُڍِڙِيءِ چيو.

”ٻارڙي ڪجهہ وقت تائين منهنجي رڍن سان ڪيڏندي رهي،“ نِينگرَ  ڪجهہ گهبراهٽ مان پنهنجي ڳالهہ جاري رکي، ”اُمالڪُ اها ٻارڙي مونکي پنهنجي هٿن کان جهلي مصر جي احرامن ڏانهن وٺي هلي.“

هو گهڙي ڪن لاءِ رڪيو، اهو ڏسڻ لاءِ تہ ان عورت ڪي مصر جي احرامن بابت ڪا ڄاڻ آهي بہ يا نہ. پر هوءَ چپ رهي.

”تنهن ڪانپوءِ مصر جي احرامن وٽ،“ نِينگرَ پنهنجي ڳالهہ ڪي جاري رکيندي هي لفظ نهايت آرام سان چيا تہ جيئن ٻُڍِڙِيءِ ڪي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي _ ” ان ٻارڙِيءِ مونکي چيوتہ توکي هتي هڪ ڳجهو خزانو ملي سگهي ٿو، ۽ ٻئي دفعا جنهن وقت ان نينگريءِ مونکي ان لڪيل خزاني جي جاءِ ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي بلڪل ان وقت آءٌ سجاڳ ٿي ويس.“

ٻُڍِڙِي اهو خواب ٻڌي خاموش رهي ۽ نِينگرَ جا هٿ جهلي غور سان انهن جو مشاهدو ڪرڻ لڳي.

ٻُڍڙيءَ ڪيس چيو ته، ” آءٌ هاڻ توکان ڪو معاوضو نه وٺنديس، پر جيڪڏهن تون ان خزاني کي ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ته انجو ڏهون حصو مونکي ڏيندي“.

نِينگرَ سرهائيءَ منجهان ٿهڪ ڏنو. وٽس جيڪي ٿورا گهڻا پئسا هئا سي ان ڳجهي خزاني جي خواب جي ڪري خرچ ٿيڻ کان بچي ويا !

هن پوڙهيءَ کي چيو ”نيڪ آهي، هاڻ خواب جي تعبير ٻڌاءِ.“ ” پهريان قسم کڻ ته ان خواب جي تعبير ٻڌائڻ جي بدلي تون مونکي ان خزاني جو ڏهون حصو ڏيندي.“ ريڍار قسم کڻندي چيو ته هو ڪيس ضرور ان خزاني مان حصو ڏيندو. پوڙهيءَ ڪيس چيو ته حضرت عيسيٰؑ جي مقدس دل واري تصوير ڏانهن منهن ڪري ورِي قسم کڻ.

پوڙهيءَ چيو ته، ” دنياوي لحاظ کان اهو هڪ خواب آهي، آءٌ توکي انجي تعبير ٻڌائي سگهان ٿي پر ان جي تعبير نهايت ڏکي آهي. تنهن ڪري آءٌ پائنيان ٿي ته جيڪي به توکي ملندو ان ۾ آءٌ به ڪجھ حصو لهڻان.“

”ته هي آهي تعبير: توکي مصر جي احرامن ڏانهن وڃڻو پوندو. مون ڪڏهن به انهن بابت ناهي ٻڌو، پر، ان ٻارڙيءَ توکي خواب ۾ اهي ڏيکاريا آهن ته انهن جو وجود ضرور هوندو. اتي ئي توکي اهو خزانو ملندو جيڪو توکي مالا مال ڪري ڇڏيندو.“

نِينگرُ اچرج ۾ پئجي ويو. هو پوڙهيءَ کان ان ڳالهه جي وڌيڪ وضاحت ماڻڻ کان گهٻرائي رهيو هو. ڇاڪاڻ جو هو ان پوڙهيءَ کي ڪو معاوضو به ته نه ڏئي رهيو هو.

نِينگرَ چيو، ”صرف ايتري ڳالهه لاءِ آءٌ پنهنجو وقت ضايع نه ڪيان هان.“

پوڙهيءَ وراڻيو، ”مون توکي چيو هو ته تنهنجي خواب جي ساڀيان ايتري آسان ناهي. زندگيءَ ۾ ننڍڙيون ۽ آسان نظر ايندڙ شيون وڏي اهميت رکن ٿيون. ساڃهه وند ماڻهو ئي ان ڳالهه کي سمجهي سگهن ٿا. ۽ ڇاڪاڻ جو آءٌ ساڃهه وند ناهيان سو مونکي ڪجھ ٻيا فن به سکڻا پوندا، جيئن هٿن جي ترين کي پڙهڻ وغيره.“

” نيڪ آهي، پر آءٌ مصر ڪيئن پهچان؟“

” آءٌ فقط خوابن جي تعبير ٻڌائي سگهان ٿي. انهن کي حقيقت ڪرڻ واري فن کان آءٌ واقف ناهيان. تنهن ڪري ئي آءٌ پنهنجي ڌيءَ جي در تي رهي پئي آهيان.“

”پر جيڪڏهن آءٌ مصر ڪڏهن به نه پهچي سگهيس ته پوءِ؟“

”پوءِ آءٌ پنهنجي معاوضي کان رهجي ويندس ۽ اهو ڪو پهريون دفعو ناهي ٿيو.“

اهو چوندي ته اڳي ئي هوءِ پنهنجو جام وقت هن سان ضايع ڪري چڪي آهي، پوڙهيءَ نِينگرَ کي چيو ته هاڻي تون وڃين سگهين ٿو.

نِينگرُ نراس ٿي چڪو هو ۽ هن فيصلو ڪيو ته هاڻ هو ڪڏهن به خوابن تي يقين نه ڪندو. ڪيس ياد آيو ته ٻيا به ڪيترائي ڪم ڇڏائڻا آهن، سو هو بازار ويو ۽ ڪجهه کائڻ پيئڻ کانپوءِ هن پنهنجي ڪتاب جي سودي ۾ هڪ ٻيو ٿورو وڌيڪ ٿلهو ڪتاب خريد ڪيائين، ۽ بازار جي عمارت ۾ هڪ بينچ تي ويهي جيڪا مَڌُ جي گُگهي هن ورتي هئي ان مان چسڪيون وٺڻ لڳو. ڏينهن نهايت گرم هو سو مَڌُ پيئڻ سان ڪيس فرحت ملي رهي هئي. سندس رڍون شهر جي دخل تي موجود هڪ واڙي تي ٻڌل هيون جيڪو سندس دوست جو هو. نِينگرَ جي شهر ۾ چڱي ڀلي واقفيت هئي، اهو ئي سبب هو جو هو مزي سان سير و تفريح ڪري رهيو هو. سدائين هو نوان دوست ناهيندو هو، پر هو انهن سان ڪجهه وقت گذارڻ کان لهرائيندو هو. چاڪاڻ جو جڏهن ڪو شخص روز روز ساڳين ماڻهن سان ملي ٿو، جيئن هو اسڪول ۾ ملندو رهندو هو، ته اهي ماڻهو زبردستي انجي زندگيءَ جو حصو بڻجڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، ۽ هو چاهين ٿا ته اڳلو به سندن مرضيءَ پٽاندڙ پاڻ ۾ تبديلي آڻي. پر جڏهن اهو شخص سندن مرضيءَ پٽاندڙ نه ٿو هلي ته هو ڪاوڙجيو پون. هر ڪنهن کي اها چڱي ريت پروڙ آهي ته ٻين کي زندگي ڪيئن گذارڻ گهرجي، پر پنهنجي زندگي ڪيئن گذارجي اهو سوچڻ لاءِ ڪو به تيار ناهي.

پنهنجي رڍن کي ٻنين ۾ چارڻ لاءِ هو ڏينهن نرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ٽن ڏينهن کانپوءِ ڪيس واپاريءَ جي ڌيءَ سان به ملڻو هو.

ايتري ۾ هن اهو نئون ڪتاب ڪڍي پڙهڻ شروع ڪيو جيڪو خريد ڪيو هئائين. پهرئين ئي صفحي تي هڪ جنازي جو ذڪر هو، ان ڪتاب ۾ جن به ڪردارن جو ذڪر ٿيل هو تن جي نالن کي اُچارڻ ڪيس ڏاڍو ڏکيو پئي لڳو، هن سوچيو ته جڏهن هو ڪو ڪتاب لکندو ته هو هڪ وقت ۾ هڪ ئي ماڻهوءَ جو حوالو ڏيندو ته جيئن پڙهندڙن کي جهجها نالا ياد نه ڪرڻا پون. جڏهن سندس پوري توجهه ڪتاب پڙهڻ ۾ مرڪوز ٿي ته ڪيس ڪتاب پڙهڻ ۾ مزو اچڻ لڳو: اهو جنازو برفباريءَ واري ڏينهن ٿيو، ۽ ڪيس اهو

ٽڏڪار وارو احساس ڏاڍو سٺو لڳو. ڪتاب پڙهندي هڪ پوڙهو بزرگ سندس پر ۾ اچي وينو ۽ هن سان ڪجھ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيائين.

” هو ڇا پيا ڪن؟“ پوڙهي بزرگ عمارت ڏانهن ڪجھ ماڻهن ڏانهن رُخ ڪندي پڇيو.

”ڪم پيا ڪن، “ نِينگرَ ان پوڙهي بزرگ کي اهو احساس ڏياريندي ته سندس ڌيان ڪتاب ۾ آهي، رکو جواب ڏنو.

حقيقت ۾ هو واپاريءَ جي ڌيءَ جي سامهون پنهنجي رڏن کي ڏاسڻ جو سوچي رهيو هو، ته جيئن هوءَ ڏسي سگهي ته هو ڪيترا نه اوکا ڪم پڻ ڪري سگهي ٿو. هو اڳ به ڪيترائي ڀيرا ان گهڙيءَ جو تصور ڪري چڪو هو. نِينگرِيءَ کي متاثر ڪرڻ لاءِ هو ڪيس رڍون ڏاسڻ جا طريقا ٻڌائيندو رهندو هو. پيا به ڪيترائي قصا ۽ واقعا جيڪي هن ڪتابن ۾ پڙهيا هئا سي ڪيس اهڙي ريت ٻڌائيندو رهندو هو جڻ ته اهي واقعا هن سان ٿي گذريا هجن. نِينگرِيءَ کي انهن ڳالهين جي حقيقت جي خبر ئي نه پوي ها ڇاڪاڻ جو هوءَ اُمي هئي.

ان وچ ۾ پوڙهي بزرگ وري سندس خيالن ۾ رنڊڪ وجهندي ڪجھ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن چيو ته هو ٿڪيل ۽ اُڃايل آهي، ۽ نِينگرَ کي مَڌُ جي ڇُسڪي هڻائڻ لاءِ چيائين. نِينگرَ ڪيس بوتل ڏني ته مَنَ هاڻ هو سندس جِند آجي ڪري. پر پوڙهي بزرگ ڳالهائڻ ٿي چاهيو ۽ نِينگرَ کان پڇيائين ته هو ڪهڙو ڪتاب پڙهي رهيو آهي. نِينگرَ ڪاوڙ منجهان سوچيو ته هاڻ هيءَ بينچ ڇڏڻ گهرجي، پر سندس پيءَ ڪيس وڏن جي ادب ڪرڻ جي سکيا ڏني هئي، سو هن ڪتاب کڏي پوڙهي بزرگ کي ڏنو. پوڙهي بزرگ کي ڪتاب ڏيڻ جا به سبب هئا، هڪ ته نِينگرَ کي پنهنجي ئي ڪتاب جو نالو اُچارڻ نه پئي آيو، ۽ ٻيو ته جيڪڏهن پوڙهو بزرگ اُمي آهي ته هو پاڻ ئي شرم وچان هيءَ بينچ ڇڏي ويندو.

”هممم، “ پوڙهي بزرگ ڪتاب جا ورق اُٿلائيندي چيو، جڻ ڪا عجيب شيءِ ڏني هجيس. ” هڪ خاص ڪتاب آهي ايترو دلچسپ ناهي.

نِينگرُ اچرج ۾ پئجي ويو. پوڙهو بزرگ پڙهيو لکيو هو ۽ هو اڳ ۾ ئي اُهو ڪتاب پڙهي چڪو هو. ”جيڪڏهن ڪتاب واقعي دلچسپ ناهي، جيئن پوڙهي بزرگ چيو، ته اڃان انکي تبديل ڪرڻ جو وقت آهي، “ نِينگرَ سوچيو.

”هي اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ سڀ ساڳيون ڳالهيون آهن جيڪي دنيا جي باقي ڪتابن ۾ لکيل آهن.“ پوڙهي بزرگ پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو، ”هن ڪتاب ۾ پنهنجي قسمت پاڻ ناهڻ واري نظريي تي ماڻهن جي ڪمزور اعتقاد بابت وضاحت موجود آهي، ۽ هن ڪتاب جي انت ۾ اهو بيان ٿيل آهي ته هر انسان دنيا جي سڀ کان وڏي ڪوڙ تي يقين رکي ٿو.“

” ۽ اهو دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوڙ ڪهڙو آهي؟“ نِينگرَ انتهائي حيرت منجهان پڇيو.

” اهو هي آهي ته، اسان زندگيءَ ۾ ڪنهن هڪ مخصوص مرحلي تي پاڻ سان پيش ايندڙ حالات ۽ واقعات جي نتيجي ۾ هار مڃي پنهنجي زندگيءَ کي قسمت جي آڌار تي ڇڏي ڏيون ٿا، اهو ئي دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوڙ آهي.“

” ائين مونسان ته ڪڏهن به نه ٿيو آهي،“ نِينگرَ وراڻيو. ” منهنجي والدين مونکي پادري بڻائڻ ٿي چاهيو پر مون ريڍار بڻجڻ جو فيصلو ڪيو.“

” ڏاڍو سٺو،“ پوڙهي چيو. ”اهو انڪري جو توکي سير و تفريح ڪرڻ ۾ دلچسپي هئي.“

” ڪيس خبر آهي ته آءٌ ڇا سوچي رهيو آهيان،“ نِينگرَ جي من ۾ خيال آيو. جڏهن ته پوڙهو بزرگ ڪتاب جا ورق مسلسل اُٿلائي رهيو هو. نِينگرَ ان پوڙهي بزرگ کي پهريل عجيب وَيسُ تي غور ڪيو، هو هڪ عرب لڳي رهيو هو، جيڪا اُن علائقي ۾ ڪا نئين ڳالهه نه هئي. ڇاڪاڻ جو ٽيڙين جي وسيلي ڪجهه سوڙهن پيچرن کي پار ڪندي آفريڪا کان طريفا ۾ ڪجهه ڪلاڪن جو فاصلو هو، ۽ عربن جي هن شهر ۾ گهڻي اچ وڃ هئي. هت هو خريداري ڪندا هئا ۽ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا پنهنجي عبادت پڻ ڪندا هئا.

”توهان ڪٿان جا آهيو؟“ نِينگرَ پڇيس.

”منهنجو تعلق ڪيترين ئي جڳهين سان آهي،“

” ڪنهن جو تعلق ڀلا هڪ وقت ۾ هڪ کان وڌيڪ جڳهين سان ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟“ نِينگرَ چيو.

” آءٌ هڪ ريڊار آهيان ۽ مون ڪيترين ئي جڳهين جو سير ڪيو آهي، پر منهنجو تعلق ته هڪ ئي شهر سان آهي جيڪو قلعي جي پر ۾ آهي، ۽ اهو ئي منهنجي جنم ڀومي آهي.“

” ٺيڪ آهي، ته پوء ائين چئي سگهجي ٿو ته منهنجي جنم ڀومي سالم آهي.“

نِينگرَ کي سالم جي بابت ڪا ڄاڻ نه هئي ته سالم ڪٿي آهي، پر هن ان ڏِس ۾ پڇڻ به نه پئي چاهيو ته متان هو ٻڌائڻ کان انڪار ڪري. هن ٿوري دير لاء بازار جي عمارت ۾ اينڌڙ ويندڙ ماڻهن ڏانهن ڏٺو، سڀ جا سڀ مصروف نظر اچي رهيا هئا.

” سالم ڏسڻ ۾ ڪيئن آهي،“ نِينگرَ پڇيو ته مَنَ ڪا ڳَالَ پوي.

” سالم ائين ئي آهي جيئن سدائين کان هو.“

ڪيس ڪا ڳَالَ نه پئي. پر ان بابت ته ڪيس پڪ هئي ته سالم اندلس ۾ ناهي، جيڪڏهن اندلس ۾ هجي ها ته ان بابت هو ضرور ٻڌي ها.

” اوهان سالم ۾ ڇا ڪندا آهيو؟“ نِينگرَ زور ڀريندي پڇيو.

” آءٌ سالم ۾ ڇا ڪندو آهيان؟“ پوڙهي بزرگ ڪلندي چيو.

” آءٌ سالم جو بادشاه آهيان!“

” ماڻهو اهڙيون عجيب ڳالهيون ڪندا رهندا آهن،“ نِينگرَ سوچيو.

ان کان ته رڍن سان گڏ هجڻ ۾ چڱائي آهي. هو ڪي اهڙيون عجيب ڳالهيون ته نه ڪنديون. يا وري خِلوَتَ ۾ ڪتاب پڙهي وقت گذارجي، جيڪي اُن وقت اهڙيون ناقابلِ يقين ڳالهيون ٻڌائين ٿا جنهن وقت اوهان ڪين ٻڌڻ چاهيو ٿا. پر جڏهن انسان سان ڳالهائجي ٿو ته اهي اهڙيون عجيب ڳالهيون ڪريو ڇڏين جو ٻڌڻ وارو منجهيو پوي ته هاڻ ڳالهه کي ڪيئن جاري رکجي.

”منهنجو نالو مالڪي زيدڪ آهي،“ پوڙهي بزرگ چيو.

”تو وٽ گهٽيون رڍون آهن؟“

” پوريون ساريون آهن،“ نِينگرَ وراڻيو. ڪيس ائين تي لڳو تہ پوڙهو بزرگ سنڌس بابت وڌيڪ ڄاڻڻ چاهي ٿو.

” پوءِ تہ مسئلو آهي. جيڪڏهن تون سمجهين ٿو تہ تو وٽ پوريون ساريون رڏون آهن تہ پوءِ آءٌ تنهنجي واهَرَ نہ ٿو ڪري سگهان.“

نِينگرَ کي خار لڳي. هن تہ واهَرَ لاءِ چيو ئي نہ هو. اهو تہ هو پاڻ پوڙهو بزرگ هو جنهن مَڏُ جي چُسڪي هٽائڻ لاءِ چيو هو ۽ ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪئي هئي.

” مونکي پنهنجو ڪتاب ڏيو،“ نِينگرَ چيو. مونکي پنهنجون رڏون ڳڏ ڪري اڳتي وڌڻو آهي.“

” مونکي پنهنجي رڍن جو ڏهون حصو ڏي تہ آءٌ توکي ان ڳجهي خزاني جي بابت ڪجهہ ٻڌايان.“ پوڙهي بزرگ چيو.

نِينگرَ کي پنهنجو خواب ياد آيو، ۽ اُمالَڪُ هر ڳالهہ سندس آڏو پڌري ٿي بيني. خانابدوش (رَمتِي) ٻيڏي‌ءَ هن کان ڪا اُجرت نہ ورتي هئي، پر هي پوڙهو بزرگ شايد انجو مڙس آهي، ۽ شايد ان ڳجهي خزاني جنهن جو ڪو وجود ئي ناهي بابت معلومات ڏيڻ جي بدلي ۾ وڌيڪ پئسا ڪمائڻ چاهي ٿو. گهڻو ڪري هي پوڙهو بہ خانابدوش (رَمتَو) ئي آهي.

پر ان کان پهرين جو نِينگرُ ڪا ڳالهہ ڪري، ان پوڙهي بزرگ هيٺ جهڪي هڪ ڪاٺيءَ جو ٽڪرو کنيو ۽ عمارت وٽ موجود واريءَ تي ڪجهہ لکڻ شروع ڪيائين، ۽ اُمالَڪُ سندس سيني مان چمڪاٽ ڏيندڙ روشني نمودار ٿي، جنهن جي شدت ايتري هئي جو نِينگرُ ٿوري دير لاءِ انڌو ٿي پيو. سندس جمار جي ماڻهن سان اهڙي پانت جا واقعا گهٽ نمودار ٿيندا آهن. پوءِ پوڙهي بزرگ پنهنجي ٽوپيءَ سان ان روشنيءَ کي ڍڪي ڇڏيو. جڏهن سندس بينائي واپس آئي تہ نِينگرُ اهو پڙهڻ جي قابل ٿيو جيڪو پوڙهي بزرگ ريتيءَ تي لکيو هو. واريءَ تي نِينگرَ پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ سنڌس اسڪول جا نالا پڙهيا. هن واپاريءَ جي ڌيءَ جو نالو پڻ پڙهيو، جنهن جي اڳ ڪيس خبر نہ هئي، ۽ اهي ڳالهيو پڻ پڙهيائين جيڪي هن اڳ ڪنهن سان نہ ڪيون هيون.

” آءٌ سالم جو بادشاهہ آهيان،“ پوڙهي بزرگ ڪجهہ دير اڳ چيو هو.

” پر هڪ بادشاهہ ڀلا هڪ ريڍار سان ڇو ڳالهائيندو،“ نِينگرَ ڦِڪائيءَ منجهان پڇيو.

”ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. پر سڀ کان اهم سبب اهو آهي ته تو پنهنجي تقدير ڳولي ورتي آهي.“

نِينگرَ کي اها خبر نه هئي ته ”تقدير“ ڇا ٿيندي آهي.

” جيڪي تون ماڻڻ چاهين ٿو اها ئي تقدير آهي. ننڍپڻ ۾ سيني کي پنهنجي تقدير جي آگاهي هوندي آهي، زندگيءَ جي ان مرحلي تي هر ڳالهه ڇٽي ۽ ممڪن هوندي آهي. ٻار خواب لهڻ ۽ هر ان شيءِ کي ماڻڻ کان نه ڪيٻائيندا آهن، جيڪا هو چاهين ٿا. پر جيئن جيئن وقت گذرندو آهي، تيئن تيئن هڪ غيبي طاقت کين ان ڳالهه تي آماده ڪرڻ شروع ڪندي آهي ته پنهنجي تقدير پاڻ ناهڻ هڪ نا ممڪن شيءِ آهي.“

پوڙهي بزرگ جي ڪا به ڳالهه نِينگرَ جي سمجهه ۾ نه ٿي آئي. پر نِينگرَ ان غيبي طاقت بابت وڌيڪ ڄاڻڻ ٿي چاهيو. ”واپاريءَ جي ڌيءَ کي اها ڳالهه ٻڌائبي ته ڏاڍي سَرَهي ٿيندي!“ نِينگرَ سوچيو.

”اها هڪ ناڪاري طاقت جي صورت ۾ پڌري ٿئي ٿي. پر، اها طاقت توهان کي پنهنجي تقدير ماڻڻ ۾ توهانجي واهَرَ ڪري ٿي. اها طاقت توهان جي روح کي ۽ توهان جي مقصد کي تيار ڪري ٿي. ڇاڪاڻ جو هن پوري گرهه تي صرف هڪ ئي وڏي ۾ وڏو سچ آهي: اهو هي آهي ته توهان پلي ڪير به هجو، ڇا به ڪندا هجو، جڏهن توهان ۾ ڪنهن شيءِ کي ماڻڻ جي خواهش پيدا ٿئي ٿي ته هن زمين تي اهو اوهانجو مقصدِ حيات ٻڻجي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ جو ڪابه خواهش ڪائنات جي روح مان جنم وٺي ٿي.“

” پلي اها خواهش مسافري ڪرڻ جي هجي، يا ڪپڙي جي واپاريءَ جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ جي؟“

”هائو، خزاني جي ڪوجنا جي به ٿي سگهي ٿي: ماڻهن جون سرهائيون، غم، ڪينو ۽ بغض هن دنيا جي روح کي سگهارو ڪن ٿا. ڪنهن شخص کي صرف پنهنجي تقدير جو احساس هجڻ ئي واحد شرط آهي، باقي سڀ شيون هڪٻئي جهڙيون ئي آهن.“

”جڏهن توهان ڪنهن شيءِ جي خواهش ڪيو ٿا ته، سموري ڪائنات ان شيءِ کي ماڻڻ جي منصوبي ۾ اوهانجي واهَرَ ڪري ٿي.“

ڪجھ وقت لاءِ ٻئي چپ رهيا ۽ عمارت ۽ ان شهر جي ماڻهن جي اچ وڃ کي غور سان ڏسندا رهيا. پوڙهي بزرگ نيٺ ڳالهايو.

” تو پاڻ وٽ رڍن جو ڌڻ چو رکيو آهي؟“

” چاڪاڻ جو مونکي مسافريءَ ۾ دلچسپي آهي.“

پوڙهي بزرگ عمارت جي ڪنڊ ۾ پنهنجي هَٽَ ۾ موجود هڪ نانوائيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ ”ننڍي هوندي ان نانوائيءَ کي پڻ مسافريءَ جو شوق هو. پر ان لاءِ هن پهريان هَٽَ خريد ڪيو تہ جيئن هو ڪجھ ڏوڪڙ پاسيرا ڪندو وڃي. پر هاڻ جڏهن هو پوڙهو ٿيندو تڏهن ئي وڃي هو آفريڪا ۾ هڪ مهينو گذارڻ جي قابل ٿيندو. ڪيس اهو احساس ئي نہ هو تہ ماڻهو زندگيءَ جي ڪنهن بہ حصي ۾ ڪڏهن بہ پنهنجي خوابن جي ساڀيان ماڻڻ جي سگھ رکي ٿو.“

” ڪيس ريڍار بڻجڻ گهرجي ها،“ نِينگرَ چيو.

”هن ان بابت سوچيو هو، پر نانوائي ريڍارن کان وڌيڪ اهميت رکن ٿا، ڪين پنهنجا گهر آهن، جڏهن تہ ريڍار کلي آسمان هيٺان سمهن ٿا. مائٽ پنهنجي نياڻين جي شادي ريڍارن جي بجاءِ نانوائين سان ڪرائڻ کي ترجيح ڏيندا.“

نِينگرَ کي واپاريءَ جي ڌيءَ بابت اچي دل ۾ سوداءُ وينو، چاڪاڻ جو شهر ۾ نانوائي بہ موجود هو.

پوڙهي بزرگ پنهنجي ڳالھ جاري رکندي چيو تہ ”هڪ وسيع نظريي پٽاندڙ، ماڻهن لاءِ ريڍارن ۽ نانوائين بابت سوچڻ، پنهنجي پاڻ بابت سوچڻ کان وڌيڪ اهم آهي.“ پوڙهو بزرگ ڪتاب جا ورق اُٿلائيندي هڪ ورق کي پڙهڻ ۾ مُستَغرق ٿي ويو.

نِينگرَ سندس فارغ ٿيڻ جو انتظار ڪندي ڪندي پوڙهي بزرگ جي توجھ ۾ رخنو وجهندي چيو تہ ” اوهان هي سڀ ڳالهيون مونکي چو ٻڌائي رهيا آهيو؟“

”چاڪاڻ جو تون پنهنجي تقدير کي ماڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين. ۽ هن وقت تون ان موڙ تي بيٺل آهين جتي تون ڪنهن بہ وقت همت هاري سگهين ٿو.“

” چا هي اهو ئي موڙ آهي جتي توهان سدائين پڌرا ٿيندا آهيو؟“

”نه، سدائين ائين نه ٿيندو آهي. ڪڏهن آءٌ ڪنهن مسئلي جي حل سان يا ڪا سٺي ڳالهه ڪٽي پڌرو ٿيندو آهيان، يا وري ڪڏهن مشڪل گهڙين ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ لاءِ، پر ٻيا به ڪيترائي ڪم آءٌ ڪندو رهندو آهيان، پر، گهڻو ڪري ماڻهن کي ان ڳالهه جو احساس نه ٿيندو آهي ته مون انهن لاءِ ڇا ڇا ڪيو.“

پوڙهي بزرگ پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو ته هڪ هفتو پهريان هو هڪ ڪاٺين ڪوٺڻ واري جي آڏو هڪ پٿر جي شڪل ۾ پڌرو ٿيو هو، ان ڪاٺ ڪوٺڻ واري اَمُلهه زمرد جي ڪوٺائيءَ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه ڇڏي ڏنو هو. پنجن ورهين کان هو هڪ نديءَ جي اوسي پاسي ۾ کوٽائي ڪري رهيو هو ۽ هڪ زمرد جي ڪوجنا ۾ هو لکين پٿرن جو معائنو ڪري چڪو هو.

ڪاٺ ڪوٺڻ وارو ان مهل همت هارڻ وارو هو جڏهن زمرد کي ماڻڻ لاءِ صرف هڪ پٿر جي کوٽائي باقي هئي، صرف هڪ پٿر. جيئن ته ڪاٺ ڪوٺڻ واري هر شيءِ پنهنجي تقدير کي ماڻڻ لاءِ قربان ڪري ڇڏي هئي، تنهنڪري ان پوڙهي بزرگ سندس ڪم ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. هو پٿر جي شڪل اختيار ڪري رڙهندو وڃي ڪاٺ ڪوٺڻ واري جي پيرن ۾ پيو. ڪاٺ ڪوٺڻ واري پنجن ورهين جي اجائي ويندڙ جاکوڙ سبب پيدا ٿيندڙ نا اميدي ۽ چڙ مان اهو پٿر کڻي ايتري ته زور سان پاسي تي اڇلايو جو هيٺ پيل پٿر جي مٿان ڪرندي ئي انکي ٽوٽا ڪري وڌائين، ۽ ان پرزا تي ويل پٿر ۾ ئي دنيا جو خوبصورت زمرد لڪيل هو.

”ماڻهو پنهنجو مقصدِ حيات پنهنجي زندگيءَ جي مُنڍ ۾ ئي ڇاڏي وڃن ٿا.“ پوڙهي تلخ لهجي وچان چيو. ”شايد ان جي ڪري ئي هو جلدي هار به مڃي ٿا ويهن. اهو سڀ ڪجهه ائين ئي هلندو رهي ٿو.“

نِينگرَ پوڙهي بزرگ کي ياد ڪرايو ته هن لڪل خزاني جي بابت ڪجهه چيو هو.

”اهو خزانو پاڻيءَ جي وهڪري جي شدت سبب پڌرو ٿي ساڳئي ئي وهڪري سبب لَڪجي به چڪو آهي.“ پوڙهي بزرگ چيو. ”جيڪڏهن توکي ان خزاني بابت وڌيڪ معلومات گهرجي ته توکي پنهنجي ڌڻ جو ڏهون حصو مونکي ڏيڻو پوندو.“

”خزاني جي ڏهين حصي جي بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟“

پوڙهي بزرگ مايوسي وچان ڪيس ڏنو ۽ چيائينس. ”جيڪڏهن تون ان شيءِ جي بابت واعدا ڪندو رهندي جيڪا تو وٽ آهي ئي ڪانه، تہ تون ان شيءِ کي ماڻڻ واري خواهش ئي وڃائي ويهندي.“

نِينگرَ ڪيس پنهنجي خزاني جي ڏهين حصي ڏيڻ واري واعدي جو بہ ٻڌايو جيڪو هن خانابدوش (رَمتِي) ٻڍڙيءِ سان ڪيو هو.

”اهي خانابدوش (رَمتا) ماڻهن کان اهڙا واعدا وٺڻ ۾ ماهر آهن.“ پوڙهي بزرگ ٿڌو ساهہ کڻندي وراڻيو.

پوڙهي بزرگ ڪتاب نِينگرَ کي موٽائيندي چيو تہ، ”سياڻي هن ئي وقت پنهنجي ڌڻ جو ڏهون حصو منهنجي حوالي ڪر تہ پوءِ آءٌ توکي ٻڌائيندس تہ ان لڪيل خزاني جي ڪيئن کوجنا ڪجي. چڱو هاڻ موڪلاڻي آهي“، اهو چئي پوڙهو بزرگ عمارت جي پٺِ ۾ لمڻجي ويو (لمڻجي وڃڻ = غائب ٿيڻ، گم ٿيڻ يا اڏامي وڃڻ).

❖

نِينگرَ ٻيهر پنهنجو ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو، پر هاڻ هو ان تي توجهہ نہ پئي ڏئي سگهيو، هو پريشان هو، ڇاڪاڻ جو ڪيس خبر هئي تہ بزرگ جي ڳالهہ صحيح هئي. هو نانوائيءِ ڏانهن ماني وٺڻ لاءِ ويندي اهو سوچيندو رهيو تہ نانوائيءِ سان پوڙهي بزرگ واري سندس بابت ڪيل حقيقت بيان ڪجي يا نہ. وري هن سوچيو تہ ڪڏهن ڪڏهن جيڪي ڳالهيون جتي جيئن آهن ڪين اتي ئي ڇڏڻ گهرجي، بهتري انهي ۾ آهي. هن چُپ رهڻ جو فيصلو ڪيو. جيڪڏهن هو نانوائيءِ کي ڪا ڳالهہ ٻڌائي ها تہ ٻن ٽن ڏينهن جي سوچ ويچار ڪانپوءِ پلي هو ڪيترو بہ پنهنجي ڪم جو عادي ٿي ويو هجي، هر شيءِ تان هٿ ڪڻي ويهي ها. نِينگرُ نانوائيءِ بابت پنهنجي پريشانيءِ تي ضبط ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ شهر ۾ گهمندي گهمندي هڪ دروازي تي اچي پُڳو، جتي هڪ عمارت جي ڪِٽڪيءِ مان ماڻهو آفريڪا جي لاءِ ٽڪيٽ خريد ڪري رهيا هئا. ۽ نِينگرَ کي خبر هئي تہ مصر آفريڪا ۾ آهي.

”ڇا آءٌ توهانجي ڪا مدد ڪري سگهان ٿو؟“ ڪِٽڪيءِ مان هڪ ماڻهو پڇيو.

” گهٽو ڪري سياٽي.“ نِينگرَ اڳتي وڌندي ورائيو. اهو خيال ڪندي هو گهبرائي رهيو هو ته جيڪڏهن هو هڪ رڍ ڪپائيندو ته صرف هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين ئي پهچي سگهي ٿو.

”هڪ ٻيو خواب لهڻ وارو، “ تڪيٽ ڪپائڻ واري نِينگرَ کي ويندو ڏسي پنهنجي منشيءِ کي چيو. ”وٽس سفر ڪرڻ لاءِ پئسا پورا ناهن.“

تڪيٽ واري ڳِٽڪيءِ کان گذرڻ دوران نِينگرَ کي پنهنجو ڌڻ ياد آيو، هن فيصلو ڪيو ته هاڻ واپس ٿي پنهنجو ريڍارڪو ڪم ئي سنڀالجي. ٻن ورهين ۾ رڍون ڏاسڻ، ڳورهاري رڍن جي پرگهور لهڻ ۽ رڍن کي لومڙن جي حملي کان محفوظ رکڻ تائين هو ريڍارڪي ڪم بابت هر شيءِ سِکي چڪو هو. ڪيس اندلس جي ميدانن ۽ چراگاهن کان پڻ واقف ٿي چڪو هو ۽ ڪيس پنهنجي هر رڍ جي مُلهه جو به صحيح ڪاٿو معلوم هو.

هن پنهنجي دوست جي واڙي ڏانهن ويندڙ ڊگهي رستي جو انتخاب ڪيو. گهمندو ڦرندو هو شهر جي ڪوٽ کان اڳتي نڪري ويو، پر ٿورو پوئتي موٽي پٿرن جي ٺهيل چاڙهيءِ تي چڙهيو جيڪا اتي موجود ٻِٽ جي چوٽيءِ تي وڃي رهي هئي. اتان ڪيس ڳچ فاصلي تي آفريڪا نظر اچي رهيو هو. هڪ دفعي ڪنهن ڪيس ٻڌايو هو ته ڪنهن وقت ۾ ماريتانيا جا ويڙهاڪ اسپين تي قبضي لاءِ آيا هئا.

ٻِٽ تي ويٺي هو سمورو شهر ڏسي پئي سگهيو، اها عمارت جتي هو پوڙهي بزرگ سان ڪچهري ڪري رهيو هو. ”اها گهڙي منحوس گهڙي هئي جڏهن آءٌ پوڙهي بزرگ سان مليس،“ هن سوچيو. هو شهر ۾ صرف ٻيڏي عورت کان پنهنجي خواب جي تعبير پڇڻ لاءِ آيو هو. نه ئي اها ٻيڏي عورت، نه ئي پوڙهو بزرگ هن جي ريڍار هجڻ تي متاثر ٿيا هئا. هو ٻئي خِلوَتُن ۾ رهڻ وارا هئا، جن کي ڪنهن شيءِ تي ويساهه نه هو، ۽ هو اها ڳالهه به نه پئي سمجهي سگهيا ته ڪيئن هڪ ريڍار پنهنجي رڍن سان لڳاءُ رکي ٿو. ڪيس پنهنجي ڌڻ جي هڪ هڪ جانور بابت ڄاڻ هئي.ڪيس خبر هئي ته ڪهڙي رڍ ڪمزور آهي، ڪهڙي رڍ جو ٻن مهينن جي اندر ويم ٿيڻ وارو آهي ۽ ڪهڙي رڍ بلڪل سست آهي. ڪيس اها به خبر هئي ته رڍون ڪيئن ڏاسبيون، ڪين ڪيئن ذبح ڪبو. جيڪڏهن هن رڍن کي ڇڏڻ جو سوچيو ته ڪين هاجو به رَسي سگهي ٿو.

واء لڳڻ شروع ٿي چڪي هئي. ڪيس ان واء بابت خبر هئي _ انکي ماڻهو ليوانٽر يا اوپر جو واء جي نالي سان سڏيندا هئا، چاڪاڻ جو انهي واء جي طرف تي ماريتانيا جا ويڙهاڪ يورپ ۽ آفريڪا جي وچ واري سمنڊ جي اوپر ڪان آيا هئا.

واء جي رفتار تيز ٿيندي وئي. ” هاڻ آءُ پنهنجي ڏڻ ۽ ان خزاني جي وچ تي آهيان.“ نِينگرُ سوچي رهيو هو. ڪيس انهن ٻن شين، هڪ ته جنهن جو هو عادي ٿي چڪو هو ۽ ٻي جيڪا هن ماڻڻ ٿي چاهي، مان ڪابہ هڪ شيء چونڊڻي هئي. ٻئي طرف وري واپاريء جي ڌيء بہ هئي، پر هوءَ سندس ڏڻ کان وڌيڪ اهم نہ هئي، چاڪاڻ جو هوءَ سندس تي نہ پئي ياڙي. ٿي سگهي ٿو تہ هي انکي ياد بہ نہ هجي. ڪيس اها پڪ هئي تہ واپاريء جي هن جي اوڏانهن اچڻ يا وڃڻ سان ڪو بہ فرق نہ ٿو پوي، چاڪاڻ جو واپاريء جي ڌيء لاء هر ڏينهن هڪ جهڙو هو، ۽ جڏهن هر ڏينهن هڪجهڙو لڳڻ لڳي تہ ان جو سبب اهو آهي تہ ماڻهو هر ڏينهن هڪ نئين سج جي اُيرڻ سان هر ان سني شيء کي سڃاڻڻ ۾ ناڪام ويو جيڪا سندن زندگيء ۾ اچي هلي ويئي.

”مون پنهنجا ماءُ پيءُ ۽ شهر بہ ڇڏي ڏنو. هاڻ هو مونکان پري رهڻ جا عادي ٿي چڪا هوندا جيئن آءُ انهن ڪان پري رهڻ جو عادي ٿي چڪو آهيان. رڍون پڻ مون ڪان پري رهڻ جون عادي ٿي وينديون.“ نِينگرُ سوچي رهيو هو.

هي اُتي ويني عمارت کي ڏسي رهيو هو. ماڻهن جي نانوائيء جي هَٽَ تي اڄ وچ جاري هئي. هڪ نوجوان جوڙي ان ساڳي بينچ تي ويني پيار پئي ڪيو، جنهن بينچ تي هو پوڙهي بزرگ سان ڪچهري ڪري رهيو هو.

”نانوائي..........“ پاڻ سان ڳالهائيندي هن پنهنجو جملو اڌ ۾ ڪٽي ڇڏيو. واء اجا تيزيء سان جُهوتڻ لڳو ۽ هو پنهنجي چهري تي واء جي شدت کي محسوس ڪري رهيو هو. ان واء جي طرف تي ماريتانيا جا ويڙهاڪ هت آيا هئا _ ها. پر ان واء سان گڏ ريگستان ۽ پردي وارين عورتن جي سڳنڌ پڻ آئي هئي. ان واء پاڻ سان گڏ انهن جانبازن جو پگهر ۽ اهي خواب بہ آندا هئا جن نا معلوم شين جي ڳولا، خزانن ۽ احرام مصر تائين پهچڻ ۾ پنهنجو الهه تلهه ٿُڏي ڇڏيو هو. نِينگرَ کي واء جي اهڙي آزاديء تي حسد ٿيڻ لڳو، ۽ سوچڻ لڳو تہ جيڪر! وٽس بہ اهڙي آزادي هجي هان.ڪيس پوئتي روڪڻ لاء ڪا بہ اهڙي شيء نہ هئي سواء هن جي پنهنجي ارادي جي.صرف رڍون، واپاريء جي ڌيء، ۽ اندلس جا ميدان ئي پنهنجي قسمت تائين پهچڻ واري سندس رستي جي وچ ۾ هئا.

ٻئي ڏينهن منجهند جي وقت نِينگرُ پنهنجون ڇهه رڍون ڪٽي پوڙهي بزرگ سان مليو.

”مونکي حيرت ٿي آهي، ته منهنجي دوست منهنجون باقي رڍون به خريد ڪري ورتيون آهن. هو چوي پيو ته ريڍار بڻجڻ سندس خواب هو ۽ اهو ته هڪ سنو سوڻ آهي.“ نِينگرَ جوش وچان چيو.

”سدائين ائين ئي ٿيندو آهي. اهو پلائيء جو قائدوآهي. جڏهن پهريون ڀيرو پتي راند کيڏبي آهي تڏهن گهڻو ڪري توهانکي پنهنجي کٽڻ جو يقين هوندو آهي.جيکو سيڪڙات جو ڀاڱ چورائبو.“ پوڙهي وراڻيو.

”ڇا مطلب؟“

”ڇاڪاڻ جو هڪ اهڙي قوت موجود آهي جيڪا توهانکي پنهنجي تقدير کي ماڻڻ ۾ توهانجي واهَر ڪري ٿي؛ اها قوت توهانجي بُک کي ڪاميابي جي ترغيب ڏئي ٿي.“

پوڙهي بزرگ رڍن جو معائنو شروع ڪيو، ڪيس هڪ رڍ ڪمزور نظر آئي. نِينگرَ چيو ته اهو ڪو مسئلو ناهي، اها ئي رڍ پوري ڌڻ مان ڦڙتيلي هئي ۽ ججهي اُن به ڏيندي هئي.

”خزانو ڪٿي آهي؟ نِينگرَ پڇيو.

”اهو مصر ۾ احرامن جي ويجهو آهي.“

نِينگرُ ڇرڪيو. ٻيڙي خانابدوش (رَمتِي) به ساڳي ڳالهه چئي هئي. پر هن ته ڪو معاوضو به نه ورتو هو.

”خزاني جي کوجنا لاء توکي ڪجهه سَوڻن جي پويان هلڻو پوندو. خدا تعاليٰ هر ڪنهن جي لاء هڪ پيچرو ناهي چڏيو آهي. توهانکي صرف اهي علامتن تي غور ڪري ان پيچري تي هلڻو پوندو.“

ان ڪان پهرين جو نِينگرُ ڪجهه وراڻي، هڪ پوپٽ اڏامندو ٻنهي جي سامهون اچي پٽرو ٿيو. ان مهل ڪيس پنهنجي ڏاڏي جي ٻڌايل هڪ ڳالهه ياد آئي ته _ پوپٽ هڪ سني ڳالهه جو سَوڻُ آهن، جيئن تِڏيون، اُميدون، ڪِرڙيون، ۽ چئن پَنَن وارو گاهُ آهن. پوڙهي بزرگ نِينگرَ جي ذهن ۾ جيڪا سوچ هلي رهي هئي انکي محسوس ڪندي چيو، ”جيڪا ڳالهه تنهنجي ڏاڏي توکي ٻڌائي آهي، اها حقيقت آهي، اهي سڀ سنا سوڻَ آهن. “

پوڙهي بزرگ پنهنجو اَنگرکو لاٿو ته ان بزرگ جي چاتيءَ تي ٻڌل سون جي پٽي ۾ پيل اَمُلهه پٿرن کي ڏسي نِينگرُ اچرج وچان ڄمي ويو. نِينگرَ کي ڪالهوڪو چرڪائيندڙ واقعو ياد اچي ويو.

هو واقعي بادشاهه آهي. هن ضرور چورن لٽيرن کان بچڻ لاءِ پنهنجو ويس مٽايو هوندو.

پوڙهي بزرگ چاتيءَ تي ٻڌل سون جي پٽي مان هڪ ڪارو ۽ هڪ اڇو پٿر ڪڍي نِينگرَ کي ڏيندي چيو، ”هي وٺ.

”اهي پٿر يورِم ۽ ٿومِم سڏرائجن ٿا. ڪارو پٿر ”ها“ ۽ اڇو پٿر ”نه“ کي پڌرو ڪري ٿو. جڏهن تون قدرتي سَوڻ سمجهي نه سگهندي تڏهن اهي پٿر تنهنجي رهنمائي ڪندا. پر انهن کان سدائين معنيٰ خيز سوال ڪجان.“

”پر جيڪڏهن تون ڪو فيصلو ڪرڻ جي قابل هجين ته ڪوشش ڪري اهو فيصلو پاڻ ڪجان. اها ته توکي اڳ ۾ ئي خبر آهي ته خزانو احرامن وٽ آهي. مون توکان ڇهن رڍن جو معاوضو صرف توکي تنهنجي فيصلي ۾ واهَرَ ڪرڻ لاءِ ورتو آهي.“

نِينگرَ اهي پٿر پنهنجي ڳوٿريءَ ۾ رکيا، ۽ اهو خيال ڪيو ته اڄ کانپوءِ هو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندو.

”ڪنهن به ڪم ڪرڻ کا اڳ اها ڳالهه ڪڏهن به نه وسارجان ته جيڪي ڪجهه آهي ته بس اهو ئي آهي، انکان علاوه ٻيو ڪجهه ناهي. ۽ انهن علامتن جي ٻولي کي به نه وسارجان. ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها ته پنهنجي تقدير کي تڪميل تائين پهچائڻ به نه وسارجان.“

”وڃڻ کان اڳ توکي هڪ ننڍڙي آکاڻي ٻڌائڻ چاهيان ٿو.“

”هڪ هَٽائيءَ پنهنجي پٽ کي سرهائيءَ جو ڳُجهه ڄاڻڻ لاءِ دنيا جي بهترين ساجهه وند شخص ڏانهن موڪليو. نِينگرُ رڻ جهاڳيندو جبل جي چوٽيءَ تي موجود هڪ خوبصورت محل وٽ پُڳو جتي اهو ساجهه وند شخص رهندو هو.

محل جي ڀرين ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي نِينگرَ ان ساجهه وند شخص کي ڳولڻ جي بجاءِ اتي ٿيندڙ ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي) کي ڏسندو رهيو: واپارين جي اچ وڃ لڳي

پئي هئي، ڪنڌن ۾ ماڻهن جون ڪچهريون هلي رهيون هيون، ڳاني ڳائڻ وارن جي هڪ ٽولي مٽر ڏنون وڄائي رهي هئي، ۽ پاسي تي هڪ ٽيبل تي دنيا جي ان حصي جي بهترين ۽ لذيذ کاڌن جا ٿالهه رکيل هئا. ايتري ۾ ساڃهه وند شخص اتي موجود ماڻهن سان ڳالهائڻ شروع ڪيو، ۽ نِينگرَ کي پنهنجي واري اچڻ جو ٻه ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پيو.

نِينگرَ جي اچڻ جي مقصد جي وضاحت ساڃهه وند شخص غور سان ٻڌي ڪيس چيائين ته هن وقت هو ٿورو مصروف آهي ۽ نِينگرَ کي چيائين ته محل جو سير ڪري ٻن ڪلاڪن کانپوءِ موٽي اچ.

”ان دوران هڪ ڪم ڪر،“ نِينگرَ جي هٿ ۾ تيل جي ٻن ڦڙن سان ڀريل هڪ چمچو ڏيندي ساڃهه وند شخص ڪيس چيو. ”محل جي سير دوران هي چمچو پاڻ وٽ اهڙي ريت رک جو ان ۾ موجود تيل نه هارجي.“

نِينگرُ چمچي کي سنڀاليندي محل جون ڏاڪڻون چڙهندو ۽ لهندو رهيو. ٻن ڪلاڪن کانپوءِ هو ساڃهه وند شخص وٽ واپس آيو.

”ڇا تو دالان ۾ لٽڪيل اَمُلهه ۽ نفيس ايراني پڙدا ڏٺا؟ ڇا تو اهو باغيچو ڏٺو جنهنکي سنوارڻ ۾ هڪ عمده مالهيءَ کي ڏهه ورهيه لڳي ويا؟ ڇا تنهنجو ڌيان منهنجي ڪتب خاني ۾ موجود چمڙي جي ٺهيل خوبصورت ورقن ڏانهن ويو؟“

نِينگرُ شرمسار ٿيو، ۽ اهو اعتراف ڪيائين ته سندس ڌيان ڪنهن شيءِ ڏانهن نه ويو. سندس ڌيان فقط ان چمچي ۾ پيل تيل کي هارجڻ کان بچائڻ ۾ هو جيڪو ان ساڃهه وند شخص ڪيس ڏنو هو.

”ٺيڪ آهي،هاڻ تون وري واپس وڃ ۽ منهنجي محل جا عجائبات ڏس. تون ڪنهن ماڻهوءَ تي سندس گهر ڏسڻ کان بغير ويساهه نه ڪري سگهين.“ ساڃهه وند شخص ڪيس چيو.

نِينگرَ کي اطمينان ٿيو، ۽ چمچو کڻي محل کي ڏسڻ لاءِ روانو ٿيو. هن دفعي هن محل جي ڇتين ۽ ڀتين تي چٽيل ڪم، باغيچا، محل جي چوڌاري پهاڙ، گلن جي سونهن ڏسي ان دلچسپيءَ جو ڪاتو به لڳايو جنهن دلچسپيءَ سان اهو سڀ ڪم ٿيل هو. ساڃهه وند شخص ڏانهن واپسيءَ تي هن اکين ڏٺو سڀ ڪجهه اچي بيان ڪيو.


www.sindhsalamat.com

” پر تيل جا قطرا ڪٿي آهن جيڪي مون توکي ڏنا هئا؟“ ساڃهه وند شخص چيو.

چمچي ڏانهن نظر ڪندي جڏهن نِينگرَ ڏٺو ته تيل جا قطرا غائب ٿي چڪا هئا.

”چڱو، هاڻ صرف هڪ صلاح آءٌ توکي ڏئي سگهان ٿو“ ساڃهه وند شخص چيو. ” دنيا جا سڀ عجائبات ڏسڻ ۾ ئي سَرَهائيءِ جو ڳُجهه لڪل آهي، پر ڪڏهن به چمچي ۾ پيل تيل جي ڦڙن کي ناهي وسارڻو.“

ريدار چپ رهيو. ڪيس پوڙهي بادشاه جي اها آکاڻي سمجهه ۾ اچي وئي هئي ته هڪ ريدار سيروسفر ته ڪري سگهي ٿو پر هو پنهنجي رڍن کي ڪڏهن به نه وساري.

پوڙهي بزرگ نِينگرَ جي هٿ ۾ هٿ ڏئي سندس نِراڙ تي عجيب و غريب اشارا ڪيا ۽ پنهنجون رڍون ڪٺي روانو ٿي ويو.

❖

طريفا جي اوچائيءِ واري جڳهه تي هڪ قديم قلعو آهي جيڪو ماريتانيا جي ويڙهاڪن ٺاهيو هو. انجي ڀِتين جي چوٽيءَ کان آفريڪا جي جهلڪ نظر اچي ٿي. مالڪي زيدڪ، سالم جو بادشاه، ان ڏينهن ان ڀِت تي ويٺي اوير جي واءِ (ليوانٽر) کي پنهنجي چهري تي محسوس ڪري رهيو هو. سندس پر ۾ رڍون لوڇي پوڇي رهيون هيون ۽ مالڪ جي تبديليءِ جي ڪري آنڌ مانڌ ۾ هيون. کين صرف خوراڪ ۽ پاڻيءِ جي گُهرج هئي.

مالڪي زيدڪ بندرگاه تان هڪ ٻيڙيءِ کي نڪرندي ڏٺو. هاڻ هو ڪڏهن به ان نِينگرَ سان نه ملي سگهندو، جيئن هن ابراهيم کان پنهنجي معاوضي طور ڏهون حصو وٺي وري نه ڏٺو هو. اهو ئي ته سندس ڪم هو.

خدائن کي ڪابه خواهش نه هوندي آهي، ڇاڪاڻ جو سندن ڪا تقدير ئي ناهي. پر بادشاه کي نِينگرَ جي بابت اها اميد هئي ته هو ضرور ڪامياب ٿيندو.

هن اهو سوچيو پئي ته ”نِينگرَ کان جلد منهنجو نالو به وسري ويندو. آءٌ هنکي پنهنجو نالو ورجايان هان، ته جيئن جڏهن به هو منهنجي ڪا ڳالهه ڪري هان ته مونکي مالڪي زيدڪ، سالم جي بادشاه جي نالي سان ياد ڪري ها.“

هن ٿورو لڄي ٿيندي آسمان ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، ”مونکي خبر آهي منهنجا خدا، تو چيو هو تہ اهو هٺ ۽ وڏائي آهي، پر هڪ پوڙهي بادشاه کي ڪڏهن ڪڏهن پاڻ تي فخر ڪرڻ گهرجي.“

❖

” آفريڪا ڪيڏو نہ عجيب آهي.“ نِينگرَ سوچيو.

هو هڪ مَڌُ خاني ۾ وينو هو. اهو تنجائر جي سوڙهين گهٽين ۾ موجود باقي مَڌُ خانن جهڙو ئي هو. ڪجهہ ماٺهوواري واري سان هڪ وڏو حُقو پي رهيا هئا. ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ هن ڏٺو تہ ڪجهہ ماڻهون پردي دار عورتن جي هٿن ۾ هٿ ڏئي اندر داخل ٿيا، ۽ ڪجهہ پادري جيڪي مينارن جي چوٽين تي چڙهي پڄن پڙهي رهيا هئا _ تہ اتي موجود هن سميت سڀ سجدي ۾ ڪري پيا.

”هڪ منڪرن وارو عمل،“ هن پاڻ سان ڳالهائيندي چيو. جيئن ننڍي هوندي گرجا ۾ هو سدائين هڪ تصوير ۾ سَنت سانتياگو ماتامورس کي هڪ اڇي گهوڙي تي اُگهاڙي تلوار سان ڏسندو هو، ۽ هن پيرن جا ماڻهو ڪيس جُهڪندا هئا. نِينگرُ اتي انهن منڪرن جون شيطاني شڪليون ڏسي اڪيلائي ۽ منحوسيت محسوس ڪري رهيو هو.

ان سڄي منظر ڏسڻ ۽ سفر جي ٿڪاوٽ ڪانپوءِ هن کان هڪ تفصيل پڇڻ وسري وئي هئي، صرف هڪ تفصيل جيڪا ڪيس خزاني ڪان پري رکي سگهي پئي. هن ملڪ ۾ صرف عربي تي ڳالهائي ويئي.

مَڌُ خاني جو مالڪ وٽس آيو، نِينگرَ ڪيس پر واري ٽيبل تي رکيل هڪ مشروب ڏانهن اشارو ڪندي ڪٽي اچڻ لاءِ چيو، جيڪا پيئڻ ۾ بالڪل ڪَڙي چانهن وانگي هئي ۽ نِينگرَ مَڌُ پيئڻ کي ترجيح ڏني.

پر ڪيس ان وقت ڪنهن بي شيءِ بابت اُلڪو ڪرڻ جي گُهرج ئي نہ هئي، چاڪاڻ جو سندس پهرين ترجيح خزانو ۽ ان تائين پهچڻ جي گس جي ڪوجنا ڪرڻي هئي. رڍن ڪپائڻ سان وٽس چڱا موچارا پئسا بہ هئا، ۽ ڪيس پئسن جي جادوءِ جي بہ خبر هئي،

جنهن وٽ پئسو آهي اهو ڪڏهن به اڪيلو ناهي. ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ هو احرامن وٽ هوندو. ان پوڙهي بزرگ ڇهن ريڍن جي بدلي ۾ هن سان ڪوڙ نه ڳالهايو هوندو.

پوڙهي بزرگ سَونَ جي بابت ٻڌايو هو، هڪ سوڙهي پيچري تان گذرندي نِينگرُ انهن علامتن جي بابت سوچي رهيو هو. هاءِ پوڙهي کي ان بابت ضرور ڪا نه ڪا خبر هئي. اندلس جي ميدانن ۾ وقت گذارڻ ڪانپوءِ نِينگرُ زمين ۽ آسمان کي ڏسي موزون رستن جو تعين ڪرڻ ۾ به ماهر ٿيڄي چڪو هو. هن اهو به دريافت ڪيو هو ته هڪ مخصوص پکيءَ جي موجودگيءَ جو مطلب اهو آهي ته پر پاسي ۾ ڪو نانگ آهي، ۽ اهو به سکيو هئائين ته هڪ مخصوص ٻُوٽي جي موجودگي ان علائقي ۾ پاڻيءَ جي هجڻ جو سَونُ آهي. اهو سڀ ڪجھ هنکي ريڍن سيکاريو هو.

”جيڪڏهن خدا ريڍن کي صحيح پيچرو ڏيکاري سگهي ٿو ته مونکي به ضرور سيکاريندو.“ هن سوچيو. جنهن سان هو وڌيڪ مطمئن محسوس ڪرڻ لڳو. هاڻ کيس اها چانهه به گهٽ ڪڙي لڳي رهي هئي.

”تون ڪير آهين؟“ اندلسي ٻولي ۾ هن اهو آواز ٻڌو.

نِينگرَ ٿڌو ساهه پريو. هوانهن سَونَ جي بابت سوچي رهيو هو ته سندس آڏو هڪ شخص پڌرو ٿيو.

” تون اندلس جي ٻوليءَ ۾ ڪيئن پيو ڳالهائين؟“ نِينگرَ پڇيو. هن نئين ڀيرُو کي مغربي وَيسُ پهريل هو، پر سندس چمڙيءَ جي رنگ مان لڳو پئي ته سندس تعلق هن شهر سان آهي. سندس قد ڪاٺ ۾ جمار لڳ ڀڳ ساڳي نِينگرَ واري هئي.

”هت گهڻو ڪري هرڪو ئي اندلس جي ٻولي ڳالهائي ٿو، ڇاڪاڻ جو اندلس هتان کان صرف ٻن ڪلاڪن جي فاصلي تي آهي.“

” اچ ويهه ته آءٌ تنهنجي ڪا خاطر ڪيان.“

”منهنجي لاءِ ته مَڌُ جو هڪ گلاس گهرايو. هي چانهن ته مونکي بالڪل نه ٿي وڻي.“ نِينگرَ چيو.

” هن ملڪ ۾ مَڌُ مهيا ناهي،“ ڀيرُوءِ وراڻيو. ” هتان جي مذهب ۾ اهو ممنوع آهي.“

نِينگرَ ڪيس ٻڌايو تہ ڪيس احرامن ڏانهن وڃڻو آهي. هي ڪيس خزاني جي بابت ٻڌائڻ وارو ٺئي هو پر ڪيس خيال آيو تہ اهو صحيح ناهي. جيڪڏهن اها ڳالهہ ڪيس ٻڌائبي تہ ٿي سگهي ٿو تہ هي عرب بہ ان خزاني جو ڪجهہ حصو اتي پهچائڻ جي معاوضي طور وٺي. ڪيس پوڙهي بزرگ جي ڳالهہ ياد آئي تہ جنهن چيو هو تہ جڏهن توهان وٽ ڪا شيِءَ آهي ٺئي نہ تہ انجي حامي بہ نہ پرجي.

” آءٌ چاهيان ٿو تہ توهان مونکي اتي وٺي هلو. آءٌ توهانکي ان ڪم ۾ منهنجي رهنمائي ڪرڻ جو معاوضو ڏيندس.“

” توهانکي خبر آهي تہ اتي ڪيئن ٿو پهچي سگهجي؟“ نِينگرَ پڇيو.

نِينگرَ جو ڌيان ٿورو پرسان بيٺل مَڌُ خاني جي مالڪ ڏانهن هو جيڪو هنن جي ڪچهري غور سان ٻڌي رهيو هو. جنهنجي ڪري هو اوڪائي محسوس ڪري رهيو هو، پر ڪيس هڪ سونهون ملي چڪو هو سو هاڻ هن اهو موقعو هٿان نہ ٿي وڃائڻ چاهيو.

”توهان کي ريگستان پار ڪرڻو پوندو.“ ڳيرُوءِ ڪيس چيو. ” ۽ ان لاءِ توهان کي پئسن جي گُهرج پوندي، ڇا توهان وٽ ايترا پئسا آهن؟“

نِينگرَ کي اهو سوال عجيب لڳو. پر ڪيس پوڙهي بزرگ جي ڳالهہ تي ويساهہ هو، جنهن ڪيس چيو هو تہ، جڏهن توهان واقعي ڪنهن شيِءَ کي ماڻڻ چاهيو ٿا تہ سڄي ڪائنات ان شيِءَ کي ماڻڻ جي منصوبي ۾ اوهانجي واهَرَ ڪري ٿي.

هن پنهنجي ڪيسي مان پئسا ڪڍي هن ڳيرُوءِ کي ڏيکاريا. مَڌُ خاني جو مالڪ پڻ اچي اهو لڪاءِ ڏٺو. هنن ٻنهي پاڻ ۾ ڪجهہ عربي ٻولي ۾ ڳالهايو، جنهن کان پوءِ مَڌُ خاني جو مالڪ چڙ ۾ نظر آيو.

”هاڻ پاڻ کي هتان هلڻ گهرجي.“ ڳيرُوءِ چيو.“ مالڪ بہ اهوئي ٿو چاهي.“

نِينگرَ ٿڌو ساهہ کنيو، ۽ حساب چڪائڻ لاءِ اٿيو، پر مالڪ ڪيس پڪڙي ڪاوڙ مان گهڻ وڏ ڳالهايو. نِينگرُ سخت جان هو سو پنهنجي دفاع لاءِ هو بہ ڪجهہ ڪري سگهيو پئي. پر هو هڪ ڌاريي ڏيهہ ۾ هو. ايتري ۾ سندس دوست اچي مالڪ کي ڌڪو ڏئي هنکي ڇڪي ٻاهر وٺي ويو، ۽ ڪيس چيائين تہ، ”هن جي اک تنهنجي پئسن تي هئي. تنجائر باقي آفريڪا کان مختلف آهي. هي هڪ بندرگاهہ آهي ۽ هر بندرگاهہ تي چور هوندا آهن.“

نِينگرَ جو پنهنجي نئين دوست تي ويساه ٿي ويو. هن سنڌس ان خطرناڪ صورتحال کان ٻاهر ڪڍڻ ۾ سنڌس واهَرَ ڪئي هئي. هو پنهنجا پئسا ڪڍي ڳڻڻ لڳو.

”اسين سپاٽي تائين احرامن وٽ پهچي ويندا سين،“ سنڌس دوست پئسا وٺندي کيس چيو. ”پر مونکي ٻه اُٺ وٺڻا پوندا.“

ٻئي تنجائر جي سوڙهين گهٽين مان گذري رهيا هئا. هر طرف وڪري لاءِ مختلف شين جا اسٽال لڳل هئا. هو عمارت جي وچ تي اچي پهتا جتي بازار هئي. هزارين ماڻهو خريد و فروخت ۽ بحث مباحثي ۾ مشغول هئا. وڪري لاءِ ڀاڄيون، خنجر، غاليچا ۽ تماڪ پڻ موجود هئا. پر نِينگرَ پنهنجي دوست تان نظر نہ هٽائي. سنڌس سڄي جمع پونجي جو وٽس هئي. هن سوچيو تہ اهي سڀ پئسا هن کان واپس وٺان پر اهو هڪ بي پريتيو عمل ٿي پوي هان. کيس ڌارين جي ڌرتيءَ جي رواجن جي خبر نہ هئي.

” آءٌ بس هن تي نظر رکندس،“ هن سوچيو. کيس خبر هئي تہ سنڌس دوست جي مقابلي ۾ هي سخت جان آهي.

اُمالڪُ، ان سڄي مونجهاري جي وچ ۾ هن جي نظر هڪ انتهائي خوبصورت تلوار تي پئي، جنهن جي مياڻ تي چانديءَ جا نقش چٽيل هئا، هَٿيو اَمُلهہ پٿرن سان جڙيل هو. اهڙي تلوار هن اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هئي. نِينگرَ اهو پڪو پهہ ڪيو تہ جڏهن هو مصر کان واپس موٽندو تہ اها تلوار ضرور خريد ڪندو.

”اسٽال جي مالڪ کان پڇو تہ اها تلوار گهڻي جي آهي،“ پنهنجي دوست کي چيائين. تلوار ڏسندي اُمالڪُ کيس محسوس ٿيو تہ سنڌس ڌيان اصل شيءِ کان هٽي رهيو آهي. سنڌس دل زور جو جهٽڪو کاڌو جڻ مٿس ڇاتيءَ جو اُمالڪُ زور پيو هجي. هاڻ هو هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کان گهٻرائي رهيو هو، ڇاڪاڻ جو کيس خبر هئي تہ هو ڇا ماڻڻ وارو آهي. پر سنڌس نظر اجان بہ ان عمده تلوار ۾ ڪُتي پئي هئي، پر همت ڪري هن پنهنجو ڌيان ان تان هٽايو.

مَنڊي جي چوڌاري خريدارن جي اچ وڃ، رڙ واڪن ۽ عجيب ٻانت جي کاڌن جي خوشبوئن سان ڀريل هئي... پر سنڌس ساٿي گُم هو.

نِينگرُ ٻاڻ کي ان ڳالهہ تي آماده ڪري رهيو هو تہ سنڌس دوست جو ائين گم ٿي وڃڻ صرف هڪ حادثاتي ڳالهہ هوندي.

هن اتي ترسي سندس انتظار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته ايتري ۾ هڪ پادري پر واري عمارت جي ڇت تي چڙهيو ۽ پڇن چوڻ شروع ڪيائين: ان تي مَندي ۾ موجود هر شخص پڇن ٻُڌڻ لاء سجدي ۾ ڪري پيو، ۽ ماڪوڙين جي آباديء وانگي پنهنجا پنهنجا اسٽال ڍاهيندو هليو ويو.

سج پڻ لهڻ شروع ٿي چڪو هو. نِينگرَ ان وقت تائين پئي سج لهڻ جو منظر ڏٺو جيسيتائين اهو مارڪيٽ جي عمارت جي چوڌاري گهرن جي پويان لڪي ويو. هن اهو خيال ڪيو ته جڏهن ان صبح جو سج اُڀريو هو، هو هڪ ريڍار جيڪو سٺ رڍن سان گڏ هڪ ٻئي ڪنڊَ تي هو ۽ نِينگرَ سان ملڻ جي تياري ڪري رهيو هو. ان صبح جو انهن ميدانن ۾ گهمندي ڦرندي ڪيس اهو ڪاتو تي چڪو هو ته هن سان ڇا ٿيڻ وارو آهي. پر هاڻي، جڏهن سج لهڻ شروع ٿي چڪو هو، ته هو هڪ ٻئي ملڪ ۾ ڌارين جي ڌرتيء تي پَرَهَنڌَن جيان هو ڪيس اتان جي ٻولي ڳالهائڻ به نه پئي آئي. هاڻ هو ريڍار نه هو ۽ نه ئي وٽس ڪا شيء موجود هئي، ۽ نه ئي پئسو جو هو ڏئي پنهنجي هر شيء واپس وٺي سگهي.

اهو سڀ ڪجهه سج اُڀرڻ کان سج لٿي تائين جي وچ ۾ ٿي چڪو هو. ڪيس پاڻ تي تمام گهڻو افسوس ٿيو، هو ان حقيقت تي آه و زاري ڪرڻ لڳو ته ڪيئن سندس زندگي ايترو جلدي ۽ نهايت ئي بري طريقي سان تبديل ٿي ويئي.

هو پاڻ تي ايترو شرمنده هو جو ڪيس روئڻ اچي رهيو هو. هو رڍن جي سامهون ڪڏهن به نه رُنو هو. مارڪيٽ به خالي هئي ۽ هو پنهنجي گهر کان به پري هو سو هن روئي ڏنو. هو انڪري رُنو جو خدا هن سان ويساه گهاتي ڪئي هئي. پر خدا ڪين اهڙي ئي طريقي سان نوازيندو آهي جيڪي پنهنجي خوابن تي يقين رکندا آهن.

”جڏهن مون وٽ پنهنجيون رڍون هيون ته آءٌ به سَرَهو هئس، ۽ مون هنن کي پڻ سَرَهو رکيو هو. ۽ ماڻهو به مون مان سَرَها هئا.“ نِينگرُ سوچي رهيو هو. ”پر هاڻ آءٌ ادنا ۽ اڪيلو آهيان. پر هڪڙي ماڻهوء جي ٺڳيء جي ڪري هاڻ آءٌ ڪنهن تي به ويساهه نه ڪندس. ۽ مونکي انهن ماڻهن سان به نفرت ٿيڻ لڳي آهي جن پنهنجا خزانا لڌا آهن پر آءٌ پنهنجو نه ڳولي سگهيس. مونکي هاڻ بس توري گهٽي تي گذارو ڪرڻو پوندو ڇاڪاڻ جو هاڻ منهنجي اها حيثيت ناهي رهي جو آءٌ دنيا فتح ڪري سگهان.“

هن پنهنجون باقي بچيل شيون ڏسڻ لاءِ پنهنجي ڳوٿري کولي ته متان اهو سنبوسو ٿورو بچيل هجي جيڪو هن ٻيڙيءَ تي سفر دوران کاڌو هو: پر کيس صرف هڪڙو ڳرو ڪتاب، سندس اَنگرکو ۽ ٻه پٿر مليا جيڪي پوڙهي بزرگ کيس ڏنا هئا.

جيئن ئي سندس نظر انهن پٿرن تي پئي ته کيس ٿوري آٿت ٿي. سوني جي پٽي ۾ جڙيل اهي اَمُلهه پٿر هن پنهنجين ڇهن رڍن جي عيوض ۾ ورتا هئا. هاڻ هو اهي پٿر کپائي واپسيءَ جي ٽڪيٽ وٺي پئي سگهيو. ”پر هن دفعي مونکي سياڻپ سان ڪم وٺڻو پوندو،“ نِينگرَ ڳوٿريءَ مان پٿر ڪڍي پنهنجي کيسي ۾ رکندي سوچيو. اهو هڪ بندرگاهه هو، ۽ هڪ ئي ڪم جي ڳالهه جيڪا سندس دوست کيس ٻڌائي هئي ته هي بندرگاهه ڦورُن سان ڀريل آهي.

هاڻ کيس سمجهه ۾ آيو ته مَڌُ خاني جو مالڪ هُن سان ڇو ايڏو تپي رهيو هو: شايد هو ان کي اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته ان شخص تي ويساهه نه ڪر. ” آءٌ ٻه عام انسانن جيان آهيان _ آءٌ ٻه دنيا کي ان نظريي سان ڏسڻ چاهيان ٿو ته هر شيءِ منهنجي مرضي جي پٽاندڙ ٿئي، نه کي جيڪو ٿي رهيو آهي سو بس ٿيندو رهي.“

هوريان هوريان هن پنهنجون آڱريون پٿرن جي متان انهن جي سطح ۽ حرارت کي محسوس ڪندي گهمايون. هاڻ اهي پٿر ئي سندس خزانو هئا. هو ڪين هٿن ۾ جهلي سڪون محسوس ڪري رهيو هو. اهي پٿر کيس پوڙهي بزرگ جي يادگيري ڏياري رهيا هئا. ”جڏهن توهان ڪنهن شيءِ جي خواهش ڪيو ٿا ته ، سموري ڪائنات انکي ماڻڻ جي منصوبي ۾ توهان جي واهرَ ڪري ٿي.“ هن چيو هو.

نِينگرَ ان ڳالهه جي حقيقت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو جيڪا ان پوڙهي بزرگ کيس چئي هئي. هو هڪ خالي مارڪيٽ ۾ هو، ۽ وٽس هڪ ٽڪو ٻه نه هو، نه ئي ڪا رڍ جنهنجي هو سار سنڀال لهي سگهي. پر اهي پٿر ان ڳالهه جو ثبوت هئا ته هو هڪ بادشاه سان ملي چڪو هو. اهو بادشاه جنهنکي نِينگرَ جي ماضي جي ٻه خبر هئي.

”اهي يورم ۽ ٿومم سڏائجن ٿا، ۽ اهي سَوڻَن کي سمجهڻ ۾ واهرَ ڪن ٿا.“ نِينگرَ اهي پٿر ڳوٿريءَ ۾ واپس رکيا ۽ انهن تي هڪ تجربو ڪرڻ جو سوچيو. پوڙهي بزرگ اهو چيو هو ته انهن کان چِٽا سوال ڪيا وڃن، ۽ انهيءَ کي ڪرڻ لاءِ، نِينگرَ جو اهو ڄاڻ ضروري هو ته کيس ڇا گهرجي. سو هن اهو سوال پڇيو ته ڇا ان پوڙهي بزرگ جون دعائون اجان تائين هن سان گڏ آهن.

هن هڪ پٿر ٻاهر ڪڍيو. ۽ اهو ”ها“ هو.

” ڇا آءٌ پنهنجو خزانو ڳولي سگهندس؟“ هن ٻيهر سوال ڪيو. جيئن ئي هن اهو سوال ڪيو ته ٻئي پٿر ڳوٿري مان هڪ سوراخ ذريعي وچي پَٽ تي پيا. نِينگرَ ڪڏهن به اهو غور نه ڪيو هو ته ڪي ڳوٿريءَ ۾ سوراخ آهي. هن هيٺ جهڪي يورم ۽ ٿومم کٽي واپس ڳوٿريءَ ۾ رکيا. پر جيئن ئي هو انهن پٿرن کي کڻڻ لاءِ جهڪيو ته هڪ ٻي ڳالهه کيس ياد آئي.

” سوُڻن کي سڃاڻڻ ۽ انهن جي پويان هلڻ سک،“ پوڙهي بزرگ کيس چيو هو.

”هڪ ٻيو سَوڻُ ،“ نِينگرَ پاڻمرادو ڪلندي چيو. هن اهي ٻئي پٿر کٽي ڳوٿريءَ ۾ واپس رکيا، ۽ ڳوٿريءَ جي سوراخ کي ڳنڍڻ تي غور ئي نه ڪيو. ان مان پٿر ڪنهن به وقت ڪري ٿي سگهيا. هي اهو سمجهي چڪو هو ته ڪجهه شيون اهڙيون آهن جن جي بابت ڪو سوال ڪرڻ ضروري ناهي، ته جيئن ڪو به پنهنجي تقدير کي ماٺڻ ڪان پاسيرو نه ٿي پوي.

” مون اهو واعدو ڪيو هو ته آءٌ پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندس،“ هن پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

پر پٿرن کيس اهو ٻڌايو هو ته پوڙهو بزرگ اڃا تائين هن سان گڏ آهي، جنهن سان هو وڌيڪ مطمئن ٿيو. هن خالي عمارت جي چوڌاري هڪ دفعو ٻيهر نظر ڦيرائي. هاڻ سندس نا اميدي اڳي کان گهٽ هئي. هاڻ اها ڌاري جڳهه نه هئي، هڪ ٻي نئين جڳهه هئي.

ٻيو ته هن سدائين نَيُن جڳهين جو سير ڪرڻ ته چاهيو ٿي. جيڪڏهن هو احرامن تائين نه به پهچي سگهيو ته هن ايترو سفر ڪيو آهي جو ڪنهن به ريڍار نه ڪيو هوندو. جيڪر ! کين خبر هجي ها ته صرف ٻن ڪلاڪن جي ٻيڙيءَ جي فاصلي تي شيون ڪيڏيون نه مختلف آهن. جيتوڻيڪ، ان وقت هن جي دنيا بس اها خالي مارڪيٽ هئي، جيڪا هن ان وقت به ڏٺي هئي جڏهن اها ماڻهن سان ڀريل هئي، ۽ هو ڪڏهن به انکي نه وساريندو. کيس اها تلوار ياد آئي. انکي ياد ڪندي کيس ٿوري تڪليف ٿي، پر ان جهڙي تلوار هن اڳ ڪڏهن به نه ڏٺي هئي. جيئن ئي هو انهن ڳالهين تي غور ڪري رهيو هو ته، کيس احساس ٿيو ته کيس هڪ ڳالهه جو انتخاب ڪرڻو پوندو ته، يا ته هو ڦوروءَ جي هٿان لُٽجڻ وارو هڪ مظلوم آهي يا وري هو خزاني جي کوجنا ۾ نڪتل هڪ جانباز آهي.

” آءٌ خزاني جي کوجنا ۾ نڪتل هڪ جانباز آهيان،“ هن پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

❖

ڪنهن واٺهڙو جي ڏوٽي تي ڪيس جاڳ ٿي. ڪيس وچ مارڪيٽ ۾ ننڊ اچي ويئي هئي ۽ هاڻ مارڪيٽ جو ڪار وهنوار به شروع ٿيڻ وارو هو. هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي پنهنجي رڍن کي جانچڻ لڳو. پر پوءِ ڪيس احساس ٿيو ته هو هڪ نئين دنيا ۾ هو. پر غمگين ٿيڻ جي بجاءِ هو سَرَهو هو. ڪيس هاڻ رڍن لاءِ خوراڪ ۽ پاڻي ڳولڻ جي بجاءِ هو خزاني جي کوجنا لاءِ وڃي ٿي سگهيو. سندس ڪيس خالي هو، پر ڪيس پاڻ تي ويساهه هو. پوئين رات هن اهو فيصلو ڪيو هو ته هو ڪتابن ۾ جن جانبازن جي هو ساراهه ڪندو هو، انهن وانگر ٿي ڏيکاريندو.

هو مارڪيٽ ۾ آهستي آهستي گهمڻ لڳو. واپاري پنهنجا اسٽال لڳائي رهيا هئا، ته ان دوران نِينگرَ هڪ مٺائيءَ واري جو هٿ ونڊرايو. مٺائيءَ واري جي منهن تي مُرڪ هئي: هو سَرَهو هو ۽ پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن هو، ۽ پنهنجي روز مره جو ڪار وهنوار شروع ڪرڻ لاءِ تيار هو. سندس مُرڪ ڪيس پوڙهي بزرگ جي يادگيري ڏياري _ اهوئي روحاني پوڙهو بادشاهه جنهن سان هو مليو هو. ”هو مٺائيءَ وارو انڪري مٺائي نه پيو ٺاهي ته جيئن هو بعد ۾ سياحت ڪري ۽ ڪنهن هَٽَ واري جي ڌيءَ سان شادي ڪري. اهو سڀ ڪجهه هو انڪري ڪري رهيو آهي جو هو اهو ڪرڻ چاهي ٿو.“ نِينگرَ سوچيو. هن اهو محسوس ڪيو ته هي به اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهيو ٿي جيڪو هو پوڙهو بزرگ ڪندو هو _ ڪنهنجي جي بابت اهو ڪاٿو لڳائڻ ته هو پنهنجي تقدير کي ماٺڻ ڪان ڪيترو پري يا ڪيترو ويجهو آهي. ” اهو آسان آهي پر ائين مون اڳ ڪڏهن نه ڪيو آهي،“ نِينگرَ سوچيو.

جڏهن اسٽال لڳي ويو ته، مٺائيءَ واري ڪيس مٺائي ڏني جيڪا هن ان ڏينهن لاءِ تازي تيار ڪئي هئي. نِينگرَ سندس شڪريو بجا آڻيندي مٺائي کاڌي ۽ روانو ٿيو. جيئن ئي هو ٿورو اڳيرو ٿيو ته ڪيس خيال آيو ته اسٽال لڳائڻ وقت اتي موجود بن ماڻهن مان هڪ عربي ۽ ٻيو اندلس جي ٻولي ڳالهائي رهيو هو. ۽ هو هڪٻئي کي چڱي ريت سمجهي سگهيا پئي.

اهڙي ڪا ٻولي ضرور هوندي جيڪا لفظن جي محتاج نه هجي، نِينگرَ سوچيو. آءٌ اڳ ۾ ئي اهڙُ تجربو پنهنجي رڍن سان ڪري چڪو آهيان، ۽ هاڻ اهو ماڻهن سان پيو ٿئي.

هو ڪيتريون ئي نيون شيون سڪي رهيو هو. ڪجھ تہ سندس مشاهدي ڪان اڳ ۾ ئي گذري چڪيون هيون، سو هن لاء ڪا نئين ڳالهہ نہ هئي، پر هن انهن ڳالهين ڪي ڪڏهن محسوس نہ ڪيو هو. هن انڪري انهن ڳالهين ڪي محسوس نہ ڪيو هو جو سندن عادي ٿي چڪو هو. ڪيس اهو احساس ٿيو تہ؛ ”جيڪڏهن آءٌ اها ٻولي سکي پوان جيڪا لفظن جي محتاج ناهي تہ آءٌ پوري دنيا ڪي سمجهي سگهان ٿو.“ پرسڪون انداز سان هن اهو طع ڪيو تہ هو تنجائر جو سوڙهيون گهٽيون جهاڳيندو، ۽ اهڙي ئي نموني سان هو سَوٽَن ڪي پڙهي سگهي ٿو. ڪيس خبر هئي تہ ان ۾ وڏي صبر جي گُهرج آهي، پر ريڍار تہ صبر جي بابت وڌيڪ ڄاڻ رکن ٿا. هڪ دفعو ٻيهر هن ڏٺو تہ ڌاري ڌرتيء تي هو اهي ساڳيا عمل دهرائي رهيو هو جيڪي هن رڍن سان گڏ سکيا هئا.

”مڙني شين جو بنياد هڪ آهي،“ پوڙهي بزرگ چيو هو.

هڪ قلمي ڪائي جي واپاريء پنهنجو ڏينهن ان ساڳي ڳَٽيء منجهان شروع ڪيو جيڪا ڪيس روزاني لڳي رهي ٿي. هو ان جڳهہ تي ٽيهن ورهين ڪان ڪم ڪري رهيو هو؛ سندس هَٽُ هڪ ٽڪريء جي مٿان گذرندڙ گهٽيء ۾ هو جتان صرف چند خريدارن جو ئي گذر ٿيندو هو. هاڻ تہ ڪا چڱي تبديلي آڻڻ جو وقت بہ نہ هو _ قلمي ڪائي جي ٿانوَن جي خريدو فروخت ئي هڪ اهڙو ڪم هو جيڪو هو سکي سگهيو هو. ڪو وقت هو جڏهن هن هَٽَ جي بابت ماڻهن ۾ججهو چرچو هو؛ جن ۾ امير ترين عرب واپاري، انگريز ۽ فرانس جا زميني علم جا ماهر، جرمن فوجي شامل هئا. انهن ڏينهن ۾ قلمي ڪائي جي سامان جو وڪرو هڪ بهترين ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي) هئي، ۽ هن امير بڻجڻ چاهيو ٿي ۽ وڏو ٿي هڪ خوبصورت عورت سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي.

پر وقت سان گڏوگڏ تنجائر جا حالات تبديل ٿيندا ويا، ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي) ٺَپ ٿيندي وئي. ۽ ان جي پر ۾ ئي هڪ شهر سيوٽا هو جيڪو ان وقت تنجائر جي نسبت تيزيء سان ترقي ڪري رهيو هو. پر وارا واپاري پنهنجي ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي) منتقل ڪري چڪا هئا، ۽ ان ٽڪريء تي ڪجهہ ئي هَٽَ بچيا هئا. ۽ ڪنهن بہ ان ٽڪريء تي چڙهي انهن ڪجهہ هَٽَن ڪي گهمڻ نہ ٿي چاهيو. پر قلمي ڪائي جي واپاريء ڪي ڪا ٻي واٽ نظر نہ آئي. هو پنهنجي زندگيء جا ٽيهہ ورهيہ قلمي ڪائي جي ٿانون جي خريدوفروخت ۾ گهاري چڪو هو، ۽ هاڻ ٻي ڪا ڪِرتِ (ڪاروبار، سرگرمي) ڪرڻ لاء دير ٿي چڪي هئي. هو صبح ڪان گهٽيء ۾ ماڻهن جي ٿوري گهٽي اچ وڃ ڪي ڏسندو رهندو هو. پر، منجهند جي مانيء ڪا ٿورو اڳ، هَٽَ تي سادن ڪپڙن ۾ هڪ نِينگرُ آيو. پر

قلمي ڪائي جي ٽانوَن جي واپاريءَ جون تجربيڪار اکين اهو ڏسي سمجهي ورتو هو ته هن نِينگرَ وٽ خريداريءَ لاءِ ڏوڪڙ ناهن. ان جي باوجود واپاري منجهند جي مانيءَ لاءِ نِينگرَ جي وڃڻ تائين ترسيو.

❖

دروازي تي لڳل هڪ ڦرهيءَ مان پڙرو ٿيو پئي ته هَٽَ ۾ مختلف ٻولين ڳالهايون وڃن ٿيون.نِينگرَ ڏٺو ته دَخَلَ تي هڪ شخص آيو.

” جيڪڏهن توهان چاهيو ته آءٌ ڪبٽ ۾ پيل اهي قلمي ڪائي جا ٽانوَ صاف ڪري سگهان ٿو.“ نِينگرَ چيو. ” ان حالت ۾ اهي ٽانوَ ڪير به نه وٺندو.“

ان شخص ڪو به جواب نه ڏنو.

” ان جي عيوض توهان مونکي ڪجهه کائڻ لاءِ ڏجو.“

هو اجان به چُپ رهيو، نِينگرَ سوچيو ته شايد هو ان بابت سوچي رهيو آهي. سندس ڳوٿريءَ ۾ هڪ اَنگرکو هو جيڪو بيابان ۾ ته ڪيس ڪم اچڻ وارو نه هو. سو اَنگرکو ڪڍي هو قلمي ڪائي جا ٽانو صاف ڪرڻ لڳو. اڌ ڪلاڪ ۾ ڪبٽ ۾ پيل سڀ ٽانو هو صاف ڪري چڪو هو، ان دوران ٻه خريدار هَٽَ ۾ داخل ٿيا ۽ ڪجهه ٽانو خريد ڪيائون.

ٽانو صاف ڪرڻ ڪانپوءِ هن مانيءَ لاءِ پڇيو، ”اچ ته هلي ماني کائون،“ واپاريءَ کيس چيو.

هَٽَ جي دروازي تي وقفي جي ڦرهي لڳائي هو ٻئي پر ۾ هڪ ننڍي هوٽل ڏانهن هليا ويا. ويهڻ ساڻ ئي قلمي ڪائي جي واپاريءَ ٽهڪ ڏنو.

”توکي صفائي ڪرڻ جي ضرورت نه هئي.“ هن چيو. ” قرآن ٻُڪايلن کي کارائڻ جو حڪم ڪري ٿو.“

” ٺيڪ آهي، پر توهان مونکي ائين ڪرڻ چو ڏنو؟“ نِينگرَ پڇيو.

”چاڪاڻ جو قلمي ڪائي جا ٿانو ميرا هئا. ۽ پاڻ ٻنهي کي پنهنجي ذهنن ۾ موجود منفي سوچن کي به صاف ڪرڻو هو.“

ماني کائيندي قلمي ڪائي جي واپاريءَ نِينگرَ کي چيو، ” آءٌ چاهيان ٿو ته تون منهنجي هَٽَ تي ڪم ڪر. تنهنجي ڪم ڪرڻ جي دوران به خريدار آيا ۽ اهو هڪ سٺو سَوڻُ آهي.

ماڻهو علامتن جي بابت جام ٿا ڳالهائين. ريدار سوچيو. پر کين خبر ناهي ته هو ڇا پيا ڳالهائين. جيئن مونکي اهو احساس نه هو ته ڪيترائي ورهيه آءٌ پنهنجي رڍن سان بغير لفظن واري ٻولي ڳالهائيندو رهيس.

” ڇا تون مون وٽ ڪم ڪرڻ چاهين ٿو؟“ واپاريءَ پڇيو.

” آءٌ باقي سڄو ڏينهن ڪم ڪندس، “ نِينگرَ جواب ڏنو. ” آءٌ سڄي رات پره ڦٽيءَ تائين ڪم ڪندس، ۽ آءٌ توهانجي هَٽَ جو هر هڪ ٿانوءَ صاف ڪندس. پر انجي عيوض ۾ مونکي سياڻ مصر پهچڻ لاءِ پئسا گهرجن.“

واپاريءَ ٽهڪ ڏنو، ”جيڪڏهن تون منهنجي هَٽَ ۾ قلمي ڪائي جا ٿانو سڄو سال به صاف ڪندي.... ۽ جيڪڏهن هڪ داڻو ڪپائڻ تي توکي سٺا پئسا به ملن تڏهن به توکي مصر پهچڻ لاءِ پئسا اوڌر وٺڻا پوندا. وچ ۾ هزارين ميلن جو بيابان آهي.“

چوڌاري ماحول شانت ۾ اچي ويو، ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ته سڄي شهر کي ننڊ اچي وئي هجي. بازارن ۾ به ڪو آواز نه رهيو هو، واپارين جي وچ ۾ به ڪو بحث نه هو، ڪو به عمارت تي چڙهي پچن نه پيو چئي، ڪا اميد، ڪو جانبازي وارو ڪم، ڪو پوڙهو بادشاه ۽ ڪا تقدير، ڪو خزانو، ۽ ڪي به احرام باقي نه بچيا هئا. ائين لڳي رهيو هو ته سموري دنيا خاموش ٿي وئي آهي ڇاڪاڻ جو نِينگرَ جو روح به خاموش ٿي چڪو هو. هي اتي ويني پنهنجي موت ۽ هر شيءِ جي سدائين لاءِ خاتمي جي خواهش ڪندي هوٽل جي دروازي کي تڪيندو رهيو.

واپاريءَ اُلڪي مان نِينگرَ کي ڏٺو. اها سرهائي جيڪا هن صبح جو محسوس ڪئي هئي سا اُماڻڪُ لَمڻجي چڪي هئي.

”پٽ، آءٌ توکي پنهنجي ملڪ واپس وڃڻ لاءِ پئسا ڏئي سگهان ٿو،“ واپاريءَ کيس چيو.

نِينگرُ خاموشيءَ سان اٿيو ۽ ڪپڙا ٺيڪ ڪري پنهنجي ڳوٿري ڪنيائين.

”آءٌ توهان وٽ ڪم ڪندس،“ نِينگرَ وراڻيو. هڪ ٻي گهڙِي سانت ڪانپوءِ هن چيو، ”مونکي رڏون وٺڻ لاءِ ڪجھ پئسن جي گُهرج پوندي.“

# پاڳوپيو

نِينگرُ ان واپاريءَ وٽ هڪ مهيني کان ڪم ڪري رهيو هو، ڪيس اها خبر هئي ته هي اهو ڪم ناهي جيڪو ڪيس سَرَهو رکي سگهي. واپاري سچو ڏينهن دخل تي وينو مٿس پُٽڪندو رهندو هو ۽ ڪيس احتياط ڪرڻ لاءِ چوندو رهندو هو ته ڪا شيءِ ڀڄي نه پوي.

هو اها نوڪري صرف انڪري ڪري رهيو هو جو واپاري جيتوڻيڪ تيز طبيعت جو پوڙهو هو پر سندس سلوڪ ڏاڍو سنو هو. نِينگرَ کي هر ٿانو جي وڪري تي سنا پئسا پئي مليا، جنهن جي ڪري هو ڪجهه پئسا بچائيندو به پئي ويو. ان ڏينهن هن اهو حساب ڪتاب پئي ڪيو ته جيڪڏهن هو روز ائين ئي پنهنجو ڪم جاري رکي جيئن ڪري رهيو هو ته، ڪيس ڪجهه رڍون وٺڻ لاءِ پورو سال لڳي ويندو.

” آءٌ ٿانون جي لاءِ هڪ الماري ناهڻ چاهيان ٿو،“ نِينگرَ واپاريءَ کي چيو. ”تڪريءَ جي هيٺان کان گذرندڙ ماڻهن جو ڌيان ڇڪڻ لاءِ ان کي ٻاهر رکي سگهجي ٿو.“

” اڳ مون ائين ڪڏهن به نه ڪيو آهي.“ واپاريءَ جواب ڏنو. ”ماڻهو اتان گذرندي ان سان ٽڪرائبا ۽ ٿانو ڀڃي پوندا.“

”پر جڏهن آءٌ پنهنجي رڍن سان ميدانن ۾ ويندو هوس ته انهن مان ڪجهه نانگ جي ڏنگڻ سبب مري پونديون هيون. پر اهائي رڍن ۽ ريڍارن جي زندگي آهي.“

واپاري هڪ گراهڪ ڏانهن ويو جنهن کي ٽي ٿانو گهربل هئا. سندس وڪرو اڳي جي نسبت تمام بهتر ٿي چڪو هو. جڻ پراڻو وقت واپس اچي ويو هجي جن ڏينهن ۾ تنجائر جي ان گهٽي کي خاص اهميت حاصل هئي.

” ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي) ڀَلي ٿي چڪي آهي،“ گراهڪ جي وڃڻ تي واپاريءَ نِينگرَ کي چيو.

”سٺي ڪمائي ٿي رهي آهي، ۽ جلد ئي تون پنهنجون رڍون واپس وٺي ويندي. زندگيءَ کان ٻيو ڇا گهرجي؟“

”چاڪاڻ جو اسانکي قدرت جي علامتن کي سمجهڻو آهي،“ نِينگرَ بغير ڪنهن مطلب جي اها ڳالهه ڪئي؛ جنهن تي هن معذرت بہ ڪئي، چاڪاڻ جو واپاري تہ ڪڏهن ان بادشاہ سان نہ مليو هو.

” انهيءَ کي پلائيءَ جو قاعدو، يا سيڪڙات جو ياڳ چئجي ٿو. چاڪاڻ جو زندگي بہ اهو چاهي ٿي تہ توهان پنهنجي تقدير کي حاصل ڪيو،“ پوڙهي بزرگ چيو هو.

پر واپاري نِينگرَ جي ڳالهه سمجهي ويو هو. هَٽَ ۾ نِينگرَ جي موجودگي بہ قدرت جو هڪ سَوڻُ هو، ۽ جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو تيئن ڏوڪڙ بہ ايندا ٿي ويا.ڪيس نِينگرَ کي پاڻ وٽ رکڻ جو ڪو افسوس نہ هو. نِينگرَ کي پنهنجي جائز حق کان وڌيڪ اُجرت ملي رهي هئي. واپاريءَ نِينگرَ کي ٽانون جي وڪري تي وڌيڪ منافعو ان ڪري بہ پئي ڏنو تہ انڪانسواءِ وڪرو نہ پئي وڌي سگهيو. ڪيس اهو بہ خيال هو تہ ائين ڪرڻ سان نِينگرُ جلد پنهنجون رڍون واپس وٺي سگهندو.

” تون مصر جي احرامن ڏانهن ڇو ٿو وڃڻ چاهين؟“ واپاريءَ پڇيو.

” چاڪاڻ جو مون انهن جي بابت جام ٻڌو آهي،“ نِينگرَ پنهنجي خواب جو ذڪري ڪندي بغير ڪيس جواب ڏنو. خزانو هاڻ بس هڪ دردناڪ داستان بڻجي چڪي هئي، ۽ هن ان بابت سوچڻ کان بہ پاسو ٿي ڪيو.

”هت مون کي اهڙو شخص نہ ڏنو آهي جيڪو صرف احرام ڏسڻ لاءِ ريگستان جو سفر ڪري،“ واپاريءَ چيو. ” اهي بس پٿرن جا ڍير آهن، اهي تہ تون پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ پاڻ بہ اڏي سگهين ٿو.“

” توهان ڪڏهن بہ سفر جا خواب نہ ڏٺا آهن،“ نِينگرَ گراهڪ جو انتظار ڪندي چيو جيڪو هَٽَ ۾ داخل ٿي چڪو هو.

ٻن ڏينهن کانپوءِ واپاريءَ نِينگرَ سان الماري جي بابت ڳالهايو.

”مونکي گهٽيون تبديليون پسند ناهن،“ هن چيو. ”پاڻ هن امير واپاريءَ حسن وانگي ناهيون. جيڪڏهن ڪيس واپار ۾ ڪو گهاٽو بہ ٿيو تہ ان سان مٽس ڪو اثر نہ پوندو. پر پاڻ ٻنهي کي پنهنجي غلطين سان گڏ زندگي گذارڻي پوندي.“

اها تہ هڪ حقيقت آهي، نِينگرَ افسوس منجهان سوچيو.

” الماري رکڻ جي پويان تنهنجي ڪهڙي سوچ هئي؟“

” آءٌ پنهنجي رڍن ڏانهن جلد از جلد موٽڻ چاهيان ٿو. ياڳ ڪليو آهي تہ اسانکي انجو ڀرپور لاڀ بہ وٺڻ گهرجي. “انهيءَ ڪي ڀلائيءَ جو قاعدو چئجي ٿو، يا سيڪڙات جو ياڳ.“

واپاري ڪجھ دير لاءِ خاموش رهيو، ۽ پوءِ چيائين، ”پيغمبرﷺ اسانکي قرآن ڏنو، ۽ سَرَهي زندگي گذارڻ لاءِ اسانوٽ پنج عقيدا ڇڏيا. جن مان سڀ کان پهريون ۽ وڏي اهميت وارو آهي هڪ خدا تي يقين رکڻ. ٻيو ڏينهن ۾ پنج وقت نماز پڙهڻ، رمضان جا روزا، ۽ غريبن جي لاءِ زڪوات.“

هن پنهنجي ڳالهہ اتي روڪي. پيغمبر ﷺ جن جي ڳالهہ ڪندي سندس اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. هو هڪ دين دار شخص هو، ۽ ايڏي بي صبري ۽ ڪاوڙ هوندي بہ هن پنهنجي زندگي اسلامي قانونن پٽاندڙ گهارڻ ٿي چاهي.

”پنجون عقيدو ڪهڙو آهي“، نِينگرَ پڇيو.

”ہ ڏينهن اڳ تو چيو هو تہ مون ڪڏهن بہ سيرو سفر جي خواهش نہ ڪئي آهي“، واپاريءَ جواب ڏنو. ”هر مسلمان لاءِ پنجون عقيدو حج آهي. زندگيءَ ۾ هڪ دفعو مڪي پاڪ ڏسڻ اسان لاءِ خوش نصيبي جهڙي ڳالهہ آهي.“

” مڪو پاڪ احرامن ڪان بہ تمام گهڻو پري آهي. جڏهن آءٌ ڳڀرُو هئس، تہ مون ڪجھ ڏوڪڙ گڏ ڪري هي هَٽُ کولڻ ٿي چاهيو. مون سوچيو هو تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن آءٌ مڪي پاڪ وڃڻ جي قابل ٿي پوندس. مون وٽ ڏوڪڙ بہ گڏ ٿي ويا پر آءٌ هَٽُ ڪنهنجي حوالي نہ ٿي ڪري سگهيس، چاڪاڻ جو قلمي ڪائي جا ٿانوَ نهايت ئي حساس آهن. مڪي پاڪ ڏانهن ويندڙ ماڻهن جو لنگهہ هن هَٽُ تان ٿيندو هو. انهن ما ڪجھ امير حاجي هئا جيڪي قافلن ۾ پنهنجي نوڪرن ۽ اُٺن سان گڏ هوندا هئا ۽ ڪي تہ وري مونکان بہ غريب هئا. جيڪي بہ اتي ويا سي سَرَها هئا. انهن پنهنجي گهر جي دروازن تي حج تا آندل ڪجھ سوکڙيون بہ ٽنگي ڇڏيون هيون. انهن مان هڪ موچي هو جنهن جو گذر سفر جوتن ڳنڍڻ تي هو، ان موچيءَ چيو تہ هن حج لاءِ ريگستان ۾ هڪ سال سفر ڪيو آهي، پر ان سفر ڪيس ايترو نہ ٿڪايو جيترو سفر هو ٽنجائر جي گهٽين ۾ چمڙو خريد ڪرڻ لاءِ ڪندو هو.“

”پوءِ توهان هاڻ مڪي پاڪ ڇو نہ ٿا وڃو؟“ نِينگرَ پڇيو.

” چاڪاڻ جو اها مڪي وڃڻ جي سوچ ۽ لوچ مونکي زنده رکيو ويني آهي. ۽ ان سوچ جي ڪري ئي آءٌ زندگيءَ کي منهن ڏيو وينو آهيان جنهن ۾ساڳيا ڏينهن ساڳيون راتون، اهي ئي ساڪن ٿانو ۽ ساڳي سَراءِ جي ماني آهي. مونکي خوف آهي تہ جيڪڏهن منهنجو خواب حقيقت بڻجي ويو تہ منهنجي جياپي جو ڪو بہ ڪارڻ نہ رهندو.“

” تون پنهنجين رڍن ۽ احرامن جا خواب ڏسين ٿو، پر تون مونکا پوءِ بہ مختلف آهين، چاڪاڻ جو تون پنهنجن خوابن کي محسوس ڪرڻ ۽ انهن جي حقيقت چاهين ٿو جڏهن تہ آءٌ صرف مڪو پاڪ خواب ۾ ڏسڻ چاهيان ٿو. مون اڳ ۾ ڪيترائي ڀيرا ريگستان کي پار ڪري مقدس پٿر واري عمارت وٽ پهچي انکي هٿ لاهڻ کان بغير انجو ست ڀيرا طواف ڪرڻ جو خواب ڏٺو آهي. ۽ ان خواب ۾ اهي ماڻهو بہ ڏٺا جيڪي مونسان گڏ ۽ منهنجي اڳيان هئا، ۽ اها ڳالهہ ٻولهہ ۽ اهي دعائون پڻ خواب ۾ ڪري چڪو آهيان. پر اهو سڀ ڪجهہ حقيقت ٿيڻ ڪانپوءِ منهنجي جياپي جو مقصد ختم ٿي وڃڻ جي خوف ۾ آءٌ بس انجي خواب کي ئي ترجيح ڏيندس.“

ان ڏينهن، واپاريءِ نِينگرَ کي الماري هٽڻ جي جي اجازت ڏني. هر ڪو ماڻهو پنهنجي خوابن جي ساپيان ان ريت نہ ٿو ماڻي سگهي جنهن ريت هن خواب ڏٺو آهي.

❖

ٻہ مهينا ٻيا بہ گذري ويا، ۽ ان الماريءَ جي ڪري هَٽَ ۾ گراهڪن جو تعداد وڌندو ويو. نِينگرَ ڪاٿو لڳايو تہ ڇهہ مهينا ٻيا ڪم ڪرڻ سان هو اندلس واپس وڃي سٺ رڍون خريد ڪري سگهي ٿو، ۽ انکانپوءِ سٺ ٻيون بہ. سال کان بہ گهٽ وقت ۾ هو پنهنجو ڌڻ ٻيڻو ڪري سگهي ٿو، ۽ هو عربن سان بہ ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي) ڪرڻ جو لائق ٿي ويندو، چاڪاڻ جو هاڻ هو انهن جي ٻولي بہ ڳالهائي پئي سگهيو. ان ڏينهن بازار ۾ يورم ۽ ٿومم کي ڪَتب آڻڻ ڪانپوءِ هن ٻيهر انهن پٿرن کي ڪَتب نہ آندو. چاڪاڻ جو مصر هاڻ سندس لاءِ هڪ ڏوراهين خواب وانگي هو، جيئن واپاريءِ لاءِ مڪو پاڪ. جيئن تيئن ڪري نِينگرَ ان ڪم ۾ پنهنجو دل لڳايو، ۽ هو ان ڏينهن بابت سوچڻ لڳو جڏهن هو طريفا ۾ هڪ فاتح جي صورت ۾ پڌرو ٿيندو.

”توهانکي سدائين اها خبر هجڻ گهرجي تہ توهان ڇا ٿا چاهيو،“ پوڙهي بزرگ چيو هو. نِينگرَ کي اها ڄاڻ هئي ۽ هو ان لاءِ جاکوڙ بہ ڪري رهيو هو. ٿي سگهي ٿو تہ پرديس ۾ اهو ئي سنڌس خزاني جو گسُ هو تہ ڪيئن هو چور سان مليو، ڪيئن هن پنهنجو ڏڻ هڪ آنڪ خرچ ڪرڻ جي بغير بيٺو ڪيو.

ڪيس پاڻ تي فخر هو. هن ڪجھ خاص شيون بہ سکيون هيون، جيئن ٿانوَن جي ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي)، ۽ لفظن جي بغير بولي، ۽ اهي قدرتي سَوڻ. هڪ ڏينهن هن ٽڪري تي چڙهندڙ هڪ شخص ڏٺو، جيڪو ڪُرڪي رهيو هو تہ ايترو مٿي چڙهڻ کان پوءِ هٽ کائڻ پيئڻ لاءِ اهڙي ڪا چڱي جاءِ ناهي. نِينگرُ جيڪو علامتن کي سمجهڻ جو قائل ٿي چڪو هو، واپاريءِ کي چيائين، ”هن ٽڪريءَ تي چڙڻ وارن کي چانهن جو نہ وڪرو ڪرڻ گهرجي.“

”هت ڪيترين ئي جڳهين تي چانهن وڪرو ٿئي ٿي،“ وپاريءِ وراڻيو.

”پر اسين چانهن قلمي ڪائي جي ٿانوَن ۾ وڪرو ڪنداسين. ماڻهو چانهن مان لطف اندوز بہ ٿيندا ۽ ٿانوَ پڻ خريد ڪندا. مون پڙهو آهي تہ سونهن مردن کي تمام گهڻو موهيندي آهي.“

واپاري جواب نہ ڏنو، پر ان ڏينهن منجهند جي وقت، هَٽُ بند ڪري نماز پڙهڻ کانپوءِ هن نِينگرَ کي پاڻ سان گڏ حُقو ڇڪڻ جي صلاح ڪئي، حُقو عربن وٽ عام جام آهي.

” ڪهڙي شيءِ جي لاءِ تون لوچي رهيو آهين؟“ پوڙهي واپاري پڇيو.

” اهو آءٌ توهان کي اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪو آهيان. مونکي رڍون خريد ڪرڻيون آهن ۽ ان لاءِ مونکي ڏوڪڙ گهرجن.“

”تيهن ورهين کان مون وٽ هي هَٽُ آهي، مونکي قلمي ڪائي جي ٿانوَن جي نوعيت جي خبر آهي تہ ڪهڙو عمده آهي ۽ ڪهڙو خراب، ۽ آءٌ ان بابت هر شيءِ ڄاڻان ٿو. مونکي ٿانوَن تي تيل ڇٽڪاريءِ جي بہ ڄاڻ آهي. جيڪڏهن اسين انهن ٿانوَن ۾ چانهہ وڪرو ڪنداسين تہ ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي) وڌي ويندي. ۽ پوءِ مونکي پنهنجي زندگيءِ جا طور طريقا بہ مٽائڻا پوندا.

” تہ پوءِ اها سني ڳالهہ ناهي؟“

” آءٌ انهن شين جو عادي ٿي چڪو آهيان. تنهنجي اچڻ کان اڳ، آءٌ اهو سوچي رهيو هئس ته هن هڪ ئي جڳهه تي مون پنهنجو ڪيترو وقت ضايع ڪيو آهي، جڏهن ته منهنجا دوست ڪٿان ڪان ڪٿي پهچي ويا، انهن مان ڪِن جو ته ڏيوالو نڪري ويو پر ڪجهه وري اڳي کان بهتر ٿي ويا. ان ڳالهه مونکي ڏاڍو پريشان ڪيو. هاڻ اءٌ يائنيان ٿو ته جيڪي ٿيو سو نيڪ ٿيو. هَڻُ ان ئي ماپ ۽ نقشي جو آهي جيئن مون چاهيو ٿي. آءٌ هاڻ ڪا شيء تبديل نه ٿو ڪرڻ چاهيان، ڇاڪاڻ جو تبديلين کي منهن ڏيڻ آءٌ نه ٿو ڄاڻان. آءٌ جيئن آهيان ائين ئي نيڪ آهيان.“

نِينگرَ کي سمجهه ۾ نه آيو ته ڇا چوڻ گهرجي. پوڙهي واپاريء پنهنجي ڳالهه جاري رکي، ” تون منهنجي لاء برڪت جو سبب بڻيو آهين. ۽ اڄ مونکي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي آهي ته: برڪت يا رحمت کي نڪرائڻ سان اها مصيبت بڻجي پوي ٿي. مونکي زندگيء ۾ بي ڪنهن شيء جي طلب ناهي. پر تون مونکي ان ناٽي ۽ آڪاس منڊل جي انهن حدُن ڏانهن ڏسڻ لاء زور پري رهيو آهين جيڪي مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺيون. هاڻ جڏهن اهي سڀ شيون منهنجي سامهون آهن، ۽ هاڻ جڏهن آءٌ انهن امڪانن کان واقف آهيان ته هاڻ آءٌ تنهنجي اچڻ کان اڳ موجود مشڪلاتن کان وڌيڪ مشڪلاتن ۾ به ڦاسي سگهان ٿو.“

”چڱو ٿيو جو طريفا ۾ موجود نانوائيء کي مون ڪجهه نه چيو،“ نِينگرَ سوچيو.

هو ٻئي سج لٿي تائين حقو ڇڪيندا رهيا. هو پاڻ ۾ عربي ۾ ڳالهائي رهيا هئا، ان ڳالهه لاء نِينگرُ پاڻ تي فخر محسوس ڪري رهيو هو. اهو وقت هو جڏهن سندس خيال هو ته سندس رِڍون ئي ڪيس دنيا جي ڪار وهنوار جي بابت هر ڳالهه سيکاريندين رهن ٿيون، پر اهي ڪيس عربي ڪڏهن به نه ٿي سيکاري سگهيون.

”دنيا ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي شيون هيون جيڪي اهي رِڍون مونکي نه پئي سيکاري سگهيون،“ نِينگرَ پوڙهي واپاريء کي خيال ۾ رکندي سوچيو. اهي رِڍون بس کاڌي پيتي جو ڪم ئي ڪري سگهن ٿيون. ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهي مونکي ڪجهه نه سيکاريندين هجن پر آءٌ ئي انهن مان ڪجهه نه ڪجهه سکيس ٿي.

”لکيو،“ واپاريء آخرڪار ڪجهه چيو.

” انهي جو مطلب ڇا آهي؟“

” توڪياهو سمجهڻ لاءِ هڪ عرب تي جنم وٺڻو پوندو.“ واپاريءَ وراڻيو، ” پر تنهنجي ٻوليءَ ۾ ان جو مطلب آهي لکيو.’

حُقي ۾ موجود ڪوئلن کي پکيڙيندي، هن نِينگرَ کي چيو ته هو قلمي ڪائي جي ٿانوَن ۾ چانهه جو وکرو شروع ڪري سگهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن وهندڙ نديءَ کي روڪڻ جو ڪو وجهه نه هوندو آهي.

❖

ماڻهو ٽڪري تي چڙهندا هئا ۽ چوٽيءَ تائين پهچڻ ۾ ٿڪجي پوندا هئا. پر اُتي جڏهن سندن نظر هَٽَ تي وکرو ٿيندڙ ڦودني جي چانهه تي پوندي هئي ته هو چانهن پيئڻ لاءِ ايندا هئا جيڪا قلمي ڪائي جي عمده ٿانوَن ۾ پيش ڪئي ويندي هئي.

”منهنجي زال ڪڏهن به هن بابت نه سوچيو هوندو،“ هڪ ماڻهو ٿانوَ خريد ڪندي چيو ته _ ان رات وٽس ڪجهه مهمان اچڻا آهن ۽ مهمان قلمي ڪائي جي انهن ٿانوَن جي سونهن ڏسي ضرور متاثر ٿيندا. ٻئي چيو ته قلمي ڪائي جي ٿانوَن ۾ پيش ڪرڻ سان چانهه وڌيڪ لذيذ ٿيو پوي، ڇاڪاڻ جو انهن ٿانوَن ۾ چانهه جي خوشبوءِ محفوظ رهي ٿي. ٽئين چيو ته خاص ڪري اوير ايشيائي ملڪن ۾ قلمي ڪائي جي ٿانوَن ۾ چانهه پيش ڪرڻ جي رواج آهي ڇاڪاڻ جو ان ۾ هڪ جادوئي طاقت آهي.

ٿوري ئي وقت ۾ اها خبرr پکڙجي وئي، ۽ گهڻا ماڻهن ان هَٽَ کي ڏسڻ لاءِ ٽڪريءَ تي چڙهڻ شروع ڪيو جيڪو هڪ پراڻي طرز جي ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي) کي نئين طرز طور پيش ڪري رهيو هو. ٻيا به اهڙا هَٽَ کلي ويا جيڪي قلمي ڪائي جي ٿانوَن ۾ چانهه پيش ڪري رهيا هئا، پر اهي هَٽَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي نه هئا تنهنجي ڪري سندن ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي) گهٽ هئي. آخرڪار، واپاريءَ کي ڪم لاءِ به وڌيڪ ماڻهو به رکڻا پيا. واپاريءَ ٿانوَن سان گڏوگڏ گهڻ مقدار ۾ چانهن به درآمد ڪرڻي پئي، ۽ سندس هَٽَ ۾ نين شين جي کوجنا لاءِ مردن ۽ عورتن جو انبوه جاري رهيو، ۽ اهڙي ريت مهينا گذرندا ويا.

❖

نِينگرُ پرهه ڦٽيءَ جي وقت اٿيو. ڪيس آفريڪا جي ڪنڌ ۾ پير پاتي ٻارهن مهينا ۽ نو ڏينهن ٿي چڪا هئا.

هن ان ڏينهن لاءِ خاص اڇو لچڪدار سوتي ڪپڙي جو عربي وَيسُ پهريو، ۽ مٿي تي رومال رکي ان تي اُٺ جي چمڙي مان ٺهيل هڪ دائري نما (عقال) رکيو، ۽ نوان جوتا پائي خاموشيءَ سان هيٺ لٿو. سڄو شهر اڃان ننڊ ۾ هو. هن سنبوسو تيار ڪري ڪاڏو ۽ قلمي ڪائي جي ٿانوَ ۾ گرم چانهن پيتائين. پوءِ هن ٿوري سوجهري واري جاءِ تي ويهي حُقو چڪيو.

خاموشيءَ سان بغير ڪنهن سوچ ويچار جي حُقو چڪيندي هِير جي آواز کي ٻڌي رهيو هو جيڪا ريگستان جي سڳنڌ پاڻ سان گڏ آڻي رهي هئي. جڏهن هن حُقو چڪڻ پورو ڪيو ته پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ وڌائين ۽ ڪجهه دير لاءِ اُتي ئي ويٺي ان بابت سوچيندو رهيو جيڪو هو پوئتي ڇڏي آيو هو. سندس ڪيسي ۾ ڳچ ڏوڪڙ هئا. هڪ سوءِ ويهه ريڊيون، واپسيءَ جي ٽڪيٽ ۽ آفريڪا کان سندس ملڪ ۾ شين جي برآمد جي اجازت نامي لاءِ ايترا ڏوڪڙ ڪافي هئا. هو صبر سان واپاريءَ جي جاڳڻ ۽ هَٽُ کولڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. هَٽُ کلڻ کانپوءِ ٻنهي چانهن پيتي.

” آءٌ اڄ وڃي رهيو آهيان،“ نِينگرَ چيو. ”مون وٽ ڏوڪڙ آهن ۽ آءٌ رڍون خريد ڪري سگهان ٿو ۽ هاڻ توهان وٽ به مڪي پاڪ وڃڻ لاءِ ڏوڪڙ آهن.“

پوڙهو واپاري چپ رهيو.

”ڇا توهان مونکي دعا ڏيندئو؟“ نِينگرَ پڇيو.

” تون منهنجي واهَرَ ڪئي آهي.“ واپاري پنهنجي چانهن جاري رکي ۽ ٻيو ڪجهه نه چيو.

پوءِ هو نِينگرَ ڏانهن مڙيو.

”مونکي توتي فخر آهي، تون منهنجي هَٽَ کي هڪ نئون رنگ ڏنو آهي. پر توکي خبر آهي ته آءٌ مڪي پاڪ نه ويندس، جيئن توکي اها به خبر آهي ته تون به رڍون نه وٺندي.“

پوڙهي وراڻيو.

” توهانکي اهو ڪنهن چيو؟“ نِينگرَ اڇرج وچان پڇيو.

”لکيو،“ پوڙهي واپاريءَ وراڻيو. ۽ هن نِينگرَ کي دعا ڏني.

❖

نِينگرُ پنهنجي ڪمري ۾ ويو ۽ پنهنجا ٿِپڙَ ٻڌڻ لڳو. ٽي ٿيلها ٿِپَڙن سان ڀرجي چڪا هئا. جيئن ئي هو وڃڻ وارو ٿيو ته ڪمري جي ڪنڌ ۾ پيل ريڍارن واري پراڻي ڳوٿري تي

سندس نظر پئي. اهو ڳوٿرو ٽيڙن جي سٽي هينان رکيل هو، ڪجھ عرصي کان ان جي بابت ڪيس خيال ئي نہ آيو هو. اهو خيال ڪندي هن پنهنجو اَنگرکو ان ڳوٿري مان ڪڍيو تہ گهٽيءَ ۾ ڪنهن کي ڏئي ڇڏيو، تہ ان مهل ہہ پٿر يورم ۽ ٿومم فرش تي ڪريا. جنهن سان نِينگرَ کي پوڙهي بادشاه جي يادگيري اچي وئي، ۽ ڪيس احساس ٿيو تہ ڪجھ عرصي کان هن ان بابت سوچيو بہ نہ هو. لڳ ڀڳ هڪ سال کان هو لڳاتار ڪم ڪري رهيو هو ۽ سندس سوچ بس وڌ کان وڌ ڏوڪڙ ڪٺ ڪري شان و شوڪت سان اندلس واپس موٽڻ جي هئي.

” ڪڏهن بہ خواب ڏسڻ نہ ڇڏيو، ۽ سَوڻَن جي پيروي ڪريو،“ پوڙهي بادشاه چيو هو. نِينگرَ يورم ۽ ٿومم کڻيا ۽ هڪ ڀيرو ڀيهر ڪيس اهو عجيب احساس ٿيو تہ ڄڻ پوڙهو بادشاه سندس ڀر ۾ آهي. هن هڪ سال سخت جاکوڙ سان ڪم ڪيو هو ۽ سَوڻ اهو ٻڌائن پيا تہ هاڻ وڃڻ جو وقت اچي ويو آهي.

” آءٌ واپس پنهنجو ساڳيو ڪم ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان جيڪو آءٌ اڳ ۾ ڪندو هئس، ڀلي انهن رڍن مونکي عربي ڳالهائڻ نہ سيکاري،“ نِينگرَ سوچيو.

پر رڍن ڪيس اجان بہ وڌيڪ اهم ڳالھ سيکاري هئي؛ تہ دنيا ۾ هڪ اهڙي ٻولي آهي جيڪو هر ڪو سمجهي سگهي ٿو، اها ٻولي نِينگرَ هَٽَ تي ڪم ڪرڻ واري سڄي عرصي دوران ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي) ۾ سدارا آڻڻ لاءِ ڪَتب آندي هئي. اها ٻولي گرمجوشيءَ ، پيار ۽ ڪنهن خاص مقصد لاءِ شين کي ماڻڻ، ۽ ڪنهن شيءِ جي ڪوجنا جو حصو جنهن تي ويساهہ هجي ۽ جنهن جي خواهش هجي انکي ماڻڻ واري ٻولي هئي. هاڻ تنجائر سندس لاءِ اوپرو نہ هو، هن اهو محسوس ڪيو تہ جيئن هو هن شهر کي فتح ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي تيئن ئي هو دنيا کي بہ فتح ڪري سگهي ٿو.

”جڏهن توهان ڪنهن شيءِ جي خواهش ڪيو ٿا تہ، سموري ڪائنات انکي ماڻڻ جي منصوبي ۾ توهان جي واهَرَ ڪري ٿي.“ ڪيس پوڙهي بادشاه جي ڳالھ ياد آئي.

پر پوڙهي ڦورن جي بابت ڪا ڳالھ نہ ڇئي هئي، نہ ئي هن بي انت ريگستان جي بابت ڪجھ چيو هو، ۽ نہ ئي انهن ماڻهن جي بابت ڪجھ ٻڌايو هو جيڪي خواب تہ لهن ٿا پر انهن جي ساڀيان نہ ٿا چاهين. پوڙهي بادشاه ڪيس اهو بہ نہ ٻڌايو هو تہ احرام بس پٿرن جو هڪ جتو آهن ۽ اهي تہ ڪير بہ پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ اڏي سگهي ٿو. ۽ هن ان ڳالھ جي بہ نشاندهي نہ ڪئي هئي تہ جيڪڏهن توهان وٽ ايترا ڏوڪڙ هجن جو اوهان پاڻ وٽ اڳ ۾ موجود ڌڻ کان وڌيڪ ڌڻ خريد ڪري سگهو تہ اهو ضرور خريد ڪيو.

نِينگرَ اهو ڳوٿرو کڻي پنهنجي ٻين ٽيڙن سان گڏ رکيو ۽ هيٺ لهي ڏٺائين تہ پوڙهو واپاري هڪ پرديسي جوڙي جي هَٽَ ۾ داخل ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيو هو، جڏهن تہ بہ

خريدار قلمي ڪائي جي پيالين ۾ چانهن پيئندا هَٽَ کان ٻاهر نڪتا. ان ڏينهن هَٽَ ۾ عام ڏينهن کان وڌيڪ ڪِرتِ (ڪاروبار،سرگرمي) نظر ٿي آئي. جتي هو بيٺو هو اُتان کان ڦيريون ڏيندڙ ڪيس ائين لڳو ته پوڙهي واپاريءَ جا وار ان پوڙهي بادشاه جيئان آهن، ڪيس تنجائر ۾ ڦيرئين ڏينهن جنهن ڏينهن ڪيس ڪيڏانهن به وڃڻ جو ڳس نه پئي مليو ۽ اتي ڪيس ان منائيءَ واري جي مُرڪ به ياد آئي، اها مُرڪ به ان پوڙهي بادشاه جي مُرڪ جهڙي هئي. ائين لڳي رهيو هو ته هو هت آيو هجي ۽ پنهنجا نشان ڇڏي ويو هجي، پر هو ماڻهو ته ان پوڙهي بادشاه سان ڪڏهن به نه مليا هئا. ٻيو ته هن اهو به چيو هو ته هو سدائين وٽن واهَرَ لاءِ پڌرو ٿيندو آهي جيڪي پنهنجي تقدير کي ماڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

نِينگرُ واپاريءَ کان موڪلائڻ بغير ئي هليو ويو. هو اتي موجود دوستن جي سامهون روئڻ نه پيو چاهي، وڃڻ ڪانپوءِ اها ڄڃهه ۽ اهي سڀ ڳالهيون جيڪي هن اتي سکيون سي ڪيس ياد رهنديون.

” پر آءٌ انهن ميدانن ڏانهن واپس وڃي رهيو آهيان جن کان آءٌ چڱي ريت سونهون آهيان.“ هن پاڻ کي پڪ ڏياريندي چيو، پر هو ان فيصلي مان سَرَهو نه هو. هن سڄو سال پنهنجي خواب جي ساپيان لاءِ ڪم ڪيو هو، ۽ ان خواب جي اهميت هاڻ هوريان هوريان گهٽجي رهي هئي. ڇاڪاڻ جو ٿي سگهي ٿو اهو حقيقت ۾ سندس خواب ئي نه هو.

اها ته ڪنهنکي خبر ناهي... ٿي سگهي ٿو ته قلمي ڪائي جي واپاريءَ واري ڳالهه ۾ ئي بهتري هجي: مڪي نه وڃڻ، ۽ سڄي زندگي اتي وڃڻ جي خواهش ڪرڻ، هن وري پاڻ کي آٿت ڏياريندي سوچيو. جيئن ئي هن يورم ۽ تومم هٿ ۾ جهليا ته ڪيس ان پوڙهي بادشاه جي سگهه ۽ ارادو پاڻ ۾ منتقل ٿيندي محسوس ٿيو. اهو اتفاق هو يا شايد واقعي هڪ قدرتي سَوڻُ هو، نِينگرَ سوچيندي سوچيندي ان مَڌُ خاني ۾ داخل ٿيو جتي هو ڦيرئين ڏينهن آيو هو. اهو ڦورو اتي موجود نه هو، ۽ مالڪ سندس لاءِ چانهه جي هڪ پيالي آندي.

” آءٌ ڪنهن به ويلي ريدار ٻڪجي سگهان ٿو،“ نِينگرَ سوچيو. ”مون سندن سنڀال ڪرڻ جو هنر به سکيو آهي، ۽ اهو مونکي اجان ياد آهي. پر ٿي سگهي ٿو ته مونکي مصر جي احرامن تائين پهچڻ جو موقعو وري نه ملي. ان پوڙهي بزرگ کي ڇاتيءَ تي سون جو پٿو پهريل هو، ۽ ڪيس منهنجي ماضي جي بابت به ڄاڻ هئي. هو واقعي هڪ ساڃهه وند بادشاه هو، اندلس جون ٽڪريون صرف ٻن ڪلاڪن جي فاصلي تي هيون پر احرامن ۽ سندس جي وچ ۾ سڄو جو سڄو بيابان هو. پوءِ به نِينگرَ ان ڪيفيت کي هن ريت گهٽڻ

جي ڪوشش ڪئي ته ؛ هو حقيقت ۾ پنهنجي خزاني ڪان بن ڪلاڪن جي فاصلي تي هو، اها بي ڳالهه آهي ته اهو بن ڪلاڪن جو وقت چڪجي هڪ سال ٻڌجي چڪو هو.

” آءٌ ڄاڻان ٿو ته آءُ پنهنجي ڏڻ ڏانهن وڃڻ چاهيان ٿو، آءُ رڍن جي رهٽي ڪهٽيءِ ڪي سمجهي سگهان ٿو، اهو ڪو مسئلو ناهي، ۽ انهن سان سني دوستي به ڪري سگهجي ٿي. ٻئي پاسي، پر مونکي اها خبر ناهي ته بيابان منهنجو سنو دوست ٻڌبو يا نه، ۽ خزانو به مونکي ان بيابان مان ڳولڻو آهي. جيڪڏهن آءٌ انکي ڳولي سگهيس ته آءٌ گهر وڃي سگهان ٿو، مون وٽ آخرڪار جڃها ڏوڪڙ ۽ وقت پڻ آهن. پوءِ ڇو نه؟“

هو ان ڳالهه تي ڏاڍو سَرَهو ٿيو. هو ڪنهن به ويلي واپس وڃي ريڊار يا وري قلمي ڪائي جي ٽانوَن جو واپاري بڻجي ٿي سگهيو. ٿي سگهي ٿو ته دنيا ۾ بيا به ڪيترائي لڪل خزانا هجن، پر سندس اهو خواب هو، ۽ هو هڪ بادشاه سان پڻ ملي چڪو هو. اهو هر ڪنهن جي نصيب ۾ ناهي هوندو!

مَڌُ خانو ڇڏيندي وقت هو رِٿَ رِٿي رهيو هو. ڪيس ياد هو ته هڪ ٽانوَن جي واپاريءِ ڪي پنهنجو مال قافلي جي صورت ۾ ريگستان ڪان گذر ڪندي مهيا ڪيو ويندو هو. هن يورم ۽ ٿومم سندس هٿن ۾ جهليا: انهن بن پٿرن جي ڪري ئي، هو هڪ دفعو بيهر پنهنجي خزاني جي طرف وڃڻ وارو هو.

” آءٌ سدائين انهن جي ويجهو هوندو آهيان جيڪي پنهنجي تقدير ڪي سمجهن ٿا، پوڙهي بادشاه چيو هو.

انهن ٽانوَن مهيا ڪرڻ وارن جي گدامن تائين وڃڻ ۾ ۽ اها معلومات وٺڻ ۾ ته احرام واقعي ايترو ڏور آهن ڪهڙو حرج آهي.

❖

عمارت ۾ هڪ انگريز هڪ بينچ تي ويٺل هو، ان عمارت ۾ ڏوڙ متي هئي ۽ جانورن ۽ پکهر جي ڏپ ٿي آئي: اها عمارت ڪجهه گدام پئي لڳي ته ڪجهه پڪين جو پڃرو. ”

مونکي اهو ڪاٿو نه هو ته پڃاڙيءِ ۾ آءٌ هن جهڙي جڳهه تي اچي پهچندس،“ انگريز هڪ ڪيميائي مخزن جا ورق اُٿلائيندي سوچي رهيو هو. ” ڏهه ورهيه يونيورسٽيءِ جي تعليم ماڻڻ ڪانپوءِ آءٌ هڪ پڃري ۾ آهيان.“

پر ڪيس اڳتي وڌڻو هو. ڪيس سَوڻَن تي ويساهه هو. سندس سموري حياتي ۽ سمورو علم ڪائنات جي اصل ٻوليءِ ڪي سمجهڻ لاءِ صرف ٿيل هو. پهريائين هن ايسپيرانٽو ٻولي پڙهي، پوءِ هن دنيا جي مختلف مذهبن جي بابت علم حاصل ڪيو ۽ هاڻ هو علم

ڪيميا جو مطالعو ڪري رهيو هو. ڪيس ايسپرانتو ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ آئي ٿي، ۽ ڪيس دنيا جي مڙني وڏن مذهبن جي ڄاڻ پڻ هئي، پر هو اڃا تائين ڪيمانگر ٻڻجي نه سگهيو هو. هو ڪجهه خاص سوالن جي پنيان لڪل حقيقت کي به سمجهي چڪو هو، پر سندس ذات ڪيس ان مقام تي پهچائي ڇڏيو هو. جو ان کان اڳتي هن وڃڻ نه ٿي چاهيو. هو هڪ ڪيمانگر سان به لهه وچڙ ۾ آيو هو جيڪو هڪ بي لاڀ عمل هو. پر ڪيمانگر عجيب ٿين ٿا، هو صرف پنهنجي بابت ئي سوچين ٿا، ۽ هنن سدائين سندس واهَرَ کان انڪار ڪيو.

ڪهڙي خبر، ٿي سگهي ٿو ته هو اُن حڪمت واري ڪم يعني پارس جي پٿر جي ڳُجهه تائين پهچڻ ۾ ناڪام ويا هجن، ٿي سگهي ٿو ته ان ئي سبب جي ڪري هنن پنهنجي ذات پاڻ تائين محدود ڪري ڇڏي هئي.

هو اڳ ۾ ئي پنهنجي پيءُ جو ڇڏيل ناڻو پارس جي پٿر کي ماڻڻ لاءِ اجائي لُٽائي چڪو هو. هن دنيا جي وڏي کان وڏن ڪتاب گهرن ۾ به پنهنجو ججهو وقت گذاري چڪو هو، ۽ ڪيميا جا ڪيترائي ناياب ڪتاب پڻ خريد ڪري چڪو هو. هڪ ڪتاب ۾ هن ڪيترائي ورهيه اڳ هڪ عرب ڪيميا گر جي يورپ گهمڻ جي بابت به پڙهيو هو. اهو ٻڌايو پئي ويو ته سندس ڄمار به سوءِ ورهين کان به مٿي هئي، ۽ هن پارس جو پٿر ۽ وڏي ڄمار ماڻڻ وارو آبِ حيات به ڳولي لڌا هئائين. انگريز ان سڄي قصي کان انتهائي درجي تائين متاثر ٿي چڪو هو. پر هو ان قصي کي ايستائين هڪ ڏند ڪٿا سمجهي رهيو هو جيستائين سندس هڪ دوست بيابان مان قديم آثارن جي مهم تان موٽندي ڪيس هڪ پوڙهي شخص جي بابت ٻڌايو هو جيڪو غير معمولي صلاحيتن جو مالڪ هو.

” هو ريگستان جي وچ ۾ هڪ سرسبز جاءِ الفيوم ۾ رهي ٿو.“ سندس دوست ڪيس چيو.

” ۽ ماڻهو چون ٿا ته هو به سوءِ ورهين جو آهي ۽ هو ڌاتن کي سون ۾ تبديل ڪرڻ جو ماهر آهي.“

انگريز پنهنجي بي تابي گهڻي دير روڪي نه سگهيو. هو پنهنجا سڀ ڪم ڪاريون منسوخ ڪري، پنهنجا ڪجهه مخصوص ڪتاب کڻي هاڻي هو هڪ ميري بدبودار گدام ۾ وينو هو. ۽ ٻاهر هڪ وڏو قافلو سهارا ريگستان پار ڪرڻ جي تياري ۾ هو، ۽ ان قافلي کي الفيوم وٽان به گذر ڪرڻو هو.

” آءٌ ان ڪيمانگر کي ڳولي لهندس،“ انگريز سوچيو. هاڻ ڪيس پڪين جي بدبوءِ به برداشت ڪرڻ جهڙي لڳي رهي هئي.

هڪ عرب ڳڀرُو به پنهنجو سامان رکي اندر داخل ٿيو ۽ انگريز کي ڪيڪاريائين.

” اوهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟“ ٻيڙُو عرب پڇيو.
” آءٌ ريگستان ڏانهن وڃي رهيو آهيان، “ انگريز پنهنجو مطالعو جاري رکندي جواب ڏنو.
هن ان وقت ڪا ڳالهه ٻولهه نه ڪرڻ چاهي. ڪيس ان سڄي ڏات جو پيهر جائزو وٺڻو هو جيڪو ڪيترن ئي ورهين دوران پڙهيو هئائين، چاڪاڻ جو اهو ڪيمانگر ڪيس ضرور پرڪيندو.
عرب ٻيڙُو ڪتاب ڪڍي پڙهڻ شروع ڪيو. ڪتاب اندلسي ٻوليءَ ۾ لکيل هو.
”ڏاڍو چڱو، “ انگريز سوچيو. هو عربيءَ کان وڌيڪ اندلس جي ٻولي بهتر ڳالهائي رهيو هو، ۽ جيڪڏهن هي نِينگرُ به القيوم ڏانهن وڃي رهيو آهي ته اتي واندڪائيءَ ۾ ڪو نه ڪو ڳالهائڻ لاءِ ته ملي ويندو.

❖

” عجيب ڳالهه آهي، “ نِينگرَ هڪ ڀيرو ٻيهر ان ڪتاب ۾ جنازي وارو قصو پڙهڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. ” آءٌ ٻن ورهين کان ان ڪتاب کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان، پر آءٌ شروع وارن صفحن کان اڳتي ڪڏهن به نه وڌي سگهيس. “ پوڙهي بادشاه جي خلل نه وجهڻ جي باوجود به ڪتاب تي ڌيان نه پئي ڏئي سگهيو.
ڪيس اڃا پنهنجي فيصلي تي شڪ هو. پر هو هڪ شيءِ سمجهي سگهيو ٿي: ڪو به فيصلو ڪرڻ صرف هڪ مُنڍ آهي. جڏهن ڪير به ڪو فيصلو ڪري ٿو ته ، ته حقيقت ۾ هو هڪ زوردار وهڪري ۾ ٽُٻي هڻي رهيو هوندو آهي ۽ اهو وهڪرو ڪيس سندس ان پهرئين فيصلي ڪرڻ ڪانپوءِ ان مقام تي پهچائي ڇڏي ٿو جنهن جو ڪيس گمان به نه هوندو آهي.
”جڏهن مون خزانو ڳولڻ جو فيصلو ڪيو هو ته مون اهو ڪڏهن به نه سوچيو هو ته آءٌ هڪ ٿانوَن جي هَٽَ تائين اچي پهچندس. ۽ هن قافلي تائين اچي پهچندس. پر هاڻ اهو جيئن به هلي رهيو آهي، مون لاءِ هڪ ڳجهه آهي، “ هن سوچيو.
سندس پر ۾ ئي انگريز ڪتاب پڙهي رهيو هو. هو ٻي پريتو انسان ٿي لڳو. ۽ جنهن وقت نِينگرُ اندر داخل ٿيو هو ته ڪيس خار لڳي هئي. سندن وچ ۾ دوستي ٿي سگهي پئي پر انگريز ڳالهه ٻولهه ئي بند ڪري ڇڏي.
 نِينگرَ پنهنجو ڪتاب بند ڪيو. نِينگرَ سوچيو ته ڪيس ان انگريز وارو رويو اختيار ڪرڻ نه گهرجي. هن سندس ڪيسي مان يورم ۽ ٿومم انهن سان کڏڻ شروع ڪيو.
” يورم ۽ ٿومم!!“ انگريز رڙ ڪندي چيو.

گهبرائيندي نِينگرَ پٽر پنهنجي ڪيسي ۾ رکي ڇڏيا.

”اهي وڪري لاءِ ناهن،“ نِينگرَ چيو.

” اهي گهڻا مهانگا به ناهن،“ انگريز چيو. ” اهي فقط پٽر جا ٽڪرا آهن، ۽ اهڙا پٽر جا ٽڪرا زمين جي اندر جام آهن. پر جن کي اهڙين شين جي ڄاڻ آهي، اهي ئي اهو سمجهي سگهن ٿا ته اهي يورم ۽ ٿومم آهن. مونکي اها خبر نه هئي ته اهي دنيا جي هن حصي ۾ به موجود آهن.“

” هي پٽر هڪ بادشاه مونکي تحفي طور ڏنا هئا،“ نِينگرَ چيو.

انگريز جواب نه ڏنو؛ انجي بجاءِ هن پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ وجهي ساڳيا پٽر ڪڍيا جيڪي نِينگرَ وٽ هئا.

” ڇا تون هڪ بادشاه جي ڳالهه ڪئي؟“ انگريز پڇيو.

” آءٌ يائنيان تو ته توهان کي ان ڳالهه تي يقين نه ايندو ته ڪو بادشاه مون جهڙي هڪ ريڍار سان ڳالهائيندو،“ نِينگرَ اهو چوندي وڌيڪ ڳالهه ٻولهه نه ڪرڻ چاهي.

” ائين هرگز ناهي. اهي ريڍار ئي هئا جن بادشاه کي سڃاتو هو جڏهن ته پوري دنيا ان ڳالهه کي تسليم نه ٿي ڪيو. سو بادشاه جو ريڍار سان ڳالهائڻ ڪا حيرت جهڙي ڳالهه ناهي.“

هن پنهنجي ڳالهه جاري رکي ۽ هو خائف به هو ته متان نِينگرُ سندس ڳالهيون نه سمجهي سگهي، ” اهو توريت ۾ لکيل آهي. هي اهو ئي ساڳيو ڪتاب آهي جنهن مونکي يورم ۽ ٿومم جي بابت ڄاڻ ڏني. اهي پٽر خدا جي طرف کان برڪت وارا پٽر آهن. پادري انهن پٽرن کي سون جي پٽي ۾ رکندا آهن.“

هاڻ نِينگرُ ان گدام ۾ وڌيڪ سرهائي محسوس ڪري رهيو هو.

” تي سگهي ٿو ته هي به ڪو قدرت جو سَونُ هجي،“ انگريز ٿورو وڏي آواز ۾ چيو.

” توهانکي انهن سَونُن جي بابت ڪنهن ٻڌايو؟“ نِينگرَ جي دلچسپي وڌي رهي هئي.

” زندگيءِ ۾ هر شيءِ قدرت جو هڪ سَونُ آهي،“ انگريز هاڻ پنهنجو مخزن (رسالو) بند ڪندي ڪيس جواب ڏنو.

” هڪ ٻولي آهي جنهنکي پوري ڪائنات جي ٻولي چيو وڃي ٿو، ٻين شين سان گڏ ان ڪائنات جي ٻوليءِ جي ڪوجنا ۾ آهيان. اهو ئي سبب آهي جو آءٌ هت آهيان. مونکي اهو ماڻهو ڳولڻو آهي جيڪو اها ٻولي ڄاڻي ٿو. ۽ اهو صرف هڪ ڪيمانگر ئي آهي.“

گدام جي مالڪ سنڌن ڪچهري ۾ رخنو وڌو.

” توهان ٻئي سياڳا آهيو،“ گدام جي مالڪ ٺلهي عرب چيو.

” اڄ هڪ قافلو الفَيوم ڏانهن وڃي رهيو آهي.“

”پر مونکي تہ مصر وڃڻو آهي،“ نِينگرَ چيو.
”الفيوم مصر ۾ ئي آهي،“ گدام جي مالڪ چيو. ” تون ڪهڙي پانت (قِسم) جو عرب آهين، توکي اها بہ خبر ناهي.“
”اهو سياڳ جو سونُ آهي،“ گدام جي مالڪ جي وڃڻ کانپوءِ انگريز چيو. ” جيڪڏهن آءٌ اهو ڪري سگهيس تہ صرف ٻن لفظن ”ياڳ“ ۽ ”اتفاق“ تي هڪ تمام عميق معلوماتي خُلاصو لکندس، چاڪاڻ جو انهن ٻن لفظن سان ئي اها ڪائنات جي ٻولي لکيل آهي.“
هن نِينگرَ کي چيو تہ سندس ان نِينگرَ سان هٿ ۾ يورم ۽ تومم کنئي ملڻ اتفاق ناهي.
۽ نِينگرَ کان اهو بہ پڇيائين تہ ڇا هو پڻ هڪ ڪيمانگر جي کوجنا ۾ آهي.
” آءٌ هڪ خزاني جي کوجنا ۾ آهيان،“ نِينگرَ چيو، ۽ يڪدم کيس اها ڳالهہ ٻڌائڻ تي افسوس ٿيو. پر انگريز سندس ان ڳالهہ کي ڪا خاص اهميت نہ ڏني.
” هڪ طرح سان تہ آءٌ بہ هڪ خزاني جي ئي کوجنا ۾ آهيان،“ انگريز چيو.
” مونکي علم ڪيميا جي بابت ڪا ڄاڻ ناهي،“ نِينگرُ اها ڳالهہ ڪري ئي رهيو هو تہ گدام جي مالڪ کين ٻاهر سڏيو.

❖

”آءٌ قافلي جو اڳواڻ آهيان،“ ڏاڙهيءَ سان هڪ ڪرڙين اکين واري ماڻهوءَ چيو. ” جيڪي بہ مونسان گڏ آهن انهن جي زندگيءَ ۽ موت جو ذميوار آءٌ آهيان. ريگستان هڪ خيالي عورت وانگي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ماڻهن کي چريو ڪريو ڇڏي.“
اتي لَڳُ ڀڳُ ٻہ سئو کن ماڻهو ۽ چار سئو جانور جن ۾ اُٺ،گهوڙا، خچر ۽ پکي گڏ ٿيل هئا. ان انبوه ۾ ٻار ، عورتون مرد هئا ۽ مَرد تلوارن ۽ بندوقن سان هئا. انگريز وٽ بہ ڪتابن سان ڀريل ڪيترائي ٿيلها هئا. اتي تمام گهڻو شور هو، جنهن جي ڪري قافلي جي اڳواڻ کي پنهنجي ڳالهہ هر هر دهرائڻي پئي پوي تہ هرڪو سمجهي سگهي تہ هو ڇا ٿو چوڻ چاهي.
” هت هر پانت جا ماڻهو آهن، ۽ هر ڪو پنهنجي پنهنجي خدا تي ايمان رکي ٿو. پر آءٌ فقط هڪ الله تي يقين رکان ٿو، ۽ آءٌ انجو قسم کڻي اهو ٻيهر دهرايان ٿو تہ آءٌ اوهان کي هي ريگستان پار ڪرائڻ لاءِ پنهنجي هر ممڪن ڪوشش ڪندس. پر آءٌ اوهان مان هر هڪ کان اهو چاهيان ٿو تہ توهان بہ پنهنجي پنهنجي خدا جو قسم کڻي چئو تہ توهان

منهنجي احڪامن جي هر صورت ۾ فرمانبرداري ڪندئو. ريگستان ۾ فرمانبرداري نه ڪرڻ جو نتُ صرف موت آهي.“

انبوه ۾ پڻ پڻ شروع ٿي وئي، هرڪو ماٺ ۾ پنهنجي پنهنجي خدا جو وچن ڏئي رهيو هو. نِينگرَ عيسيٰ[4] جو قسم ڏنو. جڏهن ته انگريز خاموش رهيو. ۽ اها وچن ڏيڻ واري پُڻ پُڻ ڪيتري ئي وقت تائين جاري رهي. ماڻهو پنهنجي حفاظت لاءِ پنهنجي خدائن جي عبادت پڻ ڪري رهيا هئا.

بِگل وڳو، ۽ هر ڪو مٿي چڙهيو. نِينگرَ ۽ انگريز اُٺ خريد ڪيا هئا، ۽ هو بي يقيني واري ڪيفيت ۾ انهن تي چڙهي ويٺا. نِينگرَ کي انگريز جي اُٺ کي ڏسي افسوس ٿيو، جيڪو ڪتابن جي وزن جي ڪري جُهڪي پيو هو.

”اتفاق جهڙي ڪا شيءِ ناهي،“ انگريز وري اُتان کان ڳالهه شروع ڪئي جتان گدام ۾ ڇڏي هئائين. ” آءٌ هت انڪري آهيان جو منهنجي هڪ دوست هڪ عرب جي بابت ٻڌو هو جيڪو........“ قافلو هلڻ شروع ٿيو ۽ انگريز جي ڳالهه کي ٻڌڻ ناممڪن هو. پر نِينگرَ کي خبر هئي ته هو ڇا ٿو چوڻ چاهي، جيتوڻيڪ : هڪ الهامي سلسلو جيڪو هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ سان ڳنڍي ٿو، ان ئي ساڳي سلسلي جي ڪري هو ريدار بڻيو هو، انجي ڪري ئي هو  وري وري اهو خواب لهي رهيو هو، ان سلسلي ئي کيس آفريڪا تائين پهچايو،بادشاه سان ملايو، ۽ قلمي ڪائي جي واپاريءِ سان ملڻ لاءِ ڦورن کان به ڦريو، ۽.........

”جيڪڏهن ڪير پنهنجي تقدير کي سمجهڻ جي ويجهو پهچي ٿو، ته اها تقدير ئي سندس جياپي جو سبب بڻجي ٿي،“ نِينگرَ سوچيو. قافلو اوڀر طرف هلڻ شروع ٿيو. قافلو پرهه ڦٽيءِ کان سفر شروع ڪري پيو، ٻن پهرن جو تاڪ منجهند جي ڪري منزل هٽي آرام تي ڪيائون، وري ٽئين پهر ۾ هلڻ تي شروع ڪيائون. نِينگرَ ۽ انگريز جي گهٽ ڳالهه ٻولهه پئي ٿي ڇاڪاڻ جو انگريز گهڻو وقت ڪتاب پڙهڻ ۾ صرف ڪري رهيو هو.

نِينگرُ سانت ئي سانت ۾ ريگستان ۾ ماڻهن ۽ جانورن جو مشاهدو ڪري رهيو هو. سفر شروع ڪرڻ واري ڏينهن جي نسبت هاڻ  خاموشي آهي، ان وقت مڙني کي آنڌ مانڌ هئي ۽ هر طرف رڙيون هيون، ٻارن جا رنيات ۽ جانورن جون هينگڻ، ان کان علاوه قافلي جي مختلف ٽولين جي رهبرن ۽ واپارين  جي پريشاني سڀ شيون گڏجي ويون هيون.

پر، ريگستان ۾ صرف واءُ ۽ جانورن جي کُرن جو آواز هو. قافلي جي ٽولين جا رهبر پڻ هڪٻئي سان گهٽ ڳالهائي رهيا هئا.

” مون هي ريگستان ڪيترائي ڀيرا پار ڪيو آهي،“ هڪ اُٺ واري هڪ رات ڳالهه ڪئي.
” پر ريگستان تمام وڏو وسيع آهي، ۽ آڪاس منڊل تمام ڏور، هت انسان پاڻ کي ادنيٰ محسوس ڪري ٿو ۽ ان ڪري ئي خاموش رهي ٿو.“
نِينگرُ ريگستان ۾ پهرين دفعي سفر ڪرڻ جي باوجود سندس ڳالهه سمجهي ويو ته هو ڇا ٿو چوڻ چاهي، جڏهن به هو سمنڊ يا باهه کي ڏسندو هو ته انهن جي اصلي طاقت کي ڏسي سانت ۾ اچي ويندو هو.
” مون اهي شيون رڍن ۽ ٿانون مان سکيون آهن، آءٌ هن ريگستان مان به ڪجهه سکي سگهان ٿو، ڇاڪاڻ جو اهو تمام قديم ۽ ساڃهه وند آهي.“ هن سوچيو.
هِير هلندي رهي، ۽ نِينگرَ کي اهو ڏينهن ياد آيو جنهن ڏينهن هو طريفا ۾ قلعي تي وينل هو ۽ اها ساڳي هِير سندس چهري سان ٽڪرائي رهي هئي. ان هِير کيس سندس رڍن جي يادگيري ڏياري. سندس رڍون هن وقت سدائين وانگي اندلس جي ميدانن ۾ خوراڪ ۽ پاڻيءَ جي ڳولا ۾ هونديون.
” هاڻ هو منهنجيون رڍون ناهن رهيون،“ ماضي ۾ گذريل سٺي وقت کي ياد ڪئي بغير هن پاڻ سان ڳالهائيندي چيو. ” اهي هاڻ پنهنجي نئين ريدار جون عادي ٿي چڪيون هونديون، ۽ گهٽ ڪري مونکي به وساري چڪيون هونديون. اها ته تمام ڀلي ڳالهه آهي. رڍن جهڙي مخلوق جيڪا سفر ڪرڻ جي عادي آهي سا اڳتي وڌڻ ڄاڻي ٿي.“
هن واپاريءَ جي ڌيءَ جي بابت سوچيو، ۽ کيس پڪ هئي ته هوءَ شادي ڪري چڪي هوندي: گهٽ ڪري هڪ نانوائيءَ سان يا ڪنهن ٻئي ريدار سان جيڪو کيس دلچسپ آکاڻيون ٻڌائي سگهندو هوندو. هونئن به ان نِينگِريءَ لاءِ هي هڪ ته نه هو. هو اُٺ واري جي ان لکيل ڳالهه کان گهٽو متاثر ٿيو هو: ٿي سگهي ٿو ته اهو اٺ وارو پڻ اها ڪائنات جي ٻولي سکي رهيو هجي جيڪا ماڻهن جي ماضي ۽ مستقبل سان تعلق رکي ٿي. سندس ماءُ انهن ڳالهين کي ”وهم“ سڏيندي هئي. نِينگرُ ان ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته وهم روح جو ڪائنات ۾ موجود زندگيءَ جي وهڪري ۾ اوچتي ٽٻيءَ جو نالو آهي، جتي انسانن جي تاريخ هڪٻئي سان ڳانڍاپي ۾ آهي، ۽ اسين سڀ ڪجهه سمجهڻ جي قابل آهيون، ڇاڪاڻ جو سڀ ڪجهه لکيل آهي.
”لکيو،“ نِينگرَ کي ٿانون جي واپاريءَ واري ڳالهه ياد آئي.
ريگستان جو ڪجهه حصو وارياسو ۽ ڪجهه حصو جابلو هو. جيڪڏهن ڪو وڏو پٿر يا ڪا وڏي ٽڪري قافلي جي رستي ۾ آيا ٿي ته قافلي کي انجي چوڌاري ڦيرو ڪٽي گذرڻو ٿي پيو: ۽ جيڪڏهن ڪٿي ريتي انتهائي سنهي ٿي آئي جتي جانورن جا کر ڦاسيو ٿي پيا ته گذر لاءِ ڪنهن سخت جڳهه جي ڳولا ٿي ڪئي وئي، جتي زمين سُڪل

ڍنڍن جي لوڻ سان ڍڪيل هئي، اُتي جانور بيهي ٿي رهيا. ۽ جَتَن (اُٺ ڪاهيندڙ) ڪي پنهنجي اُنن تان وزن هلڪو ٿي ڪرڻو پيو. جَتَن وٽ اهڙين جڳهين تي الڳ وزن ڪٽڻ لاءِ گاڏا پڻ هئا. اهڙن لنگهن تا گذرڻ ڪانپوءِ وري وزن اُنن تي واپس تي رکيو ويو. جيڪڏهن قافلي جي ڪنهن ٽوليءِ جو اڳواڻ بيمار يا فوت ٿيو ٿي ته جَتَن پُڪن جي ذريعي نئون اڳواڻ منتخب ٿي ڪيو.

پر انهن سيني ڳالهين ڪانپوءِ به سنڌن هڪ ئي مقصد هو: يلي ڪٽي چا به ٿي پوي يا ڪيترائي ڦيرا ڪين ڪاٽا پون پر قافلي کي هڪ ئي گهير نُقطي تي هلڻو هو. هڪ دفعو اَڙاڪا ختم ٿيڻ ڪانپوءِ اهو نُقطو واپس اچي ٿي ويو، هڪ تاري کي ڏسي هنن ريگستان ۾ ساوڪ ۽ پاڻي وغيره جو ڪاٿو ٿي لڳايو. جڏهن ماڻهن اهو تارو آسمان ۾ صبح جي وقت ٿي ڏٺو ته ڪين ڪاٿو ٿي ويو ٿي ته اهي صحيح طرف پاڻي، ڪجين جي وڻن ۽ صحيح پناهه گاهه ڏانهن سفر ڪري رهيا آهن. اهو انگريز ئي هو جنهن کي ڪنهن ڳالهه جي سُڌ نه هئي ۽ هو ڪچ وقت ڪتابن پڙهڻ ۾ ئي غرق ٿي رهيو.

نِينگرَ وٽ پڻ هڪ ڪتاب هو، ۽ سفر جي مُنڍَ وارن ڏينهن ۾ هن اهوڪتاب پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر سندس دلچسپي قافلي تي غور ڪرڻ ۽ ان هِير جي آواز ۾ وڌيڪ هئي. جيئن ئي هو پنهنجي اُٺ کي سمجهڻ لڳو هو، ۽ ان سان ناتو جوڙڻ شروع ڪيو هئائين تيئن ئي هن سندس ڪتاب پاسي تي ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. جيتوٽيڪ نِينگرَ اهو تصور جوڙي ڇڏيو هو ته هر دفعي جڏهن به هو ڪتاب کوليندو ته ڪا نه ڪا خاص ڳالهه سکندو، پر هن اهو سوچيو ته هن وقت هي هڪ غير ضروري وزن آهي.

نِينگرَ جي گڏ سفر ڪرڻ واري هڪ جَتَ سان دوستي ٿي وئي هئي، رات جو جڏهن هو مَچَ جي چوڌاري ويهندا هئا ته نِينگرُ ڪيس پنهنجي ريڊارڪي وقت جا قصا ٻڌائيندو هو. هڪ دفعي ان ڳالهه ٻولهه جي دوران ڪيس پنهنجي زندگيءِ جو قصو ٻڌايو.

" آءٌ القاهرة ۾ رهندو هئس، مون وٽ پنهنجو باغيچو هو، ٻار ٻچا ۽ اهڙي آرامده زندگي هئي جيڪا منهنجي مرڻ تائين تبديل نه ٿئي ها. هڪ سال جڏهن فصل تمام بهترين ٿيو هو، ته اسين مڪي پاڪ هليا وياسين، ۽ مون پنهنجي زندگيءِ جو اهو اهم فرض ادا ڪيو. جنهن ڪانپوءِ آءٌ سَرَهو ٿي سڪون واري موت مري ٿي سگهيس. هڪ ڏينهن زلزلو آيو، ۽ نِيل ندي جو پاڻي بند ٽوڙي اُٿلي پيو. مون اهو ڪڏهن به نه سوچيو هو ته اهڙي ويڌن مونسان ٿيندي. منهنجي پاڙيسرين کي اهو خوف هو ته سندن زيتون جا وڻ ان ٻوڏ ۾ لُڙهي ويندا، منهنجي زال ان ڳالهه کان ڊنل هئي ته ٻوڏ اسانجا ٻار ٻچا به لوڙهي ڪٽي ويندي، مون به اهو ئي ٿي سوچيو ته مون وٽ جيڪي ڪجهه آهي سو هاڻ تباهه برباد ٿي ويندو. ٻوڏ آئي ۽ سڀ ڪجهه ختم ۽ ويران ٿي ويو، تنهن کان پوءِ مونکي

گذاري لاءِ ڪجهه نه ڪرڻو هو. تنهنڪري آءٌ جَتُ بڻجي ويس. پر ان تباهيءَ مونکي الله پاڪ جي فرمان کي سمجهڻ ۾ مدد ڪئي، ته، جيڪڏهن انسان جيڪي چاهي ٿو يا جيڪا انجي گُهرج آهي انکي ماڻڻ جي قابليت رکي ٿو ته ڪيس ڪنهن شيءِ کان گهٻرائڻ جي گُهرج ناهي.

” اسين ڪا به شيءِ وڃائڻ کان خوفزده ٿا رهون، پوءِ پلي اها زندگي هجي يا ڪا ملڪيت يا ڪو ٻيو ساز و سامان. پر اهو خوف تڏهن جنم وٺي ٿو جڏهن اسين پاڻ کي ان ڳالهه تي قائل ڪيون ٿا ته اسانجي زندگيءَ جي ڪهاڻي ۽ دنيا جي تاريخ ساڳئي ئي قلم سان لکيل آهن.“

ڪڏهن ته سنڌن قافلو ٻئي قافلي سان ٿي وڃي مليو. ان وقت هر ڪنهن وٽ اها شيءِ ضرور هوندي هئي جيڪا ڪنهن ٻئي جي گُهرج ۾ هئي ـ جيئن واقعي هر شيءِ هڪ ئي قلم سان لکي وئي هجي. جَتَ جڏهن باهه جي مچ جي چوڌاري وينا ٿي، ته هو هڪٻئي کي ريگستان بابت ۽ ان ۾ اينڌڙ واچوڙن جي بابت واقعا ٻڌائيندا ٿي رهيا.

ڪنهن ويلي ته عجيب و غريب يانت جا ماڻهو مٿي تي پوتڙا ٻڌل ظاهر ٿي ٿيا: اهي عرب بَدُو هئا جن قافلي جي رستن جي نگهباني ٿي ڪئي، ۽ چورن ۽ جنگلي خونخوار قبيلن جي بابت اطلاع ٿي ڏنو. اهي خاموشيءَ سان اچي خاموشيءَ سان ئي هليا ٿي ويا، ڪين ڪاريون پوشاڪون پهريل هيون جن مان رڳي سنڌن اکيون ٿي نظر آيون.

هڪ رات هڪ جَتُ باهه جي مچ وٽ آيو جتي نِينگرُ ۽ انگريز وينا هئا. ”پسگردائيءَ ۾ قبيلائي ويڙهه جون افواهون آهن،“ هن کين آگاهه ڪيو.

ٽئي چپ سانت ۾ اچي ويا. نِينگرَ کي چوڌاري خوف جو احساس ٿيو، جيتوڻيڪ ڪير به ان بابت ڪجهه ڪڇيو نه ٿي. هڪ ڀيرو ٻيهر هو لفظن جي بغير ٻوليءَ جو تجربو ڪري رهيو هو... اها ئي ڪائنات جي ٻولي.

انگريز پڇيو ته ڇا اسان هاڻ خطري ۾ آهيون؟

” هڪ دفعو جڏهن توهان ريگستان ۾ پير پاتو ته پوءِ واپسيءَ جو ڪو پيچرو ناهي،“ جَتَ وراڻيو. ” ۽ ان حالت ۾ جڏهن توهان پوئتي نه ٿا وڃي سگهو ته پوءِ اڳتي وڌڻ جي بهترين پيچري جي کوجنا ڪيو. باقي سڀ ڪجهه الله تي آهي.“ هن پنهنجي ڳالهه اهو ڳجهو لفظ ”لکيو“ چوندي پوري ڪئي.

” توهان ڪي قافلي تي وڏيڪ ڏيان ڏيڻ گهرجي،“ جَتَ جي وچڻ ڪانپوءِ نِينگرَ انگريز کي چيو. ” اسان ڪيترائي ور وڪڙ ناهيا پر اسانجي منزل تہ هڪ ئي آهي“.

” ۽ توهانکي بہ دنيا جي بابت پڙهڻ گهرجي، “ انگريز ڪيس وراڻيو. ” ڪتاب بہ ساڳئي نموني سان قافلن وانگي ئي آهن“

ماڻهن ۽ جانورن جو انبوهہ هاڻ تيز تيز هلڻ شروع ٿيو. ڏينهن تہ سدائين سانت ۾ ئي هئا پر هاڻ تہ راتيون بہ سانت ۾ پئجي ويون هيون. باهہ جي مچ جي چوڌاري جيڪي ماڻهو ويهي ڪچهرا ڪندا هئا هاڻ تن کي بہ ماٺ اچي وئي هئي. هڪ ڏينهن قافلي جي اڳواڻ اهو فيصلو ڪيو تہ هاڻ باهہ جو مچ نہ ٻاريو وڃي تہ جيئن قافلي جي ڪنهن کي خبر نہ پوي. مسافر سمهڻ مهل سيءَ کان بچڻ لاءِ جانورن کي دائري جي شڪل ۾ بيهاري وچ ۾ سمهندا هئا. ۽ اڳواڻ قافلي جي ٽولين جي حفاظت لاءِ هٿيارن سان چوڪيون پڻ لڳايون ٿي.

هڪ رات انگريز کي ننڊ نہ ٿي آئي. هن نِينگرَ کي سڏيو ۽ هو هلندي هلندي قافلي واري جاءِ کان ٿورو اڳتي نڪري آيا. پورنماس جي رات هئي، ۽ نِينگرَ انگريز کي پنهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻي بيان ڪئي. انگريز نِينگرَ جي ٿانوَن واري هَٽَ تان حاصل ڪيل ترقيءَ واري ڳالهہ کان گهڻو متاثر ٿيو.

” اهو ئي قائدو آهي جيڪو هر شيءِ کي هلائي ٿو، “ انگريز چيو.

” علم ڪيميا ۾ انکي دنيا جو روح چيو وڃي ٿو. جڏهن توهان پنهنجي دل و جان سان ڪنهن شيءِ جي طلب ڪيو ٿا، تہ ان وقت توهان دنيا جي روح جي ويجهو اچي وڃو ٿا. ۽ اها سدائين کان هڪ مثبت قوت آهي“.

هن چيو تہ ، ” اهو ڪو انساني تحفو ناهي، پر زمين تي موجود هر شيءِ جاندار آهي ۽ هر شيءِ کي روح آهي، پلي اهي ڌاتو، ٻاجيون، يا جانور، يا صرف هڪ خيال چو نہ هجي“.

” دنيا ۾ موجود هر شيءِ مسلسل تبديل ٿيندي رهي ٿي، ڇاڪاڻ جو زمين زنده آهي ۽ زمين کي بہ روح آهي. ۽ اسين ان روح جو حصو آهيون، سو اسانکي اها خبر ئي نہ ٿي پوي تہ اها اسان لاءِ زنده آهي ۽ اسان لاءِ ئي ڪم ڪري رهي آهي. هَٿَ ۾ تو اهو

محسوس ڪيو هوندو ته هڪ شيشو به تنهنجي ڪاميابيءَ ۾ تنهنجي مدد ڪري رهيو هو.

نِينگرَ چنڊ ۽ واريءَ ڏانهن ڏسندي ڪجھ دير لاءِ ان بابت سوچيو پئي.

” مون قافلي کي ريگستان مان گذرندي ڏٺو پئي،“ نِينگرَ چيو. ” قافلي ۽ ريگستان جي به هڪ ئي ٻولي آهي، اهو ئي سبب آهي جو ريگستان گذر ڪرڻ جي اجازت ڏيئي رهيو آهي. ۽ اهو قافلي جي هر قدم کي پرکي رهيو آهي ته قافلو پنهنجي مقرر وقت تي آهي يا نه، جيڪڏهن قافلو وقت تي آهي ته هو پاڻيءَ ۽ ساوڪ تائين به پهچيو پون.“

” جيڪڏهن اسان مان ڪير به پنهنجي بهادريءَ جي سبب هن قافلي ۾ شامل ٿئي ها، بغير ان جي ٻولي سمجھڻ جي ته ان لاءِ سفر تمام گهڻو اٽانگهو ٿي پوي ها.“

ٻئي اتي بيٺا چنڊ کي تڪيندا رهيا.

”اهو ئي ته سَوڻن جو جادو آهي،“ نِينگرَ چيو. ” مون ڏٺو پئي ته قافلي جي رهنمائي ڪرڻ وارا ڪيئن ڪيئن انهن علامتن کي پڙهي رهيا هئا، ۽ ڪيئن قافلي جي روح ريگستان جي روح سان هم ڪلامي ٿي ڪئي.“

انگريز چيو، ” مونکي واقعي قافلي تي وڌيڪ توجهه ڏيڻ گهرجي.“

” ۽ مونکي واقعي توهانجا ڪتاب پڙهڻ گهرجن،“ نِينگرَ چيو.

❖

اهي عجيب ڪتاب هئا. انهن ۾ پاري، ازدهائن، بادشاهن جي بابت ذڪر ٿيل هو، ۽ هو انهن مان ڪا به شيءِ سمجهي نه سگهيو. پر هڪ ڳالھ جيڪا انهن ڪتابن ۾ بار بار دهرائجي رهي هئي سا اها هئي ته، مڙني شين جو جنم صرف هڪ ئي شيءِ مان ٿيو آهي، يا سموريون شيون صرف هڪئي شيءِ جو تَتُ آهن.

هڪ ڪتاب ۾ هن پڙهيو ته علم ڪيميا جي ذات ۾ سڀ کان اهم عبارت صرف ڪجھ جملن تي مشتمل آهي. ۽ اها هڪ زمرد جي پٿر تي اُڪريل آهي.

” اها هڪ زمرد جي ڦرهي آهي،“ انگريز چيو. ۽ نِينگرَ کي ڪجهه سيڪارڻ تي فخر محسوس ڪيائين.
” ٺيڪ آهي، تہ پوء اسانکي انهن مڙني ڪتابن جي ڪُهرج ڇو آهي؟“ نِينگرَ پڇيو.
” تہ جيئن اسين اهي ڪجهہ جملا سمجهي سگهون،“ انگريز ڳالهہ سمجهڻ جي بغير ئي تہ هو ڇا چئي رهيو آهي، وراڻيو.
نِينگرَ جي وڌ کان وڌ دلچسپي ان ڪتاب ۾ پيدا ٿي جنهن ۾ مشهور ڪيمانگرن جي بابت قصا بيان ٿيل هئا.
هي اهي ماڻهو هئا جن پنهنجي سموري حياتي پنهنجي تجربيگاهن ۾ ڌاتن کي نِجُ ڪرڻ لاء وقف ڪري ڇڏي هئي. ڪين ان ڳالهہ تي يقين هو تہ جيڪڏهن ڪنهن ڌاتوء کي ڳچ ورهين تائين باهہ ۾ تپايو وڃي ٿو تہ اهو آخرڪار پنهنجي اصل خوبين کان آزاد ٿي وڃي ٿو، ۽ جيڪي بچي ٿو سو ئي آهي دنيا جو روح. اهو ئي دنيا جو روح ڪين دنيا ۾ موجود هر شيء کي سمجهڻ ۾ واهَرَ ڪري ٿو، ڇاڪاڻ جو هي اها ئي ٻولي آهي جنهن سان هر شيء جو واسطو پوي ٿو. هو ان ايجاد کي ”حڪمت وارو ڪم“ سڏين ٿا. ان جو ڪجهہ حصو پاڻياٺ ۽ ڪجهہ وري نِهرو آهي
”ڇا صرف ماڻهن ۽ سوٽَن جي مشاهدي سان اها ٻولي نہ ٿي سکي سگهجي؟“ نِينگرَ پڇيو.
” توکي هر شيء کي آسان وٺڻ جي بيماري آهي،“ انگريز خار وچان جواب ڏنو. ” علم ڪيميا هڪ ڳنڀير مضمون آهي. ان ۾ هر قدم ائين ئي کڻڻو آهي جيئن انجي استادن ڪنيو.“
نِينگرَ اهو سکيو تہ ان ”حڪمت واري ڪم“ جي پاڻياٺ واري حصي کي ” آبِ حيات“ سڏجي ٿو، جنهن ۾ هر بيماريء جو علاج آهي؛ ۽ اهو ڪيمانگرن کي پوڙهي ٿيڻ کان پڻ بچائي ٿو. ۽ نوس حصي کي ”پارس جو پٿر“ سڏجي ٿو.
”پارس جو پٿر ماڻڻ ايترو آسان ناهي،“ انگريز چيو. ” ڪيمانگر ورهين جا ورهيہ پنهنجي ڪيميائي تجربيگاهن ۾ ان باهہ جو مشاهدو ڪندي گذاريو ڇڏين جيڪا ڌاتن کي نِجُ بڻائي ٿي. پنهنجو ڳچ وقت ان باهہ جي ويجهو گهارڻ ڪانپوء هوريان هوريان هنن دنياوي خود نمايں تان هٿ ڪنيو. هنن اهو دريافت ڪيو تہ ڌاتن کي نِجُ بڻائڻ واري عمل ڪين پنهنجي ذات کي نِجُ بڻائڻ تائين پهچائي ڇڏيو.“
نِينگرَ کي ٿانوَن جي واپاريء جو خيال آيو. ان ڪيس چيو هو تہ ٿانوَن کي صاف ڪرڻ سندس لاء سٺي ڳالهہ آهي، ان سان هو پنهنجي اندر موجود ناڪارا سوچن کي بہ پاڪ

صاف ڪري سگهي ٿو. نِينگرُ ان ڳالهه جو قائل ٿيڻ لڳو هو ته علم ڪيميا روزمره جي زندگيءِ ۾ به سڪي سگهجي ٿي.

” ۽ پڻ،“ انگريز ڳالهه جاري رکندي چيو، ”پارس جي پٿر جي هڪ بهترين خَصلَتَ اها به آهي ته ان پٿر جو هڪ ننڍڙو ذرو به وڏي تعداد ۾ ڌاتن کي سون ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو.

اهو ٻڌڻ ڪانپوءِ نِينگرَ جي دلچسپي علم ڪيميا ۾ اجان وڌي وئي. هن سوچيو ته ٿوري صبر ڪرڻ سان هو هر شيءِ کي سون ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو.

هن ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن جي حياتيءَ جي بابت پڙهيو جيڪي اهو ڪم سرانجام ڏيڻ ۾ ڪامياب ويا: جيئن، هيلويشس، الياس، فلڪانيلي ۽ جابر بن حيان. اهي تمام دلچسپ قصا هئا. انهن مان هر ڪنهن پڇاڙيءَ تائين پنهنجي تقدير پٺاندڙ مانَ ۽ مرتبي واري زندگي گذاري. هنن مسافري ڪئي، ڏاهن سان ميل ملاقاتون رکيون، ڪين پنهنجون ڪرامتون ڏيکاريون جن کي هنن ڳالهين تي ويساهه نه هو، وٽن پارس جو پٿر ۽ آبِ حيات پڻ هو.

پر جڏهن نِينگرَ اهو حڪمت وارو ڪم سکڻ ٿي چاهيو ته هو رڳي نقش، ڳجهيون هدايتون ۽ اڻ چٽا اکر ڏسي وائڙو ٿي پيو.

❖

” هو شين کي ايترو منجهائي ڇو پيش ڪندا آهن؟“ هڪ رات نِينگرَ انگريز کان پڇيو. نِينگرَ محسوس ڪيو ته انگريز سندس ڪتابن جي ڪري خار ۾ هو.

” اهو انڪري جو جيڪي قابل ۽ ذميوار آهن سي ئي سمجهي سگهن،“ انگريز جواب ڏنو. ” فرض ڪر، جيڪڏهن هر ڪو ئي شِيهي کي سون ۾ تبديل ڪرڻ لڳو ته سون جو قدر گهٽجي ويندو. هي اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي ثابت قدم آهن ۽ شين جو گهرائيءِ سان مطالعو ڪن ٿا، هي حڪمت وارو ڪم صرف انهن لاءِ آهي. ان ڪري ئي آءٌ به ريگستان جي وچ ۾ آهيان. ۽ آءٌ هڪ ذميوار ۽ مخلص ڪيمانگر جي ڪوجنا ۾ آهيان جيڪو انهن ڳجهن کي حل ڪرڻ ۽ سمجهڻ ۾ منهنجي واهَرَ ڪري سگهي ٿو.“ ” اهي ڪتاب ڪڏهن لکيا ويا هئا؟“ نِينگرَ پڇيو.

”ڪيترين ئي صديون اڳ.“

” ان دور ۾ وٽن ڇاپي خانا نہ هئا؟“ نِينگرَ بحث ڪيو. ” علم ڪيميا سکڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي، پوءِ هنن جو اهڙي نقشن سان پريل عجيب ٻولي ڪَتب آندي؟“ انگريز ڪيس سڌو جواب نہ ڏنو. ڪيس ٻڌائين تہ هو گذريل ڪجهہ ڏينهن کان قافلي جي وهنوار تي ڌيان ڏئي رهيو آهي، پر هو ڪا نئين شيءِ نہ سکي سگهيو آهي. بس هڪ ڳالهہ جنهن سندس ڌيان ڇڪرايو سا قبيلائي ويڙهہ جي افواهن جي هئي جيڪا روز ڪئي تي وئي.

❖

هڪ ڏينهن نِينگرَ انگريز کي پنهنجا ڪتاب موٽايا. ” ڇا تو انهن ما ڪا شيءِ سکي؟“ انگريز آئتماند منجهان پڇيو. هن ڪنهن سان ٿيڻ واري ويڙهہ تان ڌيان هٽائڻ لاءِ ڳالهائڻ چاهيو ٿي.

” مون اهو سکيو تہ دنيا کي بہ روح آهي، ۽ جيڪو ان روح کي سمجهي سگهي ٿو تہ اهو هر شيءِ جي ٻولي سمجهي سگهي ٿو. مون اهو بہ سکيو تہ ڪيترن ئي ڪيمانگرن پنهنجي تقدير حاصل ڪئي، ۽ هو دنيا جي ان روح، پارس جي پٿر ۽ آبِ حيات کي دريافت ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا.“

” پر انهن مڙني ڳالهين کان علاوه مون اهو بہ سمجهيو تہ هي سڀ شيون نهايت ئي آسان آهن ۽ ڪين زمرد جي ڦرهيءَ تي لکي سگهجي پيو.“

انگريز سندس ان ڳالهہ تي نراس ٿي سوچڻ لڳو تہ سندس ورهين جي تحقيق، جادوئي نشانين، عجيب لفظن ۽ تجربي گاهہ ۾ پيل سامان مان ڪنهن بہ شيءِ نِينگرَ کي متاثر نہ ڪيو. ”سندس سادي مزاج جي ڪري ئي هو انهن شين کي سمجهي نہ سگهيو آهي“. انگريز سوچيو. ۽ هن پنهنجا ڪتاب واپس ٿيلهي ۾ رکيا.

” هاڻ هلي قافلي تي ئي ڌيان ڏجي، ان مان پڻ آءٌ ڪا شيءِ نہ سکي سگهيو آهيان.“ انگريز چيو.

نِينگرُ بہ واپس ريگستان جي سانت ۽ جانورن جي کُرن مان اٿيل واريءَ تي غور ڪرڻ لڳو.

” هر ڪنهن جو سکڻ جو پنهنجو انداز آهي،“ هن پاڻ سان ڳالهائيندي چيو. ” پر انگريز جو سکڻ جو انداز مون جهڙو ناهي، نه ئي منهنجو انداز سندس جهڙو آهي. پر اسين ٻئي پنهنجي تقدير جي کوجنا ۾ آهيون، ۽ انڪري آءٌ سندس عزت ڪيان ٿو.“

❖

قافلو رات ڏينهن هلڻ لڳو. عربي بدوئن جي اچ وچ به وڌڻ لڳي. ۽ اهو جَتُ جنهن جي نِينگرَ سان سٺي دوستي ٿي چڪي هئي، چيو ته قبيلائي ويڙهه شروع ٿي چڪي آهي. ۽ جيڪڏهن قافلو ڪنهن ساوڪ واري جڳهه تي پهچي ويو ته اها قافلي جي خوش قسمتي ٿيندي.

جانور به ٿڪجي چور ٿي پيا هئا. ۽ ماڻهن جي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه به گهٽجي وئي هئي. رات جي وقت اها سانت تمام تڪليف ڏيندڙ هئي، اُنن جو ٿورو به ڪُرڪڻ جيڪو اڳ ۾ صرف ڪُرڪڻ ئي هو هاڻ ڪنهن حملي جو اشارو ٻڌجي هر ڪنهن کي خوفزده ڪري رهيو هو.

پر جَتَن کي جيتوڻيڪ ان ويڙهه جي خطري جي پرواهه نه هئي.

” آءٌ زنده آهيان،“ جَتَ نِينگرَ کي هڪ رات کجي کائيندي چيو، ان مهل ڪو باهه جو مچ نه هو ۽ نه ڪي چنڊ هو. ” جنهن گهڙي آءٌ کائي رهيو آهيان، ان گهڙيءَ آءٌ صرف ان بابت ئي سوچيان ٿو. ۽ جنهن مهل آءٌ هلي رهيو هوندو آهيان ان وقت منهنجو ڌيان هلڻ تي ئي رهي ٿو. جنهن ڏينهن مونکي وڙهڻو پيو ته ان ڏينهن اهڙو وڙهبو جو ان جهڙو ڪو بهترين ڏينهن مرڻ لاءِ نه هوندو. ڇاڪاڻ جو آءٌ نه پنهنجي ماضي ۾ رهان ٿو نه ڪي پنهنجي مستقبل ۾. منهنجي دلچسپي صرف حال ۾ آهي. جيڪڏهن توهان سدائين پنهنجي حال تي ڌيان ڏيو ته توهان سَرَها رهندئو. توهان ڏسندئو ته ريگستان ۾ به جان آهي، آسمان ۾ تارا چمڪن ٿا، ۽ قبيلائي ماڻهو وڙهندا رهن ٿا، ڇاڪاڻ جو اهي به انساني نسل جو حصو آهن. حال ۾ رهڻ سان زندگي توهان جي لاءِ هڪ سرهائيءَ جي ڌُڻ جي حيثيت اختيار ڪري وٺي ٿي، ڇاڪاڻ جو زندگي اها گهڙي آهي جيڪا اسين هن وقت جيءَ رهيا آهيون.“

ٻن راتين ڪانپوءِ، جڏهن نِينگرُ سمهڻ جي تياري ڪري رهيو هو، ته آسمان ۾ اهي تارا ڏٺائين جن ڪي طرف ڏسڻ لاءِ جَتَ هر رات ڏسندا هئا. هن سوچيو ته آڪاس منڊل اڳي کان ٿورو هيٺ لڳي رهيو آهي، چاڪاڻ جو ڪيس اهي تارا هيٺ ريگستان تي به نظر آيا.

” اتي ساوڪ آهي.“ جَتَ چيو.

” ته پوءِ پاڻ ڪي هن وقت ايڏانهن نه هلڻ گهرجي؟“ نِينگرَ پڇيو.

” نه، چاڪاڻ جو هن وقت پاڻ ڪي سمهڻو آهي.“

❖

نِينگرُ سج اُڀرندي ئي سجاڳ ٿيو. چا ڏسي ته جتي رات تارا چمڪي رهيا هئا، اتي ٻي انت کجيءَ جي وڻن جي قطار هئي جيڪي ريگستان ۾ ڳچ پنڌ تائين پکڙيل هئا.

”اسين پهچي وياسين!“ انگريز چيو، جيڪو پڻ ان وقت سجاڳ ٿيو هو.

پر نِينگرُ چُپ هو. ريگستان جي سانت ڪانپوءِ هاڻ هو اُتي موجود هو، ۽ وڻن ڪي ڏسڻ ۾ مُستَغرق هو. احرامن تائين پهچڻ تائين اجان ڪيس منزلون لتاڙڻيون هيون، ۽ هڪ ڏينهن هيءَ صبح به ماضيءَ جو حصو بڻجڻي هئي. پر اهو ته حال هو، سرهائيءَ جو ڏڻ، جيئن جَتَ چيو هو. ۽ هن ان لمحي ڪي ائين جيئڻ چاهيو ٿي، جيئن هو ماضيءَ مان سکيل سبقن ۽ مستقبل جي خوابن سان جيءَ رهيو هو. جيتوڻيڪ اهو کجيءَ جي وڻن جو نظارو به هڪ ڏينهن ماضيءَ جو حصو بڻجي ويندو جيڪو هن وقت رهڻ، کائڻ پيئڻ ۽ جنگ کان بچاءَ واري جاءِ آهي. ڪالهه، اُنن جي کُرڪر خطري جي نشاندهي ڪري رهي هئي، ۽ هاڻ کجيءَ جي وڻن جي قطار هڪ معجزي جي مُنادي ڏئي رهي آهي.

”دنيا ڪيترين ئي ٻولين ڳالهائي سگهي ٿي.“ نِينگرَ سوچيو.

❖

”وقت سان گڏو گڏ قافلا به گذرندا رهن ٿا.“ ڪيمانگر سوين ماڻهن ۽ جانورن کي نخلستان ۾ پهچندي ڏسي سوچي رهيو هو. اتان جا ماڻهو نون ماڻهن جي آمد تي ڪين پلي ڪار ڪري رهيا هئا، ڏوڙ متيءَ ريگستان ۾ سج جي روشنيءَ کي جَهڪو ڪري ڇڏيو هو، ۽ نخلستان جا ٻار پڻ گرمجوشيءَ منجهان نون آيلن سان ملي رهيا هئا.

ڪيمانگر ڏٺو ته قبيلي جو سردار قافلي جي سردار کي پليڪار ۽ ڪجه دير تائين ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو هو.

پر اها ڪيمانگر لاءِ ڪا نئين ڳالهه نه هئي. هن ڪيترائي ماڻهو ايندي ويندي ڏٺا، پر ريگستان ڪڏهن به تبديل نه ٿيو. ان ئي ريگستان جي واري ۾ هلندي هن بادشاه به ڏٺا ته فقير به. واريءَ جا دڙا واءَ جي زور تي برابر متجندا رهندا هئا، پر اها واري ته ساڳي ئي هئي جيڪا هو سندس ننڍپڻ کان ڏسندو آيو ٿي. ڪيس اهو ڏسي سدائين سرهائي ٿيندي هئي جڏهن مسافر هئدي واري ۽ نيري آسمان ۾ هفتن جي سفر ڪانپوءِ جڏهن پهريون پيرو ڪجين جي وڻن جي ساوڪ ڏسندا هئا. ” ٿي سگهي ٿو ته خدا ريگستان ان جي ڪري ئي ناهيو هجي ته جيئن ماڻهو ان ۾ ڪجيءَ جا وڻ ڏسي انجو قدر ڪن،“ هن سوچيو. هن ڪجھ ضروري مسئلن تي پنهنجو ڌيان ڏيڻ جو سوچيو. ڪيس اها خبر هئي ته قافلي ۾ ڪو اهڙو ماڻهو ضرور آهي جنهن کي هو پنهنجا ڪجھ ڳجھ سيکاريندو. اهو ڪيس سَوڻَن ٻڌائي ڇڏيو هو. ڪيس ان ماڻهوءَ جي خبر نه هئي ته اهو ڪير آهي، پر جڏهن هو آڏو آيو ته سندس پرکڻ واري اک ڪيس ضرور سڃاڻي وٺندي. ڪيس اها اميد به هئي ته هو سندس پهرين شاگردن وانگي قابل هوندو.

”خبر ناهي ته الائي ڇو هنن شين جو اظهار ڪرڻ لاءِ لفظن جي گهرج پوي ٿي.“ ڪيمانگر سوچيو. اهي دراصل ڪي ڳجھ ته نه هئا، چاڪاڻ جو خدا پنهنجا اهي ڳجھ مخلوق تي تمام آسان نموني ۾ ڇِٽا ڪري ڇڏيا هئا.

وٽس ان حقيقت جي صرف هڪ وضاحت هئي: ته اهڙين ڳالهين کي هڪ کان ٻئي هنڌ ان ئي طريقي سان منتقل ڪيو وڃي، چاڪاڻ جو اهي شيون يا اهي ڳجھ هڪ نِجُ زندگيءَ مان نهيا آهن. ۽ اها زندگي تصويرن ۽ لفظن جي آڌار تي نه ٿي حاصل ڪري سگهجي. چاڪاڻ جو ماڻهو لفظن ۽ تصويرن ۾ مُستغرق ٿي دنيا جي ٻولي وساريو ڇڏين.

❖

نِينگرَ کي يقين نہ پئي آيو تہ هو ڇا ڏسي رهيو آهي: نخلستان، جيڪو هن جاگرافيءَ جي هڪ ڪتاب ۾ چوڏاري ڪجهہ ڪجيءَ جي وڻن سان ڏٺو هو، پر هي تہ اندلس جي ڪيترن ئي ڳوٺن کان بہ وڏو ٿي لڳو، اتي ٽي سو کوهہ، پنجاهہ هزار ڪجيءَ جا وڻ ۽ انهن جي وچ ۾ لا تعداد رنگين خيما پڻ موجود هئا.

” اهو سڀ ڪجهہ ’هڪ هزار هڪ راتيون (الف ليلىٰ) ‘ واري افساني وانگي لڳي رهيو آهي،“ انگريز چيو، جيڪو ڪيمانگر سان ملاقات جو بي صبريءَ سان انتظار ڪري رهيو هو.

هو ٻارن سان گهريل هئا، جيڪي اتي پهتل جانورن ۽ ماڻهن کي سرهائيءَ منجهان ڏسي رهيا هئا. نخلستان جي رهواسين مسافرن کان ريگستان ۾ هلندڙ ويڙهہ بابت ڄاڻڻ ٿي چاهيو، ۽ اتان جي عورتن ڪپڙي ۽ واپارين جي ذريعي آندل اَمُلهہ پٿرن جي نمائش لاءِ هڪٻئي کان ڪوءِ پئي ورتي. ريگستان جي سانت هاڻ هڪ ڏورانهون خواب ٿي لڳو: قافلي جا ماڻهو هاڻ لڳاتار هڪٻئي سان ڳالهائي ٻولهائي رهيا هئا، سندن وچ ۾ ٺهڪڙا ۽ شور شرابو هلي رهيو هو، ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هو ڪنهن روحاني دنيا مان هڪ ڀيرو ٻيهر انسانن جي دنيا ۾ اچي ويا هجن. هو مطمئن ۽ سَرَها هئا.

هنن ريگستان ۾ نهايت ئي احتياط سان ڏنل هدايتن تي عمل ڪيو ٿي، پر جَتَ نِينگرَ کي ٻڌايو هو تہ نخلستانن کي سدائين غير جانبدار علائقا سمجهيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ جو اتي رهواسين جي اڪثريت عورتن ۽ ٻارن جي آهي.  ريگستان ۾ چوڦير ڪيترائي نخلستان آهن، ۽ ڇاڪاڻ جو اهي سَامَ ڳاهون آهن، ان ڪري قبيلي وارا ويڙهہ ريگستان ۾ ئي ڪن ٿا.

ڏکيو تہ هيو پر پوءِ بہ قافلي جي اڳواڻ پنهنجي ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ۽ کين هدايتون ڏنيون تہ قافلو قبيلائي ويڙهہ جي خاتمي تائين نخلستان ۾ ئي ترسندو، ۽ کين اتان جي رهواسين سان گڏ رهڻو پوندو، ۽ کين سڀني کان سٺي رهائش پڻ ڏني ويندي. اهو ئي مهمان نوازيءَ جو اصول بہ آهي. قافلي جي اڳواڻ کين ۽ سندس چوڪيدارن کي پڻ چيو تہ هو پنهنجا هٿيار قبيلي جي سردار پاران منتخب ڪيل ماڻهن جي حوالي ڪن جيڪي اسانجي حفاظت لاءِ لڳايا ويندا.

”اهي جنگي قانون آهن،“ قافلي جي اڳواڻ چيو.

”نخلستان سپاهين ۽ پهريدارن کي پناهہ نہ ڏيندو آهي.“

جڏهن انگريز پنهنجي ٿيلهي مان رُڪَ جو هڪ پستول ڪڍي هٿيار گڏ ڪرڻ واري کي ڏنو تہ نِينگرُ اهو لقاء ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو.

” پستول ڇا لاء؟“ هن پڇيو.

” اهو ماڻهن تي ويساهہ ڪرڻ ۾ منهنجي واهَرَ ڪري ٿو.“ انگريز وراڻيو.

ان دوران نِينگرَ کي پنهنجي خزاني جو خيال آيو. هو جيترو پنهنجي خواب کي ماڻڻ جي ويجهو پهچي رهيو هو ايترو ئي مشڪلاتون وڌنديون ٿي ويو. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ پوڙهي بادشاهہ جي ”سيڪڙات جي ڀاڳ“ واري ڳالهہ هاڻ ڪم نہ پئي ڏيکاريو. خواب جي ساڀيان ماڻڻ ۾ لڳاتار سنڌس ثابت قدمي ۽ همت کي پرکيو ٿي ويو، تہ جيئن هو ڪابہ جلد بازي يا بي صبري نہ ڪري. جيڪڏهن هو تڙ تڪڙ ۾ اڳتي وڌي ها تہ سنڌس رستي ۾ خدا جي ڏيکاريل علامتن کي ڏسڻ ۾ ناڪام وڃي ها.

” خدا انهن علامتن کي منهنجي رستي ۾ آندو!“ کيس ان ڳالهہ تي حيرت ٿي. اڄ تائين هو انهن علامتن کي بس دنيا جي عام شين وانگي سمجهي رهيو هو. جيئن سمهڻ، کائڻ پيئڻ، پيار محبت، نوڪري جي کوجنا وغيره آهن. هن ڪڏهن بہ انهن علامتن جي بابت ان ريت نہ سوچيو تہ خدا کيس پيچرو ڏيکارڻ لاء انهن علامتن جي ٻولي ڪَتب آڻي ٿو.

”بي صبر نہ ٿيءُ گهرجي،“ هن پنهنجي پاڻ سا ورجايو.“ اها ڳالهہ ائين ئي آهي جيئن جَتَ چئي هئي ؛ ’ تہ کائڻ جي وقت صرف کائڻ ۽ هلڻ جي وقت صرف هلڻ گهرجي.‘ “

پهرئين ڏينهن انگريز سميت سڀ ٿڪ ۾ چُور هجڻ هجڻ سبب سمهي پيا. نِينگرَ کي آرام لاء پنهنجي دوست کان ڪجهہ پري هڪ خيمو مليل هو، جتي سنڌس ئي جمار جا پنج ڇهہ ٻيا بہ ٽڪيل هئا. هو ريگستاني ماڻهو هئا ۽ هنن نِينگرَ جي وڏن شهرن بابت قصن کي وڏي شوق سان ٻڌو ٿي.

نِينگرَ کين پنهنجي ريڍار واري زندگيء بابت پڻ ٻڌايو، ۽ کين ٿانوَن جي هَٽَ ۾ گهاريل وقت جي بابت ٻڌائڻ ئي وارو هو تہ خيمي ۾ انگريز اچي نڪتو.

” آءٌ صبح کان ونئي توکي ڳوليان وينو،“ انگريز نِينگرَ کي ڀاڃي ونئي ايندي چيو. ” مونکي ڪيمانگر کي ڳولڻ ۾ تنهنجي واهَرَ جي گُهرج آهي.“

پهريان هنن پاڻ مرادو ڪيمانگر کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪيمانگر جي رهڻي کهڻي ضرور اتي رهندڙ باقي ماڻهن کان مختلف هوندي، ۽ سندس خيمي ۾ هڪ چُلهو لڳاتار ٻرندو هوندو.

هنن ڪيس هر جڳهه تي ڪوجنا ڪئي، پوءِ کين اهو احساس ٿيو ته نخلستان سندن سوچ کان تمام وڏو آهي، اتي سوين خيما هئا.

” اسان سڄو ڏينهن وڃائي ڇڏيو،“ انگريز نِينگرَ سان گڏ هڪ کوهه جي پر ۾ ويهندي چيو.

” اسانکي ڪنهن کان پڇڻ گهرجي،“ نِينگرَ صلاح ڏني.

انگريز پنهنجي نخلستان ۾ هجڻ جو سبب ڪنهن کي نه ٿي ٻڌائڻ چاهيو، ۽ نِينگرَ جي صلاح تي پنهنجو ذهن آماده نه پئي ڪري سگهيو. پر آخرڪار هو نِينگرَ جي صلاح تي راضي ٿيو، ڇاڪاڻ جو نِينگرَ کي سٺي عربي ڳالهائڻ آئي ٿي، سو اهو ڪم هو ئي ڪري سگهيو ٿي. نِينگرُ هڪ عورت ڏانهن وڌيو جيڪا کوهه تان مَشڪَ ۾ پاڻي ڀرڻ آئي هئي.

”السلام عليڪم، سائڻ، آءٌ هتان جي رهاڪو ڪيمانگر کي ڳولي رهيو آهيان.“

عورت چيو ته هن ان شخص جي بابت ڪڏهن به نه ٻڌو آهي، ۽ اهو چئي هلي وئي. پر وڃڻ کان اڳ، هن نِينگرَ کي مشورو ڏنو ته هو هت موجود پردي ۾ رهندڙ عورتن سان ڳالهه ٻولهه نه ڪري، ڇاڪاڻ جو هو شادي شده آهن، ۽ کيس ان رواج جو احترام ڪرڻ گهرجي.

انگريز نا اميد ٿي پيو. کيس ائين لڳي رهيو هو ته سندس ايڏي وڏي مسافري مان کيس ڪجهه به نه وريو. نِينگرُ پڻ اُباڻڪو ٿي پيو: سندس دوست پنهنجي تقدير جي ڪوجنا ۾ هو ۽ جڏهن ڪو به ماڻهو اهڙي ڀانت جي ڪوجنا ۾ هوندو آهي ته پوري ڪائنات سندس ڪاميابيءَ لاءِ ڪوشش ڪندي آهي ـ جيئن پوڙهي بادشاه چيو هو. ۽ هو غلط نه تو ٿي سگهي.

” مون اڳ ڪڏهن بہ ڪيمانگرن جي بابت نہ ٻڌو آهي،“ نِينگرَ چيو. ” تي سگهي ٿو تہ هت بہ ڪنهن کي ان بابت ڪا ڄاڻ ناهي.“

انگريز جون اکيون ڀري پيون، ” ائين ٿي هوندو! ٿي سگهي ٿو هت واقعي ڪنهن کي خبر نہ هجي تہ هڪ ڪيمانگر ڇا ٿيندو آهي! هاڻ اهو ڳولڻو آهي تہ هت ماڻهن جو علاج ڪير ڪندو آهي!“

برقعي ۾ ڪيترين ئي عورتون کوھ تان پاڻي ڀرڻ لاء اچي رهيون هيون، پر نِينگرَ انگريز جي زور ڀرڻ باوجود بہ ڪنهن سان بہ نہ ٿي ڳالهايو. ايتري ۾ هڪ ماڻهو آيو.

” ڇا توهان هت ڪنهن اهڙي شخص جي بابت ڪجھ ڄاڻو ٿا جيڪو ماڻهن جي بيمارين جو علاج ڪندو هجي؟“ نِينگرَ پڇيس

” الله سائين اسانکي بيمارين کان شفا ڏئي ٿو،“ ان ماڻهوء وراڻيو، هو پَرَهَنڌَن (اجنبي) کان ڊنل ٿي لڳو. ” توهان جادوگرن جي ڳولا ڪري رهيا آهيو.“ هن قران مان ڪجھ آيتون پڙهيون ۽ هليو ويو.

اتي هڪ ٻيو ماڻهو نظر آيو. هو ٿورو جهونو ٿي لڳو، ڪيس هٿ ۾ هڪ ننڍڙي ٽوڪري هئي. نِينگرَ کانئس ساڳيو سوال ورجايو.

” توهان اهڙي ياڻت جو ماڻهو ڇو پيا ڳوليو؟“ جهوني عرب پڇيو.

” ڇاڪاڻ جو منهنجي دوست ان سان ملڻ لاء ڪيترن ئي مهينن جو سفر طع ڪيو آهي،“ نِينگرَ وراڻيو. ” جيڪڏهن اهڙو ڪو ماڻهو هت نخلستان ۾ موجود آهي بہ تہ هو تمام گھڻو طاقتور هوندو،“ جهوني ڪجھ گھڙيون سوچڻ کانپوء جواب ڏنو. ” قبيلي جو سردار بہ جيڪڏهن چاهي تہ ان سان نہ ٿو ملي سگهي، جيسيتائين جو سندس رضامندي نہ هجي.“

” ويڙھ ختم ٿيڻ جو انتظار ڪيو، ۽ قافلي سان هتان هليا وڃو. نخلستان جي زندگيء جو حصو بڻجڻ جي ڪوشش نہ ڪيو.“ اهو چئي هو جهونو شخص روانو ٿيو.

پر انگريز سَرَهو هو. هو هاڻ صحيح رستي تي هئا.

آخرڪار هڪ ڳيرُو ناري ڪوهه وٽ آئي جيڪا بغير برقعي جي هئي. سندس ڪنڌ تي هڪ ٿانءَ رکيل هو، ۽ ڪيس نقاب پهريل هو پر سندس صورت نظر آئي ٿي. نِينگرُ ان ڏانهن ڪيمانگر جي بابت پڇڻ لاءِ وڌيو.

ان گهڙيءَ ڪيس ائين لڳو ڄڻ ته وقت رُڪجي ويو هجي، ۽ دنيا جو روح سندس اندر سمائجي ويو هجي. جڏهن نِينگرَ سندس ڪارن نيڻن ۾ جهاتي پاتي، ۽ جڏهن هن سندس چپن تي غور ڪيو جيڪي هڪ ئي مهل مُرڪ ۽ خاموشيءَ جو منظر پيش ڪري رهيا هئا، ته ان مهل هن ان ٻوليءَ جو اهم حصو سکي ورتو جيڪا پوري دنيا ڳالهائي ٿي. اها ٻولي جيڪا هن زمين تي هر ڪو ئي پنهنجي اندر ۾ ئي سمجهي سگهي ٿو. اها محبت جي ٻولي هئي. محبت جيڪا انسان ذات ۽ هن ريگستان کان به قديم آهي. جڏهن به اڪيون ملن ٿيون ته محبت ۾ شدت پيدا ٿئي ٿي. ۽ سندن به اکيون ان کوهه تي مليون هيون. نِينگِريءَ مرڪيو، ۽ اهو به هڪ سَونُ هو. اهو سَونُ جنهن جو هو انتظار ڪري رهيو هو، ڪيس اها به خبر نه هئي ته هو ڪو پنهنجي سڄي ڄمار ان ئي شيءَ جو انتظار ڪري رهيو هو.

اهو سَونُ جيڪو هو پنهنجين رڍن سان ۽ ڪتابن ۾، ٿانوَن جي هَٽَ ۾ ۽ ريگستان ۾ ڳولي رهيو هو.

اها نِجُ دنيا جي ٻولي هئي. ۽ انکي وضاحت جي به گُهرج نه ٿي پوي، بلڪل ڪائنات وانگي ئي، جيڪا بي انت آهي، جنهن کي پڻ ڪنهن وضاحت جي گُهرج ناهي. ان گهڙيءَ نِينگرُ اهو محسوس ڪري رهيو هو ته هو ان واحد عورت سان گڏ آهي جيڪا سندس زندگيءَ جو حصو آهي، ۽ اها نِينگرَ به بغير لفظن جي سهاري ان ڳالهه کي سمجهي رهي هئي. ڪيس ان ڳالهه تي پڪو يقين هو. هن پنهنجي ابن ڏاڏن کان اهو ٻڌو هو ته ڪنهن سان به رشتو ناتو ڳنڍڻ کان پهريان ان جي بابت ڄاڻڻ ۽ ان سان محبت ڪرڻ ضروري آهي. پر جيڪي ماڻهو ان طريقي سان سوچين ٿا انهن ڪڏهن به ڪائنات جي ٻولي نه سکي آهي. ڄاڪاڻ جو جڏهن توهان اها ٻولي ڄاڻو ٿا ته اهو سمجهڻ نهايت آسان ٿيو پوي ته دنيا ۾ ڪير نه ڪير توهانجو انتظار ڪري رهيو آهي، پوءِ ڀلي اهو ريگستان جي وچ ۾ يا ڪنهن وڏي شهر ۾ چو نه هجي. ۽ جڏهن هو آمهون سامهون ٿين ٿا ۽ سندس اکيون ملن ٿيون ته ان مهل ماضي ۽ مستقبل جي ڪا حيثيت نه ٿي رهي. فقط اها گهڙي اهم ٿيو پوي، ۽ اها پَڪَ ٿيو پوي ته هر شيءِ فقط هڪ ئي قلم سان

لڪيل آهي. اهو ئي قلم آهي جيڪو محبت جاڳائي ٿو، ۽ دنيا ۾ هر شخص لاءِ هڪ جوڙو پڻ ٺاهي ٿو. ان محبت ڪانسواءِ ڪنهن جا به خواب بي معنيٰ آهن.

”لڪيو“ نِينگرَ سوچيو.

انگريز نِينگرَ کي ڌوڏيندي چيو: ” هن ڪان ڪيمانگر جي بابت پڇ!“

هو نِينگِريءَ جي ڀرو ويجهو ويو، ۽ هو ٻئي هڪٻئي کي ڏسي مرڪيا.

” توهان جو نالو ڇا آهي؟“ نِينگرَ پڇيو.

”فاطمه“ نِينگِريءَ پنهنجون نظرون ڦيريندي وراڻيو.

” منهنجي ملڪ ۾ به ڪجھ عورتن کي ان نالي سان سڏيو وڃي ٿو.“ نِينگرَ چيو.

” اهو اسانجي پيغمبرﷺ جي نياڻيءَ جو نالو آهي، فاطمه چيو. ” جنگجو اهڙا نالا هر جاءِ تي چڙي ايندا هئا.“ اها حسين نِينگِري جنگجوئن جي بابت وڏي فخر سان ڳالهائي رهي هئي.

انگريز نِينگرَ کي اشارو ڪيو، ۽ نِينگرَ فاطمه کان ان حڪيم جي بابت پڇيو.

” هي اهو ماڻهو آهي جيڪو دنيا جا سمورا ڳُجھ ڄاڻي ٿو، ۽ هو ريگستان جي جنن سان پڻ هم ڪلام ٿيندو آهي.“

جنن ۾ به نيڪ ۽ شيطاني روح موجود آهن. نِينگِريءَ ڏکڻ ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته ان طرف هڪ اهڙي ياڻت جو عجيب شخص رهي ٿو. پوءِ هن پنهنجو ٿانءِ پاڻيءَ سان ڀريو ۽ هلي وئي.

انگريز پڻ ان ڪيمانگر کي ڳولڻ لاءِ نڪري پيو. نِينگرُ اتي ئي کوھ جي ڀر ۾ ڳچ وقت تائين ويٺي ان اوير ڏانهن ايندڙ هِير (ليوانٽر) جي بابت سوچيندو رهيو جيڪا هڪ ڏينهن طريفا ۾ وٽس ان نِينگِريءَ جو هُڳاءُ کڻي آئي هئي، ڪيس اهو محسوس ٿيو ته هو ان نِينگِريءَ سان تڏهن کان محبت ڪري ٿو جڏهن ڪيس ان نِينگِريءَ جي موجودگيءَ جو به پتو نه هو. هو اهو ڄاڻي چڪو هو ته ان نِينگِريءَ جي محبت ڪيس دنيا جا سمورا خزانا ڳولڻ جي سگھ ڏئي سگھي ٿي.

ان نِينگِريءَ سان ملڻ جي اميد ۾ ٻئي ڏينهن به نِينگرُ ڪوهه تي آيو. پر ڪوهه تو هو اهو ڏسي حيران ٿيو ته انگريز اتي بيٺي ريگستان ڏانهن ڏسي رهيو هو.

”مون منجهند ڪان وٺي سانجهيءِ تائين انتظار ڪيو،“ انگريز چيو. ” ڪيمانگر سانجهين مهل پڌرو ٿيو. مون ساڻس پنهنجي ڪوجنا جي بابت ڳالهه ڪئي، پوءِ هن مونکان پڇيو ته تو ڪڏهن شيهي کي سون ۾ تبديل ڪيو آهي. مون ڪيس وراڻيو ته اهو ئي ته آءٌ هت سکڻ آيو آهيان. هن مونکي چيو ته مونکي انجي ڪوشش ڪندو رهڻ گهرجي. اهو ئي سڀ ڪجهه، هن چيو ته، ’وڃ ۽ ڪوشش ڪندو رهه‘ “.

نِينگرَ ڪجهه نه ڪچيو. ويچاري انگريز ايڏي وڏي مسافري ڪئي صرف اهو ٻڌڻ لاءِ ته هو ڪوشش ڪندو رهي، جيڪا هو ڪيترائي ڀيرا ڪري چڪو آهي.

” ٺيڪ آهي، ته پوءِ ڪوشش ڪندا رهو،“ نِينگرَ انگريز کي چيو.

” اهو ئي آءٌ ڪرڻ وارو آهيان، ۽ هاڻ ڪان ئي آءٌ شروع ٿو ڪيان.“

جيئن ئي انگريز ويو، ته فاطمه پاڻي ڀرڻ لاءِ اچي ڪوهه تي نڪتي.

”هت توهان سان صرف هڪ ڳالهه ڪرڻ آيو آهيان،“ نِينگرَ چيو. ” آءٌ توهان سان محبت ڪريان ٿو ۽ توهان سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان.“

نِينگِريءَ ڪان هٿان ٺانءِ ڇڏائجي ويو ۽ پاڻي هارجي پيو.

” آءٌ هت توهان جو هر روز انتظار ڪندو رهندس. آءٌ ريگستان لتاڙي هڪ خزاني جي ڪوجنا ۾ نڪتو آهيان جيڪو احرامن جي ويجهو آهي، مونکي اڳ ۾ قبيلائي ويڙهه ڪو سنو سوڻ نه ٿي لڳي، پر هاڻ اها منهنجي لاءِ هڪ نعمت بڻجي چڪي آهي، ڇاڪاڻ جو ان مونکي توهان تائين پهچايو آهي.“

” اها ويڙهه هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندي،“ نِينگِريءَ چيو.

نِينگرَ پنهنجي چوڌاري کجيءَ جي وڻن ڏانهن ڏٺو. ڪيس ياد آيو ته هو هڪ ريڍار هو، ۽ هو ٻيهر به ريڍار بڻجي سگهي ٿو. فاطمه خزاني ڪان وڌيڪ اهم آهي.

” قبيلائي ماڻهو سدائين خزاني جي ڪوجنا ۾ هوندا آهن،“ نِينگرِيءَ چيو، ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪيس خبر هجي تہ نِينگرُ مَنَ ۾ ڇا سوچي رهيو آهي. ” ۽ ان ڳالھ تي ريگستان جون عورتون پنھنجي مَردن تي فخر محسوس ڪنديون آهن.“

هن بيھر پنھنجو ٿانءُ ڀريو ۽ هلي وئي.

نِينگرُ هر روز کوھ تي فاطمہ سان ملڻ لاءِ ايندو رهيو. هن ڪيس پنھنجي ريڍارڪي زندگيءَ ، بادشاھ سان ملڻ ۽ ٿانوَن جي هَٽَ تي ڪم ڪرڻ جي بابت سڀ ڪجھ ٻڌايو.

هو دوست بڻجي ويا، ۽ انھن پندرهن منٽن جي ملاقات ڪانپوءِ نِينگرَ کي ائين ٿي لڳو تہ باقي سڄو ڏينھن نہ گذري سگھندو. نخلستان ۾ رهندي کين مھينو ٿيڻ وارو هو، ان دوران قافلي جي اڳواڻ پاڻ سان گڏ مڙني مسافرن جي گڏجاڻي گھرائي.

خبر ناهي تہ ويڙھ ڪڏهن ختم ٿيندي، تنھنڪري اسين پنھنجو سفر جاري نہ ٿا رکي سگھون،“ اڳواڻ چيو. ” اهي جنگيون ڪجھ وقت لاءِ هلنديون رهن ٿيون، ورهيہ بہ لڳي سگھن ٿا. ٻنھي پاسي طاقتور ڏريون آهن، ۽ اها جنگ ٻنھي ڌرين لاءِ اهم آهي. اها جنگ برائيءَ جي خاتمي جي لاءِ نہ پئي وڙهي وڃي پر اها جنگ ٻنھي ڌرين جي وچ ۾ طاقت جو توازن برقرار رکڻ لاءِ وڙهي پئي وڃي. ۽ اهڙي ۽ يانت جون جنگيون عام جنگين کان ڏکيون ٿي پونديو آهن، ڇاڪاڻ جو اللهﷻ ان صورت ۾ ٻنھي جي طرف هوندو آهي.“

انڪانپوءِ هر ڪو پنھنجي عارضي رهائشگاھ ڏانھن روانو ٿي ويو، ۽ نِينگرُ ٻيھري ڏاري فاطمہ سان ملڻ لاءِ هليو ويو. نِينگرَ ڪيس گڏجاڻي وارو حال احوال ٻڌايو. ” پنھنجي ملڻ ڪانپوءِ تو مونسان محبت جو اظھار ڪيو. پوءِ تو مونکي ڪائنات جي ٻولي ۽ دنيا جي روح جي بابت ڪجھ ڳالھيون سيکاريون. صرف انھن ڳالھين جي ڪري ئي آءٌ هاڻي تنھنجي وجود جو حصو بڻجي چڪي آهيان.“

نِينگرَ سندس آواز تي غور ڪندي اهو سوچي رهيو هو تہ سندس آواز کجيءَ جي وڻن سان ٽڪرائجندڙ هِير کان بہ وڌيڪ خوبصورت آهي.

” آءٌ تنھنجي لاءِ هن نخلستان ۾ ڪجھ عرصي کا انتظار ڪري رهي هيس. آءٌ پنھنجو ماضي، هتان جا ريت رواج ۽ ريگستان جي ماڻھن جا عورتن جي بابت طور طريقا سڀ وساري چڪي آهيان. آءٌ جڏهن اجا ننڍي هئس تہ مون خواب ڏٺو هو تہ هي ريگستان مون

لاءِ هڪ نہ هڪ ڏينهن هڪ عمده تحفو آڻيندو. ۽ هاڻي، منهنجو اهو تحفو مون تائين پهچي چڪو آهي، ۽ اهو تون آهي“.

نِينگرَ سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلڻ تي چاهيو پر هٿ پاڻيءَ جي ٿانءَ جي ڳِنَ ۾ هو.

” تون مون سان پنهنجي خوابن، پوڙهي بادشاهه ۽ پنهنجي خزاني جي بابت حال اوريو آهي، ۽ تون مونکي سَوڻن جي بابت پڻ ٻڌايو آهي. سو هاڻي مونکي ڪو خوف ناهي، ڇاڪاڻ جو هي اهي ئي سَوڻ آهن جن توکي مون تائين پُهچايو آهي. ۽ آءٌ تنهنجي خوابن ۽ تنهنجي تقدير جو حصو آهيان. تون پل انکي چا بہ چئُ“.

” تنهن ڪري آءٌ چاهيان ٿي تہ تون پنهنجو مقصد پورو ڪر. جيڪڏهن توکي جنگ ختم ٿيڻ تائين انتظار ڪرڻو آهي تہ پلي ڪر. پر جيڪڏهن توکي پنهنجي خوابن جي ساپيان پويان وڃڻو آهي تہ پلي وڃ. واريءَ جا دڙا واءِ جي زور تي مَتجندا رهن ٿا، پر ريگستان ڪڏهن بہ نہ ٿو مَتجي، اهڙي ريت پنهنجو پيار بہ ڪڏهن نہ مَٽبو“.

”لکيو“ نِينگِريءَ چيو. ” جيڪڏهن آءٌ واقعي تنهنجي خواب جو حصو آهيان تہ تون هڪ ڏينهن ضرور واپس ايندي“.

نِينگرُ ان ڏينهن ڏاڍو اُباڻڪو هو. هو انهن مڙني شادي شده ريدارن جي بابت سوچي رهيو هو تہ ڪيئن هو پنهنجي گهر وارين کي سندن ڏورانهن ميدانن ۾ وڃڻ ڪان اڳ ان ڳالهہ لاءِ قائل ڪندا هوندا. جڏهن تہ محبت جي تقاضا اها آهي تہ پيار ڪرڻ وارن کي سدائين گڏ رهڻ گهرجي. هو اهو سڀ ڪجهہ فاطمہ کي هڪ ٻي ملاقات ۾ ٻڌائي رهيو هو.

”ريگستان اسان جي مَردن کي اسان کان گسي وني ٿو، ۽ اهي ورلي واپس موٽندا آهن. پر اسين اهو بہ ڄاڻئون ٿيون تہ اسين هاڻي ان ڳالهہ جون عادي ٿي چڪيون آهيون تہ جيڪي واپس نہ ٿا ورن سي آسمان ۾ موجود ڪکرن، انهن چوپاين جيڪي غارن ۾ سَامَ وٺن ٿا ۽ ان پاڻيءَ جيڪو زمين مان نڪري ٿو جو حصو بڻجيو پون. اهي هر شيءِ جو حصو بڻجيو پون، اهي دنيا جو روح بڻجيو پون. انهن مان جيڪي واپس ورن ٿا، تہ سندن عورتن سان گڏ ٻيون عورتون پڻ ان اميد ۾سَرَهيون ٿين ٿيون تہ هڪ ڏينهن سندس مرد بہ ضرور موٽندا. آءٌ پڻ انهن عورتن جي سرهائيءَ کي ساڙ ۽ حسد وچان ڏسندي هيس. ۽ هاڻي آءٌ پڻ انهن منتظر عورتن منجهان هڪ ٿي پوندس“.

” آءٌ ريگستان جي عورت آهيان، ۽ مونکي انهي ڳالھ تي فخر آهي. آءٌ چاهيان ٿي ته منهنجو مڙس به ان آزاد واء وانگر گهمندو ڦرندو رهي جيڪو واريءَ جي ذرن کي هڪ صورت ڏئي ٿو. ۽ جيڪڏهن اها نوبت آئي ته آءٌ ان حقيقت کي به تسليم ڪرڻ لاء تيار آهيان ته هو به هڪ ڏينهن آسمان ۾ موجود ڪڪرن، چوپاين ۽ ريگستان مان نڪرندڙ پاڻي جو حصو بڻجي ويندو.“

نِينگرُ انگريز کي فاطمه بابت احوال ٻڌائڻ لاء نڪتو. ڪيس اهو ڏسي حيرت ٿي ته انگريز پنهنجي خيمي جي ٻاهران هڪ ڀٺي تيار ڪئي هئي. اها عجيب ڀانت جي ڀٺي ڪاٺين جي باھ تي ٻري رهي هئي، جنهن جي مٿان هڪ شفاف ڪائي جي ڳُگهي رکيل هئي. انگريز ريگستان ڏانهن تڪي رهيو هو، ۽ ان وقت سندس اکين ۾ ڪتاب پڙهڻ واري وقت کان به وڌيڪ چمڪ هئي.

”هي منهنجي ڪم جو پهريون مرحلو آهي، مونکي گندرف الڳ ڪرڻو آهي. ۽ ان ۾ ڪاميابيءَ لاء مونکي پاڻ مان ناڪاميءَ جو خوف ڪڍڻو پوندو. اهو ناڪاميءَ جو خوف ئي هو جنهن مونکي حڪمت واري ڪم ڪرڻ کان روڪيو ٿي. ۽ جيڪو مونکي ڏهه ورهيه اڳ ڪرڻو هو سو مون هاڻ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. پر آءٌ اجا به سَرَهو آهيان ته مونکي ويهه ورهيه انتظار ڪرڻو نه پيو.“

هو باھ ۾ ڪاٺيون وجهندو رهيو، ۽ نِينگرُ سج لٿي ريگستان جي گلابي رنگ ۾ مَتجڻ تائين اُتي ويٺو رهيو. ڪيس ريگستان ۾ وڃڻ جي گُهرج محسوس ٿي، اهو ڏسڻ لاء ته ٿي سگهي ٿو ته مٿان انجي خاموشيءَ ۾ ئي سندس سوالن جا جواب ملي وڃن.

هو نخلستان ۾ موجود کجيءَ جي وڻن کي ڏسندو هيڏانهن هوڏانهن جهاڳيندو رهيو. هو هِير جو آواز ٻڌي رهيو هو ۽ سندس پيرن جي هينان پٿرن کي محسوس ڪري رهيو هو. ان دوران هن هڪ سِپي لڌي، ۽ ڪيس اهو محسوس ٿيو ته ڪن وقتن ۾ هي ريگستان هڪ سمنڊ هو. هو هڪ پٿر تي وينو، ۽ پاڻ کي آڪاس منڊل ۾ مُستَغرق ڪري ڇڏيائين. هو محبت ۾ حاصلات جي نظريي کي هڪٻئي کان الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ۽ هو بنهي کي الڳ نه ڪري سگهيو. پر چاڪاڻ جو فاطمه جو تعلق ريگستان سان هو سو نِينگرَ کي اهي سڀ ڳالهيون سمجهڻ ۾ جيڪڏهن ڪا شيءِ واهَر ڪري سگهي ٿي ته اهو ريگستان ئي هو. هو اتي ويٺي اجان سوچن ۾ ئي هو ته ڪيس پنهنجي مٿان ڪا چُرپُر محسوس ٿي. مٿي ڏٺائين ته ٻازن جي جوڙي آسمان ۾ اُڏامي رهي هئي. هو ٻازن کي واء جي زور تي ٽِڙندي ڏسي رهيو هو. جيتوڻيڪ انهن

جي اُڏام هڪ ترز جي نه هئي، پر نِينگرَ کي اهو سڄو منظر معنىٰ خيز محسوس ٿيو. پوءِ به هو ان جي مطلب کي سمجهي نه ٿي سگهيو. هو پکين جي چر پر کي ڏسندو رهيو ۽ انکي سمجهندو رهيو. ٿي سگهي ٿو ته اهي ريگستان جا پکي ڪيس بغير حاصلات واري محبت جو مطلب سمجهائي سگهن.

هو ننڊاکڙو ٿي پيو، هن جاڳڻ چاهيو ٿي، پر ان سان گڏ هو سمهڻ پڻ چاهي پيو. ” آءٌ دنيا جي ٻولي سمجهي رهيو آهيان، ان سان مونکي دنيا جي هر شيءِ ۾ ڪو نه ڪو مطلب نظر اچي ٿو.. بازن جي اُڏام ۾ به ڪو مطلب لڪيل آهي“ هو پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو. ۽ ان ڪيفيت ۾ هو محبت ۾ گرفتار ٿيڻ لاءِ شڪر گذار هو. ” جڏهن توهان ڪنهن سان محبت ڪريو ٿا ته، شيون وڌيڪ معنىٰ خيز ٿيو پون،“ هو سوچي رهيو هو.

اُمالَڪُ هڪ باز ٻئي تي حملي ڪرڻ لاءِ آسمان ۾ هڪ پڙڪيدار ٽُٻي هنئي. اهو ڏسندي نِينگرَ کي هڪ تکڙو الهامي منظر نظر آيو: هڪ فوجي جٿو جيڪو پنهنجي تلوارن سان تيار نخلستان ۾ داخل ٿي رهيو هو. پر اهو منظر اُمالَڪُ لَمَٽجي ويو. پر ان منظر کيس لوڏي ڇڏيو. هن ماڻهن کان اهڙا ڪيئي الهامي واقعا ٻڌا به هئا پر هاڻ پاڻ ڏسي به ورتائين: هي واقعا اهي خواهشون هيون جيڪي پنهنجي شدت جي سبب ريگستان جي مٿان حاوي هيون. پر سندس اها خواهش هرگز نه هئي ته نخلستان تي اهڙي پانت جي ڪا ڪاهه ٿئي.

هن اهو منظر وساري پنهنجي خيال ۾ واپس اچڻ ٿي چاهيو. هن ريگستان جي گلابي پاڇن ۽ انجي پٿرن تي ٻيهر توجهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. پر سندس مَنَ ۾ ڪا اهڙي شيءِ هئي جيڪا سندس ڌيان هٽائيندي ٿي رهي.

”سدائين سَوڻَن تي ڌيان ڏيو“ پوڙهي بادشاه چيو هو. نِينگرَ ان منظر ۾ جيڪي ڏٺو تنهن کي ٻيهر ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي اهو محسوس ڪيائين ته اهو واقعي ٿيڻ وارو آهي.

هو اُٿيو ۽ واپس کجيءَ جي وڻن ڏانهن روانو ٿيو. هڪ دفعو ٻيهر هن ڪيترين ئي ٻولين کي پنهنجي ارد گرد ٿيندڙ ڳالهين ۾ محسوس ڪيو: پر هن دفعي ريگستان محفوظ هو پر نخلستان کي خطرو هو.

ڪجهيءَ جي وڻ هيٺان جتَ ويٺي سچ لهڻ جو مشاهدو ڪيو، هن نِينگرَ کي واريءَ جي دڙي جي پاسي مان ايندي ڏٺو.

” ڪا فوج اچي رهي آهي،“ نِينگرَ چيو. ” مونکي الهام ٿيو آهي.“

” ريگستان ماڻهن جي دليان کي اهڙن الهامن سان پري ڇڏي ٿو،“ جتَ وراڻيو.

پر نِينگرَ کيس بازن جي بابت پڻ احوال ڏنو: ته هو انهن بازن جي اُڏام ڏسي رهيو هو ته اُمالڪُ پاڻ کي دنيا جي روح ۾ غرق محسوس ڪيائين.

جت نِينگرَ جي ڳالهه سمجهي رهيو هو. کيس اها به خبر هئي ته زمين تي موجود ڪا به هڪ شيءِ مڙني شين جي تواريخ جو ڪاتو لڳائي سگهي ٿي. ڪير به ڪنهن به ڪتاب جو ڪو به ورق کولي، يا ماڻهن جي هٿن جي ترين کي ڏسي، يا وري تاش جا پتا ورائي، يا پکين جي اُڏام ڏسي.... ڪا به شيءِ جيڪا مشاهدي هيٺ آئي، ته ڪير به پنهنجي تجربي کي ڪتب آڻيندي ان شيءِ جو ٻي شيءِ سان ناتو ڳولي سگهي ٿو. حقيقت ۾ هي اهي شيون ناهن جيڪي پاڻمرادو ڪنهن ٻي شيءِ کي پڌرو ڪن ٿيون، پر اهي ماڻهو ئي آهن جيڪي پسگردائيءَ ۾ ٿيندڙ واقعن مان ڪا معنیٰ ڪڍي دنيا جي روح ۾ داخل ٿين ٿا.

ريگستان اهڙن ماڻهن سان ڀريل هو جيڪي پنهنجيون زندگيون اهڙي راحت ۾ گذاري رهيا هئا جو هو دنيا جي روح ۾ آسانيءَ سان داخل ٿي سگهيا ٿي. هو انترجامي (نُجومي) هئا، ۽ گهڻو ڪري عورتون ۽ پيرسن انهن کان خائف ٿي رهيا. قبيلائي ماڻهو پڻ وٽن صلاح مشورن لاءِ ويندا هئا. چاڪاڻ جو ان لاءِ جنگ وڙهڻ نا ممڪن ٿيو پوي جنهن کي مرڻ جو خوف آهي. قبيلائي ماڻهو جنگين ۽ انهن جي نتيجي جي پرواهه ڪندي بغير جيڪو ترٿلو مچندو هو انکي وڌيڪ ترجيح ڏيندا هئا: چاڪاڻ جو اڳتي جيڪي ڪجهه ٿيڻو آهي سو الله تعالیٰ لکي ڇڏيو آهي، ۽ جيڪي به لکيل آهي سو انسانن جي ڀلي لاءِ ئي آهي. تنهنڪري قبيلائي ماڻهو صرف حال ۾ رهيا ٿي، چاڪاڻ جو سندن حال تعجب سان ڀرپور هو، ۽ کين کيترين ئي ڳالهين جي خبر رکڻي ٿي پئي ته دشمن جي تلوار ڪٿي آهي، سندس گهوڙو ڪٿي آهي، زنده رهڻ لاءِ بيو وار کهڙو ڪرڻو آهي. جتُ ويڙهاڪ نه هو، پر هن پڻ پنهنجي مستقبل جي بابت انهن انترجامين سان صلاح مشورا ڪيا هئا، جن مان کيترائي صحيح هئا، پر ڪجهه غلط به هئا. هڪ ڏينهن جتُ

انهن مان هڪ بزرگ انترجاميءَ سان مليو، جنهن هن کان پڇيو ته هڪ جَتَ جي پلا مستقبل ۾ ڪهڙي دلچسپي آهي.

” اهو انڪري ته جيئن آءٌ پنهنجا ڪم آسانيءَ سان ڪري سگهان، ۽ جيڪي شيون آءٌ نه ٿو چاهيان انهن شين کي ٿيڻ کان روڪي سگهان،“ جَتَ وراڻيو.

” پر پوءِ اهي تنهنجي مستقبل جو حصو بڻجي نه سگهنديون،“ بزرگ انترجاميءَ چيس.

” ٿي سگهي ٿو ته آءٌ پنهنجو مستقبل صرف انڪري ڄاڻڻ چاهيان ٿو ته جيئن آءٌ پاڻ کي ان لاءِ تيار ڪري سگهان.“

” جيڪڏهن ڪا سٺي ڳالهه ٿيڻ واري هئي ته اهو ته هڪ تمام سٺو سوڻُ ٿيندو، پر جيڪڏهن ڪا بري ڳالهه ٿي پئي ۽ انجي توکي اڳڪٿي ملي وڃي ته ان جي ٿيڻ کان اڳ ئي تون تمام گهڻو پوڙهيندي.“

” آءٌ پنهنجي مستقبل جي بابت انڪري به ڄاڻڻ ٿو چاهيان ته آءٌ هڪ مرد آهيان، ۽ مرد سدائين پنهنجون زندگيون مستقبل کي نظر ۾ رکي گذاريندا آهن.“ جَتَ بزرگ انترجاميءَ کي جواب ڏنو.

اهو انترجامي وڻ جي ٽارين سان مستقبل جي اڳڪٿي ڪرڻ جي هڪ عمل جو ماهر هو: هن ڪجهه ٽاريون زمين تي اُڇلايون ۽ انهن جي زمين تي ڪرڻ جي انداز مان ڪجهه سمجهيائين. پر ان ڏينهن هن ڪا اڳڪٿي نه ڪئي. هن اهي ٽاريون ڪپڙي جي هڪ ٽڪري ۾ ويڙهي پنهنجي ٿيلهي ۾ رکي ڇڏيون.

” آءٌ ماڻهن جي مستقبل جي اڳڪٿي ڪري پنهنجو گذارو ڪندو آهيان،“ بزرگ انترجاميءَ چيو. ” مونکي وڻ جي ٽارين جي حڪمت جي ڄاڻ آهي، ۽ آءٌ اهو به ڄاڻان ٿو ته ڪين ڪَتب آڻيندي ڪيئن ان جاءِ تي پهچي سگهجي ٿو جتي سڀ ڪجهه لکيل آهي. ۽ ان جاءِ تي آءٌ ماضي پڙهي سگهان ٿو، ۽ جيڪي ڪجهه وسري يا متجي چڪو آهي ان کي به ڳولي سگهان ٿو، ۽ انهن علامتن کي به سمجهي سگهان ٿو جيڪي حال ۾ موجود آهن. جڏهن ماڻهو مون کان صلاح مشورو وٺڻ اچن ٿا ته، ائين ناهي ته آءٌ مستقبل بابت سڀ ڪجهه ڪين پڙهي ٻڌايان ٿو، پر آءٌ ڪين سندن مستقبل جو صرف هڪ ڪاٿو يا گمان ٻڌائيندو آهيان. مستقبل جي ڄاڻ صرف خدا وٽ آهي، ۽ خدا ئي ان کي ڪجهه تمام پيچيده حالتن ۾ پڌرو ڪري سگهي ٿو. ۽ آءٌ مستقبل جو ڪاٿو ڪيئن لڳائيندو آهيان؟

صرف حال ۾ موجود ڪجھ علامتن جي ذريعي. جيڪڏهن توهان پنهنجي حال تي ڌيان ڏيو ته انکي بهتر بڻائي سگهو ٿا. ۽ جيڪڏهن توهانجو حال بهتر ٿي ويو ته مستقبل پڻ پاڻمرادو بهتر ٿي ويندو. مستقبل کي وساري ڇڏيو، ۽ هر ڏينهن ان بابت گذاريو جيئن انکي گذارڻ لاءِ سيکاريو ويو آهي، ۽ ان پروسي سان زندگي گذاريو ته خدا پنهنجي مخلوق سان محبت رکي ٿو. هر ڏينهن پاڻ سان گڏ جياپي جو ڏڍُ آڻي ٿو."

جَتَ انترجاميءِ کان پڇيو ته اهي ڪهڙا حالات آهن جن ۾ خدا ڪيس مستقبل ڏيکاري سگهي ٿو.

"اهو صرف تڏهن، جڏهن هو چاهي، تڏهن پڌرو ڪري سگهي ٿو. ۽ خدا گهٽو ڪري ته مستقبل کي پڌرو ئي نه ڪندو آهي. پر جڏهن هو ائين ڪندو آهي ته ان جي پويان صرف هڪ سبب هوندو آهي؛ اهو انڪري ته اهو مستقبل تبديل ڪرڻ لاءِ لکيو ويو هجي."

"خدا نِينگرَ کي مستقبل جي هڪ جهلڪ ڏيکاري هئي،" جَتُ سوچي رهيو هو. " اهو آخر ڇا آهي جنهن کي پڌرو ڪرڻ لاءِ خدا نِينگرَ کان اهو ڪم وٺي رهيو آهي؟" جَتَ سوچيو.

" قبيلي جي سردار سان وڃي اها حقيقت بيان ڪر ته هڪ فوجي جٿو هيڏانهن اچي رهيو آهي،" جَتَ نِينگرَ کي چيو.

" هو مون تي کلندا."

" هو ريگستاني ماڻهو آهن، ۽ هو انهن علامتن کي سمجهندا آهن."

" ته پوءِ گهڻو ڪري کين ان ڳالهه جو اڳ ۾ ئي پتو هوندو."

" هنن جو ان ڳالهه سان في الوقت ڪو تعلق ناهي. سندن ان ڳالهه تي ايمان آهي ته جيڪڏهن الله تعالىٰ کين ڪنهن ڳالهه کان آگاهه ڪرڻ چاهيندو آهي ته ڪو نه ڪو اوهانکي ان بابت ٻڌائيندو. اهو اڳ ۾ به ڪيترائي ڀيرا ٿي چڪو آهي، پر هن ڀيري اها خبر ٻڌائڻ وارو شخص تون آهين."

نِينگرَ فاطمه جي بابت سوچيو. ۽ هن اهو طئه ڪيو ته هو قبيلي جي سردارن ڏانهن ملڻ ضرور ويندو.

❖

نِينگرُ نخلستان جي هڪ ڪنڊ ۾ موجود هڪ تمام وڏي اڇي رنگ جي خيمي وٽ بيٺل هڪ پهريدار ڏانهن وڌيو.

” آءٌ سردارن سان ملڻ چاهيان ٿو، مونکي ريگستان جي ڪجهه سَوڻن بابت ڳالهه ڪرڻي آهي.“

ڪو جواب ڏيڻ جي بغير پهريدار خيمي ۾ داخل ٿيو، جتي هو ڪجهه دير تائين رهيو، جڏهن هو ٻاهر نڪتو ته ساڻس هڪ ڳيرُو عرب جنهن کي اڇي پوشاڪ ۽ سون پهريل هو گڏيو آيو. ۽ نِينگرَ ان ڳيرُو عرب کي جيڪي ڏٺو هئائين تنهن جي حقيقت بيان ڪري ٻڌائي، ۽ ان ڳيرُوءِ خيمي ۾ داخل ٿيندي ڪيس انتظار ڪرڻ لاءِ چيو.

رات ٿي وئي، ۽ ڪجهه جنگجو ۽ ڪجهه واپاري خيمي ۾ داخل ٿيا ۽ پوءِ ٻاهر نڪتا. هڪ هڪ ڪري ٻاهه جا سڀ مَچ وسايا ويا، ۽ نخلستان ٻه ريگستان وانگي سانت ۾ اچي ويو. صرف ان وڏي خيمي ۾ بتيون ٻرنديون رهيون. ان دوران نِينگرُ فاطمه جي بابت سوچيندو رهيو، ۽ فاطمه سان پوئين ملاقات ۾ ڪيل ڳالهه ٻولهه کي اجا نه سمجهي سگهيو هو.

آخرڪار، ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪرڻ کانپوءِ، پهريدار نِينگرَ کي اندر اچڻ لاءِ چيو. نِينگرُ اندر جو منظر ڏسي تعجب ۾ پئجي ويو. ان جو هن ڪڏهن تصور به نه ڪيو هو ته ريگستان جي وچ ۾ ڪو اهڙو خيمو به ٿي سگهي ٿو. زمين تي انتهائي عمده غاليچا وڇايل هئا جن تي هو اڳ ڪڏهن به نه هليو هو، ۽ مٿي ڇت سان گهڙيل سون جا فانوس ٽنگيل هئا، ۽ هر هڪ ۾ ميڻ بتيون ٻري رهيون هيون. قبيلي جا سردار خيمي جي ڇيڙي تي اڌ گول جي شڪل ۾ عمده ريشم جي گاديلن تي ويٺا هئا، هڪڙا ملازم چانديءِ جي خوانچن ۾ چانهن ۽ ميوا کنيو آيا ٿي ۽ ويا ٿي. ته ٻيا ملازم حُقن جا ٽانڊا ٻارڻ ۾ رُڌل هئا. اندر سڄو ماحول خوشبودار دونهين سان معطر هو.

اتي اَٺ سردار هئا، نِينگرُ اهو ڏسي ڪاٿو لڳائي ٿي سگهيو ته انهن مان مکيه ڪير آهي: اهو هڪ عرب هو جيڪو اڇي پوشاڪ ۾ هو ۽ ڪيس سون پهريل هو، ۽ هو ان اڌگول جي وچ ۾ ويٺل هو. سندس پر ۾ اهو ئي ڳيرُو عرب هو جنهن نِينگرَ سان ڪجهه وقت پهريان ڳالهايو پئي.

” اهو ڪير پَرَهَندُو آهي جيڪو علامتن جي بابت ڳالهائي ٿو؟“ سردارن مان هڪ پڇيو.

” اهو آءٌ آهيان،“ نِينگرَ وراڻيو. ۽ ڪيس پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌايائين.

” ريگستان اهڙيون ڳالهيون هڪ پَرَهَندَي تي پٽريون چو ڪندو جڏهن ته هو ڄاڻي ٿو ته اسين پيڙهين ڪان هتان جا آهيون؟“ هڪ ٻئي سردار پڇيو.

” ڇاڪاڻ جو منهنجون اکيون اجان ريگستان جي رواجن جو قائل ناهن ٿيون، انڪري آءٌ اهي شيون ڏسي سگهان ٿو جيڪي هتان جون قائل اکيون نہ ٿيون ڏسي سگهن.“

” ۽ انڪري بہ تہ آءٌ دنيا جي روح جي بابت پڻ ڄاڻ رکان ٿو،“ نِينگرَ اندر ئي اندر ۾ پاڻ سان ڳالهايو.

” نخلستان هڪ سَامَ گاهہ وانگي آهي ۽ ان تي ڪير بہ حملو نہ ٿو ڪري سگهي،“ ٽئين سردار چيو.

” مون توهان کي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايو جيڪي مون ڏٺو، جيڪڏهن توهان مونتي ويساهہ نہ ٿا ڪيو تہ پلي توهان ان بابت ڪجهہ نہ ڪيو.“

هو هڪبئي سان بحث ڪرڻ لڳا. هو اتان جي مقامي عربيءِ ۾ ڳالهائي رهيا هئا جيڪا نِينگرَ کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي، پر جڏهن هو وڃڻ وارو ٿيو تہ پهريدار کيس روڪيو. نِينگرُ ڊِنو: علامتن کيس ٻڌايو تہ هن سان ڪجهہ غلط ٿيڻ وارو آهي. کيس جَتَ سان جيڪي ريگستان ۾ ڏٺو هئائين ان بابت ڪيل ڳالهہ ٻولهہ تي افسوس ٿيو.

اُمالَڪُ، وڏو سردار جيڪو وچ ۾ وينو هو، مُشڪيو، جنهن سان نِينگرَ کي دلجاءِ ٿي. ان شخص سڄي بحث ۾ هڪ لفظ بہ نہ ڪچيو هو. پر نِينگرُ ڇاڪاڻ جو دنيا جي ٻولي جيڪا بغير لفظن جي ٿئي ٿي سمجهي سگهندو هو، سو کيس هاٺي خيمي جو پُر امن ماحول محسوس ٿي ويو. سو کيس اهو بہ الهام ٿي ويو تہ سندس اچڻ صحيح ثابت ٿيو آهي.

بحث ختم ٿيو. ۽ سمورا سردار خاموشيءِ سان وڏي بزرگ سردار جي ڳالهہ ٻڌڻ لڳا. هو نِينگرَ سان مخاطت ٿيو: هن پيري سندس لهجو ٿڌو هو.

” ٻہ هزار ورهيہ پهريان، ڪنهن ڏورانهين ديس ۾ هڪ شخص هو جيڪو خوابن تي يقين رکندو هو، کيس هڪ اونداهي تهخاني ۾ قيد ڪيو ويو ۽ پوءِ کيس وڪرو ڪيو ويو.“

پوڙهي سردار چيو، پر هاڻي اها مقامي ٻولي نِينگرَ کي توري سمجھ ۾ آئي ٿي.
” واپارين اهو شخص خريد ڪري ڪيس مصر وٺي آيا. ۽ اسين اهو ڄاڻون ٿا ته جيڪو خوابن تي يقين رکي ٿو، سو انهن جي تعبير پڻ ڄاڻي ٿو.“

بزرگ سردار پنهنجي ڳالھ جاري رکي، ” جڏهن فرعون خواب ۾ ڳئون ڏٺيون هيون، جن مان ڪجھ اُپريون ۽ ڪجھ متاريون هيون، تنهن وقت اهو شخص جنهن جي آءٌ ڳالھ ڪري رهيو هئس تنهن مصر کي ڏڪار کان بچايو هو. سندس نالو يوسف[ؑ] هو. هو پڻ ڌارين جي ملڪ ۾ هڪ ڌاريو هو، ۽ گهڻو ڪري تنهنجي ئي ڄمار جو هو.“

هن ساهي کنئي، پر سندس اکين ۾ اجا ٻيائي هئي.

” اسين سدائين پنهنجي روايتن جي پٽاندڙ هلندا رهون ٿا. ان ئي روايت مصر کي انهن ڏينهن ۾ ڏڪار کان بچائي مصرين کي سکيو ستابو بڻائي ڇڏيو هو. روايت ريگستان پار ڪرڻ به سيکاري ٿي، ته شادين جو رواج به سيکاري ٿي. اها به روايت رهي آهي ته نخلستان هڪ پناھ گاھ جي حيثيت رکي ٿو، ۽ ڇاڪاڻ جو نخلستان ٻنهي طرف ٿئي ٿو سو ويڙھ واريون ٻئي ڌريون ان بابت ڪجھ نرمي رکن ٿيون.“

سڀ خاموشيءَ سان ٻڌندا رهيا ۽ بزرگ سردار پنهنجي ڳالھ جاري رکي.

” پر روايت اهو پڻ ٻڌائي ٿي ته اسانکي ريگستان جي نياپي تي يقين ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو اسين جيڪي ڪجھ ڄاڻون ٿا سو اسانکي هن ريگستان ئي سيکاريو آهي.“

بزرگ سردار اشارو ڪيو ۽ سڀ اُٿي بيٺا. گڏجاڻي ختم ٿي. حقا وسايا ويا، ۽ پهريدار چوڪس بيٺا رهيا. نِينگرُ به وڃڻ لڳو، پر بزرگ سردار وري ڪجھ ڳالهايو: ” سڀاڻي اسين اهو معاهدو ٽوڙي رهيا آهيون جنهن ۾ اهو چيل هو ته نخلستان ۾ ڪير به هٿيار نه کڻندو. ۽ سڄو ڏينهن اسين پنهنجي دشمنن تي نظر رکنداسين، سج لٿي جو سڀ ماڻهو وري هت مون وٽ پنهنجا پنهنجا هٿيار جمع ڪرائيندا. ۽ اسانجي دشمنن جي هر ڏهن ماڻهن جي مرڻ تي توکي هڪ سون جو سڪو ڏنو ويندو.“

” پر جنگ ٿيڻ تائين هٿيار ڦٽا به نه ٿي ڪري سگهجن. هٿيار به ريگستان وانگي آهن، جيسيتائين ڪين ڪنهن ڪَتب ۾ نه ٿو آندو وڃي ته هو ڪم ڪرڻ ڇڏيو ڏين. ۽ جيڪڏهن انهن مان سڀاڻي تائين ڪو به هٿيار جنگ ۾ ڪَتب نه آيو ته اهو تو تي ڪَتب ايندو.“

جڏهن نِينگرُ خيمي مان ٻاهر نڪتو، ته نخلستان صرف چانڊوڪيءَ سان چمڪي رهيو هو. هو پنهنجي خيمي ڏانهن وڃڻ لڳو جيڪو ويهن منٽن جي پنڌ تي هو.

جيڪو تي گذريو، هو انڪان ٿورو ڊنل هو. پر هو دنيا جي روح تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو هو، ۽ هاڻ ان ڳالهه جي مُلهه سندس زندگي به ٿي سگهي پئي. اها هڪ خوفناڪ شرط هئي. پر هو اهڙيون خطرناڪ شرطون ان ڏينهن کان رکندو ٿي آيو جنهن ڏينهن هن پنهنجي تقدير کي ماڻڻ لاءِ پنهنجون رڍون وڪرو ڪيون هيون. ۽ جيئن جَتَ چيو هو ته، ڪنهن ٻئي ڏينهن تي مرڻ کان سياڻي مرڻ ۾ ڪهڙي قباحت آهي. هر ڏينهن يا ته جيئڻ آهي يا ڪنهن نه ڪنهن کي مرڻو آهي. ۽ هر شيءِ جو آڌار هڪ لفظ تي آهي؛ اهو لفظ آهي، ”لکيو“.

هو خاموشيءَ سان هلندو رهيو، ڪيس ڪنهن ڳالهه جو افسوس نه هو. جيڪڏهن هو سياڻي مري ويو ته ان جو سبب اهو ئي هوندو ته خدا مستقبل تبديل ڪرڻ نه ٿي چاهيو. مرڻ کا اڳ گهٽ ۾ گهٽ هن اهو سوڙهو پيچرو ته پار ڪيو جتان هو آفريڪا پُهتو هو، ۽ ٿانوَن جي هَٽَ ۾ ڪم پڻ ڪيو، ۽ ريگستان جي خاموشيءَ ۽ فاطمه جي اکين کي پڻ سمجهيو. ڳچ وقت اڳ پنهنجو گهر ڇڏڻ کانپوءِ پنهنجي زندگيءَ جو هر ڏينهن هن ڀرپور گذاريو هو. هاڻي جيڪڏهن هو سياڻي مري به ويو ته اها سندس لاءِ فخر جي ڳالهه ٿيندي ته هن باقي ريڍارن کان وڌيڪ دنيا ڏٺي.

اُمالڪُ هن هڪ ڪڙڪي دار آواز ٻڌو، ۽ واءَ جي شديد زور تي هو زمين تي ڪري پيو. چوڌاري تيز مٽيءَ جو واچوڙو اٿيو ته تيز ڪڪرجي ويو جو چنڊ به نظر نه ٿي آيو. سندس اڳيان هڪ وڏو اڇو گهوڙو خطرناڪ رڙين جي گجگوڙ سان موجود هو.

جڏهن مٽي وڃي ته نِينگرُ پنهنجي اڳيان جو منظر ڏسي ڏڪي ويو. گهوڙي تي مڪمل ڪاري وَيسُ ۾ هڪ گهوڙي سوار هو، سندس ڪابي ڪلهي تي هڪ باز ويٺل هو. ڪيس پَٽڪو ٻڌل هو، ۽ سندس اکين کان سواءِ باقي سڄو منهن ڪاري رومال سان ڍڪيل هو. هو ريگستان جو قاصد لڳي رهيو هو، پر سندس اهو انداز ان عام قاصد کان سَرسُ سگهارو ٿي لڳو.

ان پُرهَندَي گهوڙي سوار گهوڙي جي پاکڙي ۾ لڳل مياڻ مان هڪ وڏي ونگ واري تلوار ڪڍي، جنهنجي رُڪ جو سِلو چانڊوڪيءَ تي چمڪي رهيو هو.

” ڪنهنجي همت تي آهي جو هن بازن جي اُڏام جي معنيٰ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟“ هن ايتري تہ تيز آواز ۾ پڇيو جو ان جو پڙاڏو الفيوم ۾ موجود پنجاهہ هزار ڪڄيءِ جي وڻن ۾ پڻ ٻڌڻ ۾ آيو.

” اهو آءٌ آهيان جنهن اها همت ڪئي آهي،“ نِينگرَ وراڻيو. ڪيس سانتياگو ماتامورس جي تصوير ياد آئي، جيڪو پڻ اڇي گهوڙي تي سوار هو ۽ منڪر ان جي کُرن هيٺان هئا. هي شخص بہ بالڪل ان وانگي تي لڳو، بس ڪردار متجي چڪو هو.

”اهو آءٌ آهيان جنهن اها همت ڪئي آهي،“ نِينگرَ ورجائيندي چيو، ۽ پنهنجو ڪنڌ تلوار جي ڌڪ لاءِ جُهڪائي ڇڏيائين. ” چاڪاڻ جو آءٌ اهو سڀ ڪجهہ دنيا جي روح ۾جهاتي پائي ڏسي سگهان ٿو، جنهن سان ڪيترين ئي زندگيون بچي سگهن ٿيون.“

تلوار وهائڻ جي بجاءِ ان پَرَهَنڌي (اوپرو،اجنبي) هوريان هيٺ جهڪائي ايسيتائين جو اها نِينگرَ جي نراڙ تي وڃي پئي، ۽ سندس نراڙ مان رت جو هڪ قطرو ڪريو.

گهوڙي سوار ۽ نِينگرُ ٻئي مڪمل طور تي ساڪن حالت ۾ هئا. نِينگرُ اتان ڪان ڀڄي بہ نہ ٿي سگهيو. پر مَن ئي مَن ۾ ڪيس هڪ عجيب سرهائي محسوس ڪري رهيو هو: هو پنهنجي تقدير جي ڪوجنا ۽ فاطمہ لاءِ جان ڏيڻ وارو هو. ۽ ٻيو تہ اهي سڀ سَوڻ سچ ثابت ٿيا هئا. هاڻ هو پنهنجي دشمن جي آمهون سامهون هو، ڪيس پنهنجي موت جو ڪو اُلڪو نہ هو، دنيا جو روح سندس انتظار ۾ هو، ۽ هو جلد انجو حصو بڻجڻ وارو هو. ۽ ٻئي ڏينهن سندس دشمن بہ انجو حصو بڻجي ويندو.

پَرَهَنڌي گهوڙي سوار جي تلوار اجا نِينگرَ جي نراڙ تي هئي. ” تو پکين جي اُڏام چو ڏٺي؟“

” مون صرف اهو ڪجهہ سمجهيو جيڪو پکين سمجهائڻ چاهيو ٿي. انهن نخلستان کي بچائڻ ٿي چاهيو. سياڻي توهان مڙني کي بہ مرڻو اهي، چاڪاڻ جو نخلستان ۾ موجود ماڻهن جو تعداد توهان وٽ موجود ماڻهن ڪان ججهو آهي.“

تلوار اجا اتي ئي رهي جتي هئي. ” تون ڪير ٿيندو آهين الله تعاليٰ جي مرضيءِ کي تبديل ڪرڻ وارو؟“

” الله تعاليٰ ئي اها فوج  ناهي آهي، ۽ اهي پڪي پيدا ڪيا آهن. الله تعاليٰ ئي مونکي اها پکين جي ٻولي سيکاري آهي، ۽ هر شيء هڪ ئي قلم سان لکيل آهي“ نِينگرَ جَتَ جي ڪيل ڳالهه ياد ڪندي وراڻيو.

پَرَهَنڌي نِينگرَ جي نراڙ تان تلوار هٽائي، نِينگرَ ٿڌو ساهه کنيو، پر اجان بہ هو پڇي نہ ٿي سگهيو.

”پنهنجي اڳڪٿين ڪا محتاط رهہ جيڪا شيء لکجي وئي ان کي ڪير بہ تبديل نہ ٿو ڪري سگهي.“ پَرَهَنڌي چيو.

” مون جيڪي ڪجهه ڏٺو اهو صرف فوجين جو هڪ جٿو هو، مون جنگ جو تَتُ تہ نہ ڏٺو هو.“ نِينگرَ وراڻيو.

پَرَهَنڌو انهي جواب کان مطمئن نظر ٿي آيو. پر تلوار اجان سندس هٿ ۾ ئي هئي. ”هڪ پَرَهَنڌي جو هن ڌاري ڌرتيء تي ڪهڙو ڪم؟“

” آءٌ پنهنجي تقدير جي ڪوجنا ۾ نڪتل آهيان، ۽ اهو سڀ ڪجهه توهانکي سمجهه ۾ نہ ايندو.“

پَرَهَنڌي پنهنجي تلوار مياڻ ۾ واپس رکي، تنهن کانپوء نِينگرَ ۾ ساهه پيو.

”مونکي تنهنجي همت کي آزمائڻو هو“ پَرَهَنڌي چيو. ”همت هڪ اهڙي خوبي آهي جيڪا دنيا جي ٻولي سمجهڻ لاء ضروري آهي“.

نِينگرُ اچرج ۾ پئجي ويو. پَرَهَنڌو اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو هو جيڪي صرف ٿورڙا ماڻهو ئي ڄاڻين ٿا.

”پلي تون ڪيترو بہ ڏور اچي ويو آهين پر ان هوندي بہ توکي همت نہ هارڻ گهرجي، توکي ريگستان سان لڳاء رکڻو پوندو، ان تي ڪڏهن بہ مڪمل ويساهہ نہ ڪجانء. چاڪاڻ جو ريگستان ماڻهن کي آزمائيندو آهي؛ هر قدم تي للڪاريندو آهي، ۽ اهو انهن جي لاء موت آهي جيڪي رستي تان ٿڙيو پون.“

نِينگرَ کي ان ڳالهہ تي بزرگ بادشاهہ جي يادگيري اچي وئي.

”جيڪڏهن جنگجو هٿ پهچي وڃن، ۽ شام تائين تنهنجو سِر تنهنجي ڪنڌ تي سلامت رهي ته مونسان ملجان،“ پَرهَنڏي چيو.

ان ئي هٿ ۾ جنهن ۾ پهريان تلوار هئي هاڻي چهبڪ هو. گهوڙي جي گجگوڙ ڀيهر ۽ مٿي اُٿي.

” توهان ڪاٿي رهندا آهيو؟“ گهوڙي سوار کي ويندو ڏسي نِينگرَ رڙ ڪندي پڇيو.

چهبڪ واري هٿ ڏکڻ ڏانهن اشارو ڪيو.

۽ ائين نِينگرُ ڪيمانگر سان مليو.

❖

ٻئي ڏينهن، ٻه هزار هٿيار بند الفيوم ۾ ڪجين جي وڻن جي چوڌاري پکڙجي ويا. منجهند کان پهريان ئي پنج سو قبيلائي اُتر کان نخلستان ۾ داخل ٿيا؛ ائين لڳي رهيو هو ته هو پُر امن آهن، پر انهن مڙني وٽ پنهنجا هٿيار سندن لبادن ۾ لڪايل هئا. جڏهن هو الفيوم جي وچ تي هڪ اڇي خيمي وٽ پهتا ته پنهنجون تلوارون ۽ بندوقون ڪڍي ان خالي خيمي تي اچي حملو ڪيائون.

نخلستان جي ماڻهن انهن گهوڙي سوار ويڙهاڪن کي ريگستان جي چوڌاري گهيري ۾ آڻي صرف اڌ ڪلاڪ ۾ هڪ کي ڇڏي باقي مڙني حملي آورن کي ماري ڇڏيو. نخلستان جي ٻارن کي ڪجيءَ جي وڻن جي جُهڳٽي جي پويان رکيو ويو هو ۽ کين ڪنهن ڳالهه جي خبر ئي نه پئي ته ڇا ٿيو. عورتون پنهنجي مڙسن کان پري خيمن ۾ خير جي دعا ڪري رهيون هيون، کين پڻ ويڙهه جي ڪا به خبر نه پئي. جيڪڏهن زمين تي انهن ويڙهاڪن جا لاش نه هجن ها ته ائين لڳي ها ته جهڙو هت ڪجهه ٿيو ئي ناهي.

صرف هڪ قبيلائي بچيو هو سو حملا آورن جي فوج جو سپهه سالار هو. منجهند جو کيس نخلستان جي قبيلي جي سردارن وٽ آندو ويو. جن هن کان روايت جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جو سبب پڇيو. سپهه سالار چيو ته سندس ويڙهاڪ ڪيترن ئي ڏينهن جي ويڙهه ڪانپوءِ بکايل، اڃايل ۽ ٿڪل هئا، سو انڪري نخلستان تي حملي جو سوچيو ويو ته جيئن ڪجهه آرام ڪري واپس وڃي جنگ وڙهي وڃي. قبيلي جي سردار چيو ته کيس

سندس ماٺهن جي ان حالت تي افسوس ٿيو، پر روايت تہ مقدس ٿيندي آهي. ۽ هن سپهہ سالار جي بغير ڪنهن عزت افزائي ڪرڻ جي موت جو حڪم ڏنو. ڪيس بجاءِ ڪنهن چاقوءَ يا گوليءَ جي هڪ ڪجيءَ جي وڻ ۾ ٽنگي ڦاهي چاڙهيو ويو، جتي سندس لاش ريگستان جي واءَ تي لڏندو لمندو رهيو.

قبيلي جي سردار نِينگرَ کي سڏايو، ۽ کيس پنجاهہ سون جي سڪن جو انعام ڏنو. هن پنهنجي مصر جي يوسف[4] واري ڳالهہ ورجائي، ۽ نِينگرَ کي نخلستان جو صلاحڪار بڻجڻ جي آڇ پڻ ڪئي.

❖

جڏهن سج لٿو ۽ پهريان تارا پڌرا ٿيڻ لڳا تہ، نِينگرَ ڏکڻ ڏانهن رُخ ڪيو. هلندي ڪيس هڪ خيمو نظر آيو، اتان ڪان لنگهندڙ ڪجهہ عربن ڪيس ٻڌايو تہ هن جاءِ تي جِنن جو ديرو آهي. پر نِينگرُ اتي ويهي انتظار ڪرڻ لڳو. جلد ئي اتي ڪيس گهوڙي تي ڪيمانگر نظر آيو، جيڪو سندس ڪلهي تي بہ مئل باز ڪنيو ٿي آيو.

” آءٌ اچي ويس،“ نِينگرَ چيو.

” توکي هت نہ هجڻ گهرجي،“ ڪيمانگر وراٽيو. ”يا اها تنهنجي قسمت آهي جيڪا توکي هت وٺي آئي آهي؟“

” قبيلن جي وچ ۾ ويڙهہ سبب ريگستان پار ڪرڻ نا ممڪن هو، انهيءَ ڪري آءٌ هت پهچي ويس.“

ڪيمانگر گهوڙي تان لٿو ۽ نِينگرَ کي پاڻ سان گڏ خيمي ۾ اچڻ جو اشارو ڪيائين. سندس خيمو بہ نخلستان ۾ موجود ٻين خيمن جهڙو ئي هو. نِينگرَ جي خيمي اندر چُلهن ۽ علم ڪيميا ۾ ڪَتب ايندڙ سامان لاءِ نظر ڦيرائي پر ڪيس ڪجهہ بہ نظر نہ آيو.

اُتي رُڳي ڪجهہ ڪتابن جو ڍڳ، هڪ ننڍو رڌ پچاءُ جو چُلهو، ۽ ڳجهن نقشن سان چٽيل غاليچا موجود هئا.

”ويهہ، مون وٽ ڪجهہ پيئڻ سان گڏوگڏ کائڻ لاءِ هي پکي پڻ آهن،“ ڪيمانگر چيو.

نِينگرَ کي اهو انديشو ٿيو تہ شايد هي اهي ئي پکي آهن جيڪي هن هڪ ڏينهن اڳ ڏٺا هئا، پر هو چُپ رهيو. ڪيمانگر باهہ ٻاري ۽ ايتري ۾ لذيذ خوشبو خيمي ۾ پکڙجي وئي. اها حُقن جي خوشبوء ڪان چگي هئي.

” توهان مونسان ملڻ چو ٿي چاهيو؟“ نِينگرَ پڇيو.

” علامتن جي ڪري،“ ڪيمانگر وراڻيو.

”هِير مونکي تنهنجي اچڻ جي خبر ڏني، ۽ اها بہ خبر ملي تہ توکي واهرَ جي گُهرج پوندي.“

”اهو آءٌ نہ هئس جنهن جي اچڻ جي خبر توهانکي هِير ڏني، هو هڪ ٻيو پرديسي آهي، انگريز، جيڪو توهان کي ڳوليندو ٿو وتي.“

” ڪيس پهريائين ٻيا ڪم بہ ڪرڻا آهن، پر هو پنهنجي رستي تي صحيح هلي رهيو آهي. ۽ هن ريگستان کي سمجهڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي.“

” مون بابت ڇا راء آهي؟“

” جڏهن ڪو شخص واقعي ڪا خواهش ڪري ٿو تہ، سڄي ڪائنات ڪيس پنهنجي خواب جي ساڀيان ڳولڻ جي منصوبي ۾ سندس واهرَ ڪري ٿي،“ ڪيمانگر چيو. بزرگ بادشاهہ جا لفظ پڙاڏي سان ڪيس ياد آيا. نِينگرُ سمجهي ويو تہ هڪ ٻيو شخص ڪيس سندس تقدير تائين پهچائڻ ۾ واهرَ ڪرڻ لاء موجود آهي.

” پوء توهان مونکي ڪجهہ سيکاريندئو؟“

نہ، تون اڳ ۾ ئي اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻين ٿو جيڪو توکي ڄاڻڻ گهرجي. آءٌ توکي صرف تنهنجي خزاني جو طرف ٻڌائيندس.“

پر ريگستان ۾ تہ جنگ هلي رهي آهي. ۽ مون پنهنجو خزانو ڳولي ورتو آهي. مون وٽ هڪ اُٺ آهي، ٽانوَن جي هَٽَ مان ڪمايل پئسا ڏوڪڙ آهن، ۽ مون وٽ پنجاهہ سون جا سڪا پڻ آهن. پنهنجي ملڪ ۾ آءٌ شاهوڪار ٿي رهندس.“

” پر انهن مڙني شين مان ڪابہ شيء احرامن مان حاصل ٿيل ناهي،“ ڪيمانگر چيو.

” مون وٽ فاطمہ آهي، ۽ هوءِ مون لاءِ مڙني خزانن کان وڌيڪ آهي.“

” هوءِ پڻ تون احرامن مان حاصل نہ ڪئي آهي.“

هو خاموشيءَ سان پوڄن ڪندا رهيا. ڪيمانگر هڪ ٻاٽلي کولي جنهن مان ڳاڙهي رنگ جي پاڻياٺي شيءِ نِينگرَ جي پيالي ۾ اوتيائين. اهو انتهائي لذيذ مَڌُ هو جيڪو هن اڳ ڪڏهن بہ نہ چکيو هو.

” هت مَڌُ ممنوع ناهي؟“ نِينگرَ پڇيو.

” ماڻهن جي وات ۾ جيڪڏهن ڪا شيءِ وڃي تہ اها خراب ناهي ٿيندي، پر جيڪي واتان نڪرندو آهي سو خراب هوندو آهي.“

ڪيمانگر تورو پوائتو ٿي لڳو، پر، جيئن نِينگرَ مَڌُ پيتو تہ کيس سڪون آيو. پوڄن ختم ڪرڻ ڪانپوءِ هو خيمي کان ٻاهر مٽر چانڊوڪيءَ ۾ اچي ويٺا، جنهن جي سامهون تارا بہ ڦِڪا ٿي لڳا.

” ڪاءُ پيءُ ۽ موج مستي ڪر،“ ڪيمانگر نِينگرَ کي سَرَهو ڏسي چيس. ” اڄ رات چڱي نموني آرام ڪر، جيئن تون هڪ ويڙهاڪ هئين ۽ ڪنهن جنگ لاءِ تيار هئين. ۽ اهو ياد رکجان تہ جتي بہ تنهنجي دل هوندي خزانو اُتي ئي هوندو. توکي اهو خزانو ڳولڻو آهي تہ جيئن ان دوران تون جيڪي ڪجهہ سکيو آهي انجو ادراڪ ٿي سگهي. سياڻي پنهنجو اُٺ ڪپائي هڪ گهوڙو خريد ڪر، اُٺ دغا باز ٿين ٿا: هو هزارين قدم هلن ٿا پر محسوس ئي نہ ٿو ٿئي تہ ڪو هوتڪجن ٿا. پوءِ اُمالَڪُ هو ڪوڏا ڪوڙيو مريو پون. پر گهوڙا هوريان هوريان ٿڪبا آهن. توهانکي اها سدائين خبر رهندي آهي تہ ڪين ڪيترو هلائڻو آهي، ۽ اها بہ خبر هوندي آهي تہ هو مرڻ وارا آهن.“

❖

ٻي رات نِينگرُ ڪيمانگر جي خيمي وٽ گهوڙي ساڻ اچي پُڳو. ڪيمانگر تيار هو، هو پنهنجي گهوڙي تي چڙهيو ۽ ٻازُ پنهنجي ڪابي ڪلهي تي رکيائين. ”ريگستان ۾ مونکي ڪا اهڙي جاءِ ڏيکار جتي ڪا جيوَت هجي، چاڪاڻ جو صرف اهي ماڻهو خزاني ڳولڻ جي صلاحيت رکن ٿا جن کي اهڙي ڀانت جي علامتن جي ڄاڻ هجي.“

هو چانڊوڪيءَ ۾ گهوڙن تي سوار واريءَ ۾ هلڻ شروع ٿيا. ” خبر ناهي آءٌ ريگستان ۾ ڪا جيوت ڳولي به سگهندس الائي نه، مونکي ته ريگستان بابت اجان ايتري ڄاڻ به ناهي.“ نِينگرُ مَن ۾ ويچاري رهيو هو. نِينگرَ اها ڳالهه ڪيمانگر سان ڪرڻ ٿي چاهي، پر هو ڊنل هو. هو هڪ پٿريلي جڳهه تي پهتا جتي چوڪري آسمان ۾ شِڪرا ڏٺا هئا، پر هاڻ اتي خاموشي ۽ هِير هئي.

”مونکي خبر ناهي ته ريگستان ۾ ڪا جاندار شيءِ ڪيئن ڳولجي، مونکي ايتري خبر آهي ته هت اهڙي ڪا ساهه واري شيءِ آهي پر اهو نه ٿو ڄاڻان ته ڪهڙي جڳهه تي آهي.“

” زندگي زندگيءَ کي ڪشش ڪري ٿي،“ ڪيمانگر وراڻيو.

نِينگرَ کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي. هن گهوڙي جي واڳ ڍلي ڪئي ۽ گهوڙو پٿرن ۽ واريءَ ۾ ڊوڙندو رهيو. ڪيمانگر نِينگرَ جي گهوڙي جي پويان پويان اڌ ڪلاڪ تائين پنهنجي گهوڙي کي ڊوڙائيندو رهيو. هاڻ کين نخلستان ۾ کجين جا وڻ به نظر نه ٿي آيا، سندن مٿا صرف تمام وڏو چنڊ هو ۽ ريگستان جي پٿرن سان ٽڪرائيندڙ چانڊوڪي هئي. اُماَلڪُ بغير ڪنهن عذر جي نِينگرَ جي گهوڙي جي رفتار گهٽبي وئي.

” هت ڪا ساهه واري شيءِ آهي،“ نِينگرَ ڪيمانگر کي چيو.

” مونکي ريگستان جي ٻولي ته سمجهه ۾ نه ٿي اچي پر، منهنجو گهوڙو زندگيءَ جي ٻولي سمجهي ٿو.“

هو گهوڙي تان لٿا، ڪيمانگر خاموش هو ۽ هوريان هوريان اڳتي وڌندي هو پٿرن ۾ ساهه واري شيءِ کي ڳوليندا رهيو. ڪيمانگر اُماَلڪُ بيهي رهيو ۽ زمين تي جهڪيو. اتي پٿرن جي وچ ۾ هڪ سوراخ هو. ڪيمانگر پهريان پنهنجو هٿ ان سوراخ ۾ وڌو، ۽ پوءِ ڪلهي تائين پوري ٻانهن. اتي ڪا شيءِ چرپر ڪري رهي هئي، ڪيمانگر جون اکيون پڻ ان چرپر کي محسوس ڪندي چرڻ لڳيون، نِينگرُ ان وقت صرف ڪيمانگر جون اکيون ٿي ڏسي سگهيو. جيڪي ڪجهه به ان سوراخ ۾ هو تنهن کي پڪڙڻ لاءِ هو ٻانهن سان مسلسل ڪوشش ڪري رهيو هو. پوءِ هڪ جهٽڪي سان جنهن نِينگرَ کي ڊيڄاري ڇڏيو، هن پنهنجي ٻانهن ٻاهر ڪڍي، ۽ پوئتي هٽيو. سندس هٿ ۾ هڪ نانگ هو.

نِينگرُ پڻ ڪيمانگر ڪان پري هٽيو. نانگ مستيءَ ۾ پنهنجو دفاع ڪري رهيو هو، ۽ سندس ڦوڪارن جو آواز ريگستان جي خاموشيءَ ۾ پکڙجي ويو. اهو هڪ واسينگ نانگ هو، جنهن جو زهر منٽن ۾ ماري ٿي سگهيو.

" ڏنگ ڪان بچاءِ ڪجو،" نِينگرَ چيس. پر ڪيمانگر تہ پنهنجو هٿ ان سوراخ ۾ پڻ وڌو هو، ڪيس ڏنگ بہ ضرور لڳو هوندي، پر هو خاموش هو. " ڪيمانگر بہ سو ورهين جي ڄمار جو آهي." ڪيس انگريز جي ڳالهہ ياد آئي. ضرور ڪيس ريگستانن جي نانگن ڪي منهن ڏيڻ ايندو هوندو.

نِينگرَ پنهنجي ساٿيءَ کي سندس گهوڙي ڏانهن ويندي ڏٺو جيڪو اتان پنهنجي تلوار کڻي آيو. تلوار جي نوڪ سان هُن واريءَ تي هڪ گول دائرو ناهي نانگ کي ان جي وچ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو. تنهن ڪانپوءِ اهو نانگ سڪون ۾ آيو.

" گهبرائڻ جي ڳُهرج ناهي،" ڪيمانگر چيو. " هاڻ هي ان دائري کان ٻاهر نہ ايندو. جيڪو مون چاهيو ٿي سو تون ريگستان ۾ ڳولي وئين."

" پر ان ڳالهہ جو سبب ڪهڙو هو؟"

" چاڪاڻ جو احرامن جي چوڌاري ريگستان آهي."

نِينگرَ احرامن جي بابت نہ ٿي ڳالهائڻ چاهيو.

هو رات کان وٺي اُباٽڪو هو. خزاني جي ڪوجنا شروع ڪرڻ فاطمہ تان هٿ کڻڻ جي برابر هو.

"آءٌ ريگستان ۾ تنهنجي رهنمائي ڪندس،" ڪيمانگر چيو.

" پر آءٌ نخلستان ۾ رهڻ چاهيان تو،" نِينگرَ وراڻيو.

" مون وٽ فاطمہ آهي، ۽ هوءَ مون لاءِ ڪنهن بہ خزاني کان وڌيڪ آهي."

" فاطمہ هڪ ريگستاني عورت آهي،" ڪيمانگر چيس. " ڪيس خبر آهي تہ ماڻهو ڏور واپس ورڻ لاءِ ئي ويندا آهن. ۽ وٽس اڳئي پنهنجو خزانو آهي. اهو تون آهين. هاڻ هوءَ بہ اهو چاهي ٿي تہ تون جنهن شيءِ جي ڪوجنا ۾ نڪتو آهين اها حاصل ڪر."

” پر جيڪڏهن آءٌ هت ئي رڪجڻ جو فيصلو ڪيان تہ پوء؟“

” آءٌ توکي ٻڌايان ٿو تہ پوء ڇا ٿيندو. تون نخلستان جو صلاحڪار بڻجي ويندي. تو وٽ ايترو سون آهي جو تون ڪيتريون ئي رڍون ۽ اُٺ خريد ڪري سگهين ٿو. پوء تون فاطمہ سان شادي ڪندي، ۽ پوء توهان ٻئي هڪ سال لاء سَرَهائيء سان گذاريندئو. پوء تنهنجي دل ريگستان ۾ لڳي ويندي، ۽ تون پنجاهہ هزار ڪجيء جي وڻن مان هر هڪ کان سونهون ٿي ويندي، ۽ انهن جي واڌ ويجهہ بہ تنهنجي اکين آڏو پئي ٿيندي، جنهن جو توکي اهو ڪاٿو بہ ٿيندو رهندو تہ دنيا ڪيئن تبديل ٿيندي رهي ٿي. ۽ پوء تون علامتن کي سمجهڻ ۾ بہ ماهر ٿي ويندي، ڇاڪاڻ جو ريگستان هڪ بهترين استاد آهي.“

”ٻئي سال ڪنهن وقت توکي وري خزانو ياد ايندو. سَونڻ ان جي بابت وري توکي اشارا ڪندا، ۽ تون انهن علامتن کي نظرانداز ڪندين. نخلستان ۽ ان جي رهاڪن جي ڀلائيء لاء تون پنهنجي ڄاڻ جو ڪَتب آڻيندي، ۽ قبيلي جا سردار تنهنجي واکاڻ ڪندا. ۽ اُٺن منجهان تو وٽ ناڻو ۽ طاقت ايندي.“

” ٽئين سال جي دوران، سَونڻ وري توکي پنهنجي خزاني ۽ تقدير جي يادگيري ڏياريندا رهندا. پوء تون راتين جون راتيون نخلستان ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندو رهندي، جنهن سان فاطمہ کي تڪليف ٿيندي ۽ هوء اهو سوچيندي تہ شايد هوء تنهنجي ڪوجنا جي وچ ۾ رُڪاوٽ آهي. پر تون ڪيس چاهيندو رهندين، ۽ هوء پڻ توکي چاهيندي رهندي. پوء توکي ياد ايندو تہ هن توکي ترسڻ لاء نہ چيو هو، ڇاڪاڻ جو ريگستان جي عورت ڄاڻي ٿي تہ ڪيس سندس مرد جو انتظار ئي ڪرڻو آهي. پوء تون ڪيس الزام نہ ڏيندين، اهو سوچي تہ توکي وڃڻ گهرجي ها ۽ توکي ئي فاطمہ جي پيار تي ويساهہ ڪرڻ گهرجي ها. ڇاڪاڻ جو توکي واپس نہ ورڻ جي خوف ئي نخلستان ۾ روڪي رکيو. ۽ ان وقت اهي ئي سَونڻ توکي ٻڌائيندا تہ هاڻي تنهنجو خزانو سدائين لاء لَٽجي چڪو آهي.“

” پوء چوٿين سال، اهي سَونڻ تو وٽ اچڻ ئي ڇڏي ڏيندا، ڇاڪاڻ جو تون ڪين ٻڌڻ ئي ڇڏي ڏنو. قبيلي جا سردار اهو محسوس ڪندا، ۽ توکي نخلستان جي صلاحڪار واري عهدي تان هٽايو ويندو. پر، تيسيتائين، تون هڪ امير ترين واپاري بڻجي چڪو هوندي، ۽ تو وٽ بيشمار اُٺن سان گڏ واپار جو بهترين نظام پڻ هوندو. پر پوء تون پنهنجا باقي ڏينهن ان ڳالهہ کي سوچڻ ۾ گذاريندين تہ تون پنهنجي تقدير کي ڇو نہ حاصل ڪيو ۽ هاڻ تہ گهڻي دير ٿي چڪي آهي.“

” اهو سدائين ياد رکجان ته محبت ڪڏهن به پنهنجو مقصد ماڻڻ کان نه تي روڪي، جيڪڏهن ڪنهن ان محبت جي ڪري پنهنجو مقصد ڇڏي ڏنو ته ڪيس سچي محبت نه هئي، اها سچي محبت جيڪا دنيا جي ٻولي ڳالهائي ٿي.“

ڪيمانگر واريءَ ۾ ناهيل گول دائرو ڊاهي ڇڏيو، ۽ نانگ رڙهندو پٿرن ۾ هليو ويو.

نِينگرَ کي ٿانوَن جو واپاري ياد آيو، جنهن جي سدائين کان مڪي پاڪ وڃڻ جي خواهش هئي، ۽ انگريز جيڪو ڪيمانگر جي کوجنا ۾ هو. نِينگرَ ان عورت جو سوچيو جنهن جو ريگستان تي ويساهه هو، ۽ پوءِ ريگستان ڏانهن نظر ڦيرايائين جنهن ڪيس پنهنجي محبت سان ملايو هو.

هو پنهنجن گهوڙن تي چڙهيا، ۽ هاڻي نِينگرُ نخلستان تائين ڪيمانگر جي پويان پويان هو. هِير سان گڏ نخلستان جا آواز وٽن پهتا پئي، انهن آوازن ۾ نِينگرَ فاطمه جو آواز ٻڌڻ جي ڪوشش تي ڪئي.

پر ان رات جڏهن نِينگرَ واسينگ نانگ کي دائري ۾ قيد ڏٺو پئي ته، پَرهَنڌو گهوڙي سوار جنهن جي ڪلهي تي باز ويٺل هو، تنهن، محبت ۽ خزاني، ريگستان جي عورت ۽ سندس قسمت بابت پئي ڳالهايو.

” آءٌ توهان سان گڏ هلي رهيو آهيان،“ نِينگرَ ڪيمانگر کي چيو، ۽ تنهن مهل مطمئن محسوس ڪيائين.

” پاڻ پرهه ڦٽيءَ ڏاري نڪرنداسين.“ ڪيمانگر وراڻيو.

❖

نِينگرَ اها سڄي رات جاڳي گذاري. پرهه ڦٽيءَ کان ٻه ڪلاڪ اڳ، نِينگرَ خيمي ۾ ستل پنهنجي هڪ عرب دوست کي اُٿاري فاطمه جي خيمي جو ڏس پڇيائين. پوءِ هو ٻئي سندس خيمي تائين ويا. پوءِ نِينگرَ سندس دوست کي ان ڪم لاءِ سون جا ڪجهه سڪا ڏنا ته جيئن هو هڪ رڍ خريد ڪري سگهي.

پوءِ نِينگرَ پنهنجي دوست کي چيو تہ هاڻ تون فاطمہ جي خيمي ۾ وڃي ڪيس ننڍ مان اُٿار ۽ ڪيس منهنجي اچڻ جي بابت آگاهہ ڪر. ڳيرُو عرب ائين ئي ڪيو جيئن ڪيس چيو ويو هو، ڪيس ڀي رڍ وٺڻ لاءِ بہ سون جا سڪا ڏنا ويا.

” هاڻ تون وڃي سگهين ٿو.“ نِينگرَ پنهنجي عرب دوست کي چيو. عرب پنهنجي خيمي ۾ واپس آيو، ۽ نخلستان جي صلاحڪار جي مدد ڪرڻ تي ڪيس فخر محسوس ٿيو ۽ سون جا سڪا حاصل ڪري سَرَهو ٿيو.

فاطمہ خيمي جي چانئٺ ڪان ٻاهر نڪتي. ٻئي ڪجهہ جي وڻن وٽان گذرڻ لڳا. نِينگرَ کي خبر هئي تہ اها روايت جي ڀڃڪڙي آهي، پر هاڻي ان لاءِ اهو ڪو وڏو مسئلو نہ هو.

” آءٌ وڃي رهيو آهيان، ۽ آءٌ چاهيان ٿو تہ تون منهنجي واپسيءَ جي پڪ رک. آءٌ توسان محبت ڪيان ٿو ڇاڪاڻ جو........“ نِينگرَ چيو.

” ڪجهہ بہ نہ ڪُڇ،“ فاطمہ سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيس. ”پيار پيار ٿيندو آهي. ۽ پيار ڪرڻ لاءِ ڪنهن سبب جي گُهرج ناهي هوندي.“

پر نِينگرَ پنهنجي ڳالهہ جاري رکي، ” مون هڪ خواب ڏٺو، پوءِ آءٌ هڪ بادشاهہ سان مليس، پوءِ ريگستان پار ڪرڻ لاءِ ٿانوَن جي هَٽَ تي ٿانوَ وکرو ڪيا، پوءِ قبائلين جنگ جو اعلان ڪيو، پوءِ آءٌ کوهہ وٽ ڪيمانگر کي ڳولڻ آيس. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ مونکي توسان واقعي سچو پيار آهي ۽ پوري ڪائنات توسان ملائڻ جي منصوبي ۾ منهنجي واهَرَ ڪئي.“

ٻنهي ڀاڪر پاتو. اهو پهريون ڀيرو هو جو ٻنهي هڪٻئي کي ڇهيو هو.

” آءٌ واپس ايندس،“ نِينگرَ چيو.

”پهريان آءٌ ريگستان ڏانهن بي مقصد ڏسندي هئس، پر هاڻي ڪنهن اميد سان ڏسندس. منهنجو بابا بہ هڪ ڏينهن ائين ئي هليو ويو هو، پر هو منهنجي ماءُ ڏي موٽي آيو هو. پر تنهن ڏينهن کانپوءِ هو سدائين موٽندو رهيو. “ فاطمہ چيس.

هو خاموشيءَ سان هلندا رهيا، پوءِ نِينگرَ فاطمہ کي سندس خيمي وٽ ڇڏيو.

” آءٌ موتي ايندس، تنهنجي بابا وانگي، جيئن هو تنهنجي ماء وٽ موتي واپس آيو هو.“ نِينگرَ چيو.

هن فاطمہ جي اکين ۾ لُڙڪ ڏٺا.

” تون روئين پئي؟“

” آءٌ ريگستاني جي رهواسي آهيان،“ فاطمہ سندس منهن ڦيريندي وراڻيو. ” پر انهن مڙني شين کان پهريان آءٌ هڪ عورت آهيان.“

فاطمہ پنهنجي خيمي ڏانهن واپس وئي، ۽ جڏهن صبح ٿيو، هن گهر جا ڪم ڪار شروع ڪيا جيڪي هوء ورهين کان ڪندي ٿي آئي. پر هاڻ هرشيء تبديل ٿي چڪي هئي. نِينگرُ هاڻ نخلستان ۾ موجود نہ هو، ۽ نخلستان بہ هاڻي ائين نہ رهيو آهي جيئن ڪالهہ تائين هو، هاڻي هي اها جڳهہ نہ رهي آهي جتي پنجاهہ هزار کجيء جا وڻ ۽ ٽي سو کوهہ هئا، جتي مسافر ڏگهي سفر کانپوء اچي پنهنجو ٿڪ لاهيندا هئا. پر ان ڏينهن کانپوء نخلستان هن لاء هڪ خالي جڳهہ وانگي ٿي ويو.

ان ڏينهن کانپوء سندس لاء ريگستان ئي اهم هو. هاڻ هوء روز انکي ڏسندي رهندي، ۽ اهو ڪاٿو لڳائيندي رهندي تہ نِينگرُ خزاني جي کوجنا ۾ ڪهڙي تاري جي پويان هلندو هوندو. هوء هِير جي آڌار تي نِينگرَ ڏانهن مِنيون موڪليندي رهندي، ان اميد سان تہ اهي ضرور نِينگرَ جي چهري کي محسوس ٿينديون، ۽ کيس ٻڌائينديون تہ هوء زندهہ آهي ۽ سندس انتظار ڪري رهي آهي، هڪ عورت پنهنجي بهادر مرد جو انتظار ڪري رهي آهي جيڪو  خزاني جي کوجنا لاء نڪتل آهي. ان ڏينهن کانپوء ريگستان ۾ هن جي لاء صرف هڪ مقصد هو: نِينگرَ جي واپسيء جي اميد.

❖

” ان بابت نہ سوچ جيڪو پويان ڇڏي آيو آهين،“ ڪيمانگر نِينگرَ کي ريگستان جي واري لتاڙيندي سفر دوران چيو. ” هر شيء دنيا جي روح ۾ لکيل آهي، ۽ اها سدائين لاء اُتي ئي رهندي.“

” ماڻهو گهر ڇڏڻ جا نہ پر گهر واپسيء جا خواب ڏسندا آهن،“ نِينگرَ وراڻيو. هاڻ هو بيهر ريگستان جي خاموشيء جو قائل ٿيڻ لڳو هو.

” جيڪڏهن ڪا شيء نِجُ مادي جي ٺهيل آهي تہ اها ڪڏهن بہ خراب نہ ٿيندي، ۽ انکي ماڻڻ ڪانپوء هر ڪو واپس بہ موٽي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن توکي ڪَٽيء وانگي بس روشنيء جي جهلڪ هٿ آئي تہ واپسي ظاهر آهي خالي هٿين ئي ٿيندين.“

هو شخص علم ڪيميا واري ٻولي ڳالهائي رهيو هو. پر نِينگرُ کي سندس ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي رهي هئي تہ هو فاطمہ بابت ڳالهائي رهيو آهي.

جيڪي ڪجهہ هو پويان ڇڏي آيو هو ان بابت نہ سوچڻ هڪ تڪليف ڏيندڙ عمل هو. ريگستان جي اٽڪُٽ هڪجهڙائيء واري ماحول کيس خوابيده ڪري ڇڏيو. نِينگرُ اڃان سندس خيالن ۾ کجيء جا وڻ، کوهہَ ۽ سندس محبت جو چهرو ڏسي ٿي سگهيو. هو انگريز کي پنهنجا تجربا ڪندي پڻ ڏسي رهيو هو، ۽ هو ان جَتَ کي پڻ محسوس ڪري رهيو هو جيڪو هڪ اُستاد وانگي هو، پر هو ان ڳالهہ کان نا واقف هو.

” ٿي سگهي ٿو هن ڪيمانگر کي ڪڏهن محبت ئي نہ ٿي آهي،“ نِينگرُ سوچي رهيو هو.

ڪيمانگر نِينگرَ جي اڳيان سواري ڪري رهيو هو، سندس ڪُلهي تي باز هو. ان پکيء کي ريگستان جي ٻولي چڱيء ريت سمجهہ ۾ آئي ٿي، ۽ هو شڪار جي کوجنا ۾ اُڏامي ويندو هو. هڪ ڏينهن هن واپسيء تي هڪ سهو شڪار ڪري آندو هئائين، ٻئي ڀيري وري بہ پکي آندا هئائين.

رات جي وقت هنن سمهڻ لاء تڏا وڇايا ٿي، ۽ باهہ کي تورو ڳُجهو ٿي رکيو. ريگستان جون راتيون ٿڌيون هيون، ۽ چنڊ جي تاريخن سان گڏ راتيون وڌيڪ اونداهيون ٿينديون ٿي ويون. هو لڳاتار هڪ هفتو هلندا رهيا، ۽ پاڻ ۾ صرف قبيلن جي جنگين کان بچاء لاء احتياطن وٺڻ بابت ڳالهائيندا ٿي رهيا. جنگ جاري هئي، ڪنهن وقت تہ واءُ سان گڏ پگهر ۽ رت جي بدبوء بہ آئي ٿي چاڪاڻ جو جنگ پرپاسن ۾ ئي هلي رهي هئي، ۽ اها واءُ نِينگرَ کي اهو ياد ڏياريندي ٿي رهي تہ علامتن جي

ٻه ٻولي آهي جيڪا سدائين ڪيس اهو ڪجھ ڏيکاريندي هئي جيڪو هو پنهنجي اکين سان نه تي ڏسي سگهيو.

ستين ڏينهن، ڪيمانگر وقت کان اڳي ئي منزل هٽڻ جو فيصلو ڪيو. باز شڪار ڪرڻ لاء اُڏاميو، ۽ ڪيمانگر نِينگرَ کي پنهنجي پاڻيء جي ٻاٽلي ڏني.

”تون پنهنجو سفر پورو ڪرڻ وارو آهين، آءٌ توکي تنهنجي تقدير جي کوجنا ۾ ڪاميابيء تي واڌايون پيش ڪيان ٿو.“ ڪيمانگر نِينگرَ کي چيو.

”توهان رستي ۾ مونسان ڪجھ ٻه نه ڳالهايو. مون سوچيو هو ته توهان مونکي پنهنجي ڏات مان ڪجھ نه ڪجھ سيکاريندئو. آءٌ ريگستان ۾ هڪ اهڙي شخص سان سفر ڪري رهيو هئس جنهن وٽ علم ڪيميا هو، پر آءٌ ان مان ڪجھ نه سکي سگهيس.“ نِينگرَ ڪيمانگر کي چيو.

”سکڻ جو صرف هڪ ئي طريقو آهي،“ ڪيمانگر وراڻيو. ” اهو آهي عمل جي ذريعي. توکي جيڪي ڪجھ سکڻ جي گُهرج هئي سو تون سفر مان سکي چڪو آهين. توکي بس باقي هڪ  شيء وڌيڪ سکڻي آهي.“

نِينگرَ ان بابت ڄاڻڻ چاهيو ٿي ته آخر اها ڪهڙي شيء آهي، پر ڪيمانگر آڪاس منڊل ڏانهن باز لاء تڪيندو رهيو.

” توهان کي ڪيمانگر ڇو ٿو سڏيو وڃي؟“

” ڇاڪاڻ جو آءٌ ڪيمانگر ئي آهيان.“

” پيلا ٻين ڪيمانگرن کان اها ڪهڙي غلطي ٿي جو هو سون ناهڻ ۾ ناڪام ويا؟“

” هو صرف سون ڳولي رهيا هئا،“ ڪيمانگر وراڻيو.

” هو پنهنجي تقدير سان گڏ رهڻ جي بجاء پنهنجي تقدير ۾ لڪيل خزاني جي کوجنا ۾ هئا.“

” اها ڪهڙي شيء آهي جيڪا توهان چيو ته مونکي ڄاڻڻ جي گُهرج آهي؟“ نِينگرَ ڪيمانگر کان پڇيو.

پر ڪيمانگر آڪاس منڊل ڏانهن ئي تڪيندو رهيو. ۽ آخرڪار باز سندن پوڇن ساڻ موٽيو. هنن هڪ ڪڏ ڪوٽي ان ۾ باهه ٻاري ته جيئن ڪير باهه جي شعلن کي ڏسي نه سگهي.

” آءٌ هڪ ڪيمانگر آهيان ڇاڪاڻ جو آءٌ هڪ ڪيمانگر آهيان،“ هن پوڇن تيار ڪندي جواب ڏنو. ” مون هي ڏات پنهنجي ڏاڏي کا سکي، ۽ ان پنهنجي پيءُ کا سکيو هو، ۽ اهڙي طرح اهو سلسلو دنيا جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي هلندو ٿو اچي. انهن وقتن ۾ حڪمت واري ڪم کي صرف زمرد جي فرهين تي آسانيءَ سان لکي سگهجي پيو. پر ماڻهن آسان طريقن جي بجاءِ رسالن، ترجمن ۽ فلسفي انداز ۾ لکڻ شروع ڪيو. ڪين اهو پڻ محسوس ٿيو ته وٽن انهيءَ ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ بين کان وڌيڪ بهتر طريقي ڪار موجود آهن. پر انهن مڙني ڳالهين جي باوجود اڄ به زمرد جي فرهيءَ وارو تصور زنده آهي.“

” ان زمرد جي فرهيءَ تي ڇا لکيل هو؟“ نِينگرَ ڄاڻڻ تي چاهيو.

ڪيمانگر واريءَ تي نقش چٽڻ شروع ڪيو. ۽ اهو نقش هن پنجن منٽن ۾ ناهي ورتو. جيئن ئي هو نقش ناهي رهيو هو ته نِينگرَ کي بزرگ بادشاهه، ۽ اها عمارت ياد آئي جتي ان ڏينهن هو مليا هئا: ڪيس ائين لڳو ڄڻ اها ڳالهه ڳچ ورهيه اڳ ٿي هجي.

”زمرد جي فرهيءَ تي هي لکيل هو،“ ڪيمانگر نقش چٽي پورو ڪرڻ ڪانپوءِ وراڻيو. نِينگرَ واريءَ تي اهو پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي.

”اهو ته هڪ ڳجهو اشارو آهي،“ نِينگرَ مايوسيءَ وچان چيو. ” ان جهڙي هڪ شيءِ مون انگريز جي ڪتابن ۾ پڻ ڏٺي هئي.“

” نه،“ ڪيمانگر وراڻيو. ” اهو انهن ٻن بازن جي اُڏام وانگي آهي: اهو صرف دليل سان نه ٿو سمجهي سگهجي. اها زمرد جي فرهي دنيا جي روح تائين پهچڻ جو سڌو سنئون پيچرو آهي.“

” سياڻن لاءِ هي دنيا جنت جو صرف هڪ خيالي تصور آهي. هن دنيا جو وجود صرف ان ڳالهه جي ضمانت لاءِ آهي ته هڪ ٻي دنيا جو به وجود آهي جيڪا بي عيب ۽ مڪمل آهي. خدا هي دنيا ان ڪري پيدا ڪئي ته جيئن ان جي پر اسرار شين مان

انسان سنڌس روحاني تعليمات ۽ سنڌس دانائيءَ جي عجائبن ڪي سمجهي سگهي. ۽ عمل مان منهنجو اهو ئي مطلب هو.“

” چا مونکي زمرد جي فرَهيءَ تي لکيل شيون سمجهڻ گهرجن؟“ نِينگر پڇيو.

” شايد، پر جيڪڏهن تون ڪيميائي تجربيگاهه ۾ هجين ها ته زمرد جي تختيءَ کي سمجهڻ جو هي صحيح وقت هو. پر هن وقت تون ريگستان ۾ آهين. سو پاڻ کي ان ۾ ئي مصروف رک. ريگستان توکي دنيا کي سمجهڻ ۾ تنهنجي واهَرَ ڪندو؛ حقيقت ۾ زمين تي موجود هرشيءِ دنيا کي سمجهڻ ۾ واهَرَ ڪري ٿي. جيڪڏهن تون واريءَ جي صرف هڪ ذري تي گهرائيءَ سان سوچ ويچار ڪرين ته توکي پوري ريگستان کي به سمجهڻ جي گُهرج نه پوندي، چاڪاڻ جو ان واريءَ جي هڪ ذري ۾ ئي توکي تخليق جي عمل جا سڀ معجزا نظر ايندا.

” آءُ پاڻ کي ريگستان ۾ ڪيئن رڌل رکان؟“

” پنهنجي ضمير جي ٻڌ، اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو، ڇا ڪاڻ جو اهو دنيا جي روح مان ئي تخليق ڪيو ويو آهي، ۽ ڪيس هڪ ڏينهن اوڏانهن واپس به ورڻو آهي.“

❖

وڏيڪ ٻه ڏينهن هو ريگستان ۾ خاموشيءَ سان هلندا رهيا. ڪيمانگر هاڻ ٿورو وڌيڪ محتاط ٿي ويو هو، چاڪاڻ جو هو ان علائقي کي ويجهو هئا جتي انتهائي خونخوار جنگيون هلي رهيون هيون. منزل ڏانهن وڌندي، نِينگرُ پنهنجي ضمير جو آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

اهو ايترو آسان نه هو؛ مُنڍ ۾ سندس دل ڪيس هر ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ تيار هئي، پر اڳتي هلي اهو غلط ثابت ٿيو. اهڙو به وقت آيو جڏهن سندس دل ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪيس پنهنجا اُڏما ٻڌائيندي رهندي هئي، پر ڪڏهن وري ائين به ٿيو ته سندس دل ريگستان ۾ سج اُيرندو ڏسي ايترو ته جوش ۾ اچي ٿي وئي جو نِينگرَ کي پنهنجا ڳوڙها لڪائڻا ٿي پئجي ويا. خزاني جي ڳالهه تي سندس دل تيز ڌڙڪڻ شروع ٿي لڳي، پر

ريگستان ۾ اٽڪڻ آڪاس منڊل ڏسي ان جو ڏڙڪو گهٽجي ٿي ويو. پر ڪيمانگر ۽ نِينگرَ جي خاموشيءَ جي باوجود بہ سندس دل سانت ۾ نہ ٿي آئي.

”دل جي ڳالهہ ٻڌڻ اسان لاءِ ڇو ضروري آهي؟“ هڪ ڏينهن منزل هڻڻ وقت نِينگرَ ڪيمانگر کان پڇيو.

” ڇاڪاڻ جو جتي توهانجي دل چوندي، خزانو بہ اُتي ئي ملندو .“

” پر منهنجي دل تہ بي آرام ۽ پريشان آهي، ڪيس پنهنجا خواب آهن، ۽ اها پُرجوش آهي، ۽ اها ريگستان جي هڪ عورت لاءِ بي تاب آهي. اها مونکان سوالَ بہ ڪري ٿي، ۽ مونکي فاطمہ جي بابت سوچيندي ڪيئي راتيون جاڳايو بہ اٿائين.“ نِينگرَ وراٽيو.

” اها تہ سٺي ڳالهہ آهي، تنهنجي دل زندهہ آهي، اها جيڪو بہ چوي ٿي انکي ٻڌندو رهہ.“

وڏيڪ ٽي ڏينهن گذري ويا، ۽ ان دوران سندن گذر ڪيترن ئي هٿياربند قبيلن وٽان ٿيو. نِينگرَ جي دل هاٽي خوفزدهہ هئي، ۽ ڪيس اهي قصا ٻڌائڻ لڳي جيڪي هن دنيا جي روح کان ٻڌا هئا، اُهي قصا انهن ماڻهن بابت هئا جيڪي خزانن جي کوجنا ۾ نڪتا هئا ۽ هو ناڪام موٽيا هئا. ڪنهن وقت وري ڪيس دل اهو خوف ٿي ڏياريو تہ متان هو پڻ خزانو ڳولڻ ۾ ناڪام وڃي ۽ ريگستان ۾ ئي موت جو ڪاچ نہ ٿڄي وڃي. ڪڏهن وري اها نِينگرَ کي محبت ۽ ناٽي جي حاصلات تي مطمئن ٿي لڳي.

” منهنجي دل دغاباز آهي،“ نِينگرَ ڪيمانگر کي ان وقت چيو جڏهن هو گهوڙن کي ساهي ڏيڻ لاءِ رڪيا.

”اها مونکي اڳتي وڌڻ کان روڪي رهي آهي.“

” اها ڳالهہ واقعي ڪو فهم رکي ٿي،“ ڪيمانگر ورڻيو.

” اهو هڪ قدرتي احساس آهي تہ تنهنجي دل ان ڳالهہ کان ڊنل آهي تہ تون ڪاٿي پنهنجي خواب جي ساپيان ماڻڻ دوران هن وقت تائين جيڪي ڪجهہ حاصل ڪيو آهي ڪاٿي اهو سڀ ڪجهہ بہ نہ وڃائي ويهين.“

”جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ آءٌ پنهنجي دل جي ڇو ٻڌان؟“

” چاڪاڻ جو تون پنهنجي دل کي ڪڏهن به خاموش نه ڪري سگهين، پوءِ ڀلي تون ان کي نه ٻڌڻ جو بهانو ڇو نه ڪرين، پر اها سدائين توسان گڏ ئي رهندي ۽ تون پنهنجي زندگيءَ بابت ۽ دنيا بابت جيڪو ڪجھ به سوچيندين اهو توکي ورجائيندي رهندي.“

” توهان جو مطلب اهو آهي ته مونکي پنهنجي دل جي ٻڌڻ گهرجي پوءِ ڀلي اهو سڀ ڪجھ بغاوت بابت به ڇو نه هجي؟“

” بغاوت واءَ جي اوچتي جهوٽي وانگر آهي. پر جيڪڏهن تون پنهنجي دل کي چڱيءَ ريت سمجھڻ جي قابل آهين ته اها توکي ڪڏهن به ان رستي تي ڪانه وٺي ويندي. چاڪاڻ جو توکي سندس خوابن ۽ خواهشن جي خبر آهي، ۽ تون ڪيس سنڀالي سگهين ٿو. تون ڪڏهن به پنهنجي دل کان ڀڄي نه ٿو سگهين، تنهنڪري توکي ان جي ڳالھ ٻڌڻي پوندي، ۽ اهو ئي طريقو آهي جنهن جي ڪرڻ سان تون سدائين واءَ جي اوچتن جهوٽن کان بچيو رهندين. “

ريگستان ۾ سفر دوران نِينگرَ پنهنجي دل جي ڳالھ ٻڌڻ جاري رکي. ۽ هو انجي اٽڪلن ۽ مڪر کي سمجهندو رهيو. هاڻ سندس خوف ختم ٿي ويو، ۽ نخلستان واپس ورڻ واري ڳالھ به هن کان وسرندي ٿي وئي، چاڪاڻ جو ان ڏينهن سندس دل کيس چيو هو ته هوءِ سَرَهي آهي. ” ان هوندي به ته آءٌ ڪڏهن ڪڏهن شڪايتون ڪندي رهندي آهيان،“ دل چيو. ” اهو انڪري جو آءٌ هڪ انسان جي دل آهيان، ۽ انسانن جون دليون ائين ئي ٿينديون آهن. انسان پنهنجي سڀ کان اهم خوابن جي ساڀيان کي ماڻڻ کان ڪيٻائيندا آهن، چاڪاڻ جو هو سمجهندا آهن ته هو ان جا اهل ناهن، يا وري هو انکي حاصل ئي نه ڪري سگهندا. اسين، سندن دليون سدائين پنهنجن پيارن جي وڇوڙي جي سوچ کان خوفزده رهن ٿيون، يا انهن گهڙين کان خوفزده رهنديون آهيون جيڪي خوبصورت هجڻ گهرجن ها پر اهي نه ٿي سگهيون، يا انهن خزانن کان خوفزده رهون ٿيون جن کي ڳولجي ها پر اهي سدائين لاءِ واريءَ ۾ دفن ٿي ويا. انهن ڳالهين ۾ اسان لاءِ تمام وڏي پِيڙا آهي.“

” منهنجي دل ان پِيڙا کان خوفزده آهي،“ هڪ رات نِينگرَ ڪيمانگر کي خالي آسمان ڏانهن تڪيندي چيو.

” پنهنجي دل کي چئو تہ پيڙا جو خوف ان پيڙا کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ آهي ۽ ڪنهن بہ دل اڄ تائين پنهنجي خوابن جي ساپيان جي ڪوجنا جي پويان ڪا تڪليف نہ ڏني آهي، ڇو جو، ان ڪوجنا جو هڪ هڪ لمحو خدا ۽ ان جي ابديت سان ملاقات آهي.“

” ڪنهن بہ ڪوجنا جو هڪ هڪ لمحو خدا سان ملاقات آهي،“ نِينگرَ اها ڳالھ پنهنجي دل سان هنڊائي. ”اها هڪ حقيقت آهي تہ خزاني جي ڪوجنا جي دوران منهنجو هر ڏينهن روشن ٿي ويندو آهي، چاڪاڻ جو مونکي اها خبر آهي تہ ان ڏينهن جو هڪ هڪ پل منهنجي خواب جي ساپيان جو حصو آهي. ۽ خزاني جي ڪوجنا جي دوران مون اهڙيون اهڙيون ڳالهيون دريافت ڪيون جيڪي هڪ ريدار هجڻ جي حيثيت سان آءٌ سوچي بہ نہ ٿي سگهيس.“

ان ڏينهن سندس دل مطمئن هئي. ۽ رات جو نِينگرُ تمام گهري ننڊ ستو، جڏهن هو جاڳيو تہ سندس دل کيس دنيا جي روح جون ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ڪيون. سندس دل کيس ٻڌايو تہ ماڻهو جيڪي سَرَها آهن انهن جي سرهائيء جو سبب اهو آهي تہ خدا ساڻن گڏ آهي. ۽ سرهائيء کي ريگستان جي واريء جي هڪ ذري ۾ بہ ڳولي سگهجي ٿو، جيئن کيس ڪيمانگر ٻڌايو هو، چاڪاڻ جو اهو واريء جو ذرو بہ ڪائنات جي تخليق جو هڪ حصو آهي، ۽ ڪائنات جي تخليق ۾ هزارين ورهيہ لڳي ويا.

” زمين تي موجود هر شخص لاء ڪو نہ ڪو خزانو موجود آهي، اسين انسانن جو دليون، اهڙن خزانن بابت ڪجھ نہ ڪُڇنديون آهيون، چاڪاڻ جو ڪير بہ انهن جي ڪوجنا ڪرڻ لاء تيار ناهي. اسين اهڙيون ڳالهيون صرف ٻارن سان ڪنديون آهيون، پوء اسين زندگيء کين پنهنجي رُخ ۽ قسمت تي ڇڏي ڏيون. بدقسمتي اها آهي تہ صرف ڪجھ ئي ماڻهو ان رستي تي هلن ٿا جيڪو انهن لاء ناهيو ويو آهي _ سندن تقدير ۽ سرهائين جو پيچرو. ڪيترائي ماڻهو هن دنيا کي هاجيڪار جاء سمجهن ٿا، ۽ سندن ان سوچ جي ڪري ئي دنيا انهن لاء هاجيڪار ٿيو پوي. تنهنڪري اسين سندن دليون، تمام نرم انداز ۾ ڳالهائينديو آهيون. پر اسين ڪڏهن بہ ڳالهائڻ بند نہ ٿيون ڪري سگهون، ۽ اسانکي سدائين اها ئي اميد هوندي آهي تہ اسانجي ڳالھ ڪانہ ٻڌي ويندي؛ پر جيڪي ماڻهو بہ پنهنجي دل جي نہ ٿا ٻڌن اسين ڪين رنجيدھ بہ نہ ٿيون ڏسي سگهون.“

” ماڻهن جون دليون ڪين پنهنجي خوابن کي ماڻڻ لاءِ تاڪيد چو نہ ٿيون ڪن؟“ نِينگرَ ڪيمانگر کان پڇيو.

” اها ئي تہ ڳالهہ آهي جيڪا دلين کي وڌ ۾ وڌ غمگين ڪيو ڇڏي، ۽ دليون ڪڏهن بہ غمگين ٿيڻ نہ چاهينديون آهن.“

ان ڏينهن کانپوءِ نِينگرُ پنهنجي دل جي ڪيفيت سمجهي ويو. هن پنهنجي دل کي چيو تہ هوءِ ڪڏهن بہ هن سان ڳالهائڻ نہ ڇڏي. هن پنهنجي دل کي اهو بہ چيو تہ، جڏهن بہ هو پنهنجي خواب جي ساپيان ماڻڻ کان هٽي وڃي تہ سندس دل ڪيس ان ڳالهہ جو چتاءُ ڏئي. نِينگرَ اهو قسم ڪنيو تہ جڏهن بہ ڪيس اهڙو ڪو چتاءُ مليو تہ هو ان تي ضرور ڌيان ڏيندو.

ان رات نِينگرَ اها سڄي حقيقت ڪيمانگر سان ڪئي. ۽ ڪيمانگر سمجهي ويو تہ هاڻ نِينگرَ جي دل دنيا جي روح ڏانهن موٽي چڪي آهي.

” هاڻ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ نِينگرَ ڪيمانگر کان پڇيو.

” احرامن جي طرف هلندو رهہ،“ ڪيمانگر وراڻيو. ” ۽ انهن علامتن تي ڌيان ڏيندو اچ. تنهنجي دل اڃا ان قابل آهي جو توکي اهو ٻڌائي سگهي تہ خزانو ڪٿي آهي.“

” ڇا اها ئي هڪ شيءِ باقي هئي جيڪا مونکي ڄاڻڻ جي گُهرج هئي؟“

”نہ،“ڪيمانگر وراڻيو. ”جيڪي توکي اڃان ڄاڻڻ جي گُهرج آهي اهو هي آهي: ڪنهن بہ خواب جي ساپيان تائين پهچڻ کان اڳ، دنيا جو روح ان وچ ۾ ايندڙ هر شيءِ جيڪا اسان سکيون يا حاصل ڪئي ان کي آزمائيندو آهي. ان جو اهو مقصد هرگز ناهي تہ دنيا جو روح ڪو غلط آهي، اهو صرف ان ڪري جو اسين پنهنجي خوابن جي ساپيان تائين پهچڻ ۾ جيڪي ڪجهہ پرايو ان تي عبور حاصل ڪري سگهون. اهو ئي واحد نقطو آهي جتي پهچي گهڻي قدر ماڻهو هار مڃيو ويهن. اهو ئي اهو نقطو آهي جتي ريگستان جي ٻوليءَ ۾ هڪ عام پهاڪو ڪَتب ايندو آهي تہ، ’ اڄايل تڏهن دم ڏنو جڏهن نخلستان پڌرو ٿيو.‘ “

” هر ڪوجنا سيڪڙات جي ڀاڳ سان شروع ٿئي ٿي، ۽ سوياري جي سخت آزمائش سان ختم ٿئي ٿي.“

نِينگرَ کي پنهنجي ملڪ ۾ ڪَتب ايندڙ هڪ ٻيو پهاڪو ياد آيو تہ ’ رات جو سڀ کان اونداهو پهر ٻہ پرھ ڦٽيءَ کان ٿورو ئي اڳ ايندو آهي.‘

❖

ٻئي ڏينهن خطري جي پهرين چِٽي نشاني پڌري ٿي. ٽي هٿياربند قبيلائي شخص نِينگرَ ۽ ڪيمانگر وٽ آيا ۽ سندن اتي موجودگيءَ جو ڪارڻ پڇيايون.

” آءٌ پنهنجي باز سان گڏ شڪار ڪري رهيو آهيان،“ ڪيمانگر وراڻيو.

” توهانجي تلاشي وٺڻي پوندي تہ ڪٿي توهان وٽ ڪو هٿيار تہ ناهي.“ هڪ قبيلائي شخص چيو.

ڪيمانگر ۽ نِينگرُ ٻئي گهوڙي تان لٿا.

”تو پاڻ سان گڏ پئسا ڇو کنيا آهن؟“ قبيلائي شخص نِينگرَ جو ٿيلهو جاچيندو کانئس پڇيو.

” ان ڪري جو مونکي احرامن تائي پهچڻو آهي،“ نِينگرَ وراڻيو.

قبيلائي شخص کي ڪيمانگر جي سامان جي تلاشي وٺندي هڪ پاڻياٺي مادي سان ڀريل گهُگهي ۽ هڪ ڦِڪي رنگ جي ڪائي جهڙو بيضو هٿ آيو جيڪو ڪُڪڙ جي بيضي کان ٿورو وڏو هو.

” هي ڇا آهن؟“ قبيلائي شخص پڇيو.

” هي پارس جو پٿر ۽ آبِ حيات آهن. هي ڪيمانگرن جي حڪمت جا نمونا آهن. جنهن بہ آبِ حيات پيتو اهو ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿيندو، ۽ ان پارس جو هڪ بہ ٽڪرو ڪنهن بہ ڌاتوءَ کي سون ۾ تبديل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو.“

عرب قبيلائي مٿس ان ڳالهہ تي کِليا، انهن سان گڏ ڪيمانگر پڻ کِليو. هنن سوچيو تہ هو يوڳ ڪري رهيو آهي، ۽ کين سندن سڄي سامان سان وڃڻ جي اجازت ڏني.

” توهان چريا تہ نہ ٿي ويا آهيو؟“ نِينگرَ ڪيمانگر کان پڇيو، ”اهڙي چريائپ توهان جو ڪئي؟“

” توکي زندگيءِ جو هڪ نهايت ئي آسان سبق سيکارڻ لاءِ“ ڪيمانگر وراڻيو. ”جڏهن تون پاڻ وٽ موجود اَمُلهہ خزانن جي بابت ڪنهن کي ٻڌائيندي تہ تنهنجي ڳالهہ تي ڪير بہ ويساهہ نہ ڪندو.“

هنن ريگستان ۾ پنهنجو سفر جاري رکيو. هر ڏينهن گذرڻ سان نِينگرَ جي دل خاموش ٿيندي تي وئي. ۽ ڪيس مستقبل يا ماضيءِ جي بہ پرواهہ نہ رهي: اهو صرف ريگستان ۽ دنيا جي روح تي سوچ ويچار ڪرڻ جو هڪ انداز هو. نِينگرَ ۽ سندس دل جي وچ ۾ دوستي تي چڪي هئي، ۽ هاڻ هو هڪٻئي کي ڌوڪو نہ ٿي ڏئي سگهيا.

هاڻ سندس دل صرف کيس همت ۽ جوش ڏيارڻ لاءِ هن سان ڳالهائيندي هئي، چاڪاڻ جو ريگستان جي سانت تمام تڪليف ڏيندڙ هئي. سندس دل کيس سندس خوبيون جي بابت ٻڌايو: رڍون وڪرو ڪري پنهنجي تقدير کي جيئڻ واري خوبي، ۽ سندس ٿانوَن جي هَٽَ ۾ جوش ۽ ولولي سان گذاريل وقت واري خوبي پڻ ٻڌائي.

سندس دل کيس هڪ ٻي بہ ڳالهہ ٻڌائي جنهن تي هن اڳ ڪڏهن بہ غور نہ ڪيو هو: سندس دل کيس لاحق خطرن بابت بہ ٻڌايو، پر اهي خطرا کيس ڪڏهن بہ ويجهو نہ آيا. سندس دل کيس اهو بہ ٻڌايو تہ ان سندس پيءِ جي اها بندوق پڻ لڪائي ڇڏي هئي، چاڪاڻ جو اهو ممڪن هو تہ متان ان سان نِينگرُ پاڻ کي زخمي ڪري وجهي. سندس دل کيس اهو بہ ياد ڏياريو جڏهن هو ميدان ۾ رڍون چارڻ دوران بيمار هو ۽ اُلٽيون پڻ ڪيون هئائين، جنهن کانپوءِ هو گهري ننڊ پئجي ويو هو. اتان کان ٿورو اڳتي بہ چور نِينگرَ کي مارڻ ۽ سندس رڍن چورائڻ جو منصوبو ناهي وينا هئا. پر چاڪاڻ جو نِينگرُ اتان نہ لنگهيو ۽ هو اهو سوچي هليا ويا تہ متان نِينگرَ گس ئي متائي ڇڏيو هجي.

” ڇا انسان جي دل سدائين سندس واهَرَ ڪري ٿي؟“ نِينگرَ ڪيمانگر کا پڇيو.

”گهڻو ڪري اهڙن ماڻهن جون دليون سندن واهَرَ ڪن ٿيون جيڪي پنهنجي تقدير جي کوجنا ڪن ٿا. پر هو ٻارن، مَڌُ پياڪن ۽ پيرسنن جي پڻ واهَرَ ڪن ٿيون.“

” ڇا ان جو مطلب اهو آهي ته آءُ ڪڏهن به ڪنهن مشڪل ۾ گرفتار نه ٿيندس؟“

” ان جو مطلب اهو آهي ته دل مشڪلن کان بچائڻ لاءِ پنهنجي پوري ڪوشش ڪندي آهي.“ ڪيمانگر وراڻيو.

هڪ ڏينهن سندن گذر قبيلن جي لڳاپيل هڪ منزل وٽان ٿيو. ڪنڊ تي ڪجهه عرب اڇن جُهبن ۾ هٿيارن سان بيٺا هئا. پاسي کان ڪجهه ماڻهو حُقا ڇڪيندي جنگ جا حال احوال اوري رهيا هئا. هنن ٻن مسافرن تي ڪنهن به ڌيان نه ڏنو.

” هتان ڪو خطرو ناهي،“ نِينگرَ اتان گذرندي ڪيمانگر کي چيو.

ڪيمانگر باهجي پيو: ” پنهنجي دل تي يقين رک، پر اهو به نه وسار ته تون ريگستان ۾ آهين. جنگين جي دوران دنيا جو روح جنگين مان ايندڙ رڙيون ٻڌندو آهي. هن زمين تي ڪير به نتيجن جي پيڙائن پوڳڻ کان بغير رهي نه ٿو سگهي.“

” سڀ شيون هڪ آهن،“ نِينگرَ سوچيو. پوءِ ريگستان ڪيمانگر جي اها ڳالهه صحيح ثابت ڪئي، ٻه گهوڙي سوار سندن پويان کان پڌرا ٿيا.

”توهان هن کان اڳتي نه ٿا وڃي سگهو،“ انهن گهوڙيسوارن مان هڪ چيو. ”توهان جنگين واري علائقي ۾ آهيو.“

” اسين گهڻو اڳتي نه پيا وڃون،“ ڪيمانگر گهوڙي سوار جي اکين ۾ اکيون وجهي وراڻيو. هو ڪجهه گهڙين لاءِ خاموش رهيا، ۽ پوءِ نِينگرَ ۽ ڪيمانگر کي اڳتي وڌڻ جي اجازت ڏنائون.

نِينگرُ حيرت منجهان سندن ڳالهه ٻولهه ٻڌي رهيو هو.

” توهان جي هنن گهوڙي سوارن ڏانهن تڪڻ جي انداز سان توهان هنن تي غالب هئائو.“ نِينگرَ چيو.

” توهان جون نظرون توهانجي روح جي طاقت کي پڌرو ڪن ٿيون،“ ڪيمانگر ورڻيو.

” اهو واقعي صحيح آهي،“ نِينگرَ سوچيو.

ڪيس اهو محسوس ٿيو تہ انهن قبيلي وارن هٿياربندن منجهان هڪ شخص ڪين مسلسل تڪي رهيو هو. ٿورو پريرو هجڻ جي ڪري سندس صورت نظر نہ ٿي آئي پر نِينگرَ کي اها پڪ هئي تہ هو کين تڪي رهيو آهي.

آخرڪار، جڏهن هنن جابلو سلسلو جيڪو تمام ڏور تائين ڦهليل هو، پار ڪيو تہ ڪيمانگر چيو تہ هاڻي اسين احرامن کان صرف ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهيون.

” جيڪڏهن اسانجا رستا هڪٻئي کان الڳ ٿيڻ وارا هجن تہ مونکي علم ڪيميا جي بابت ضرور ڪجھ سيکاريو.“ نِينگرَ ڪيمانگر کي چيو.

”تون اڳي ئي علم ڪيميا جي بابت ڄاڻين ٿو. اها ڏات دنيا جي روح ۾ داخل ٿيڻ جو فن سيکاري ٿي ۽ ان خزاني جي کوجنا جي ترغيب ڏئي ٿي جيڪو توهانجو آهي.“

” منهنجو اهو مطلب نہ هو، آءٌ شيهي کي سون ۾ تبديل ڪرڻ واري ڏات جي ڳالھ ڪري رهيو هئس.“

اها ڳالھ ٻڌي ڪيمانگر ريگستان وانگي سانت ۾ اچي ويو هو، هن ڪيس تڏهن جواب ڏنو جڏهن هو پوجن لاءِ رڪيا.

” ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ ارتقاء جي عمل هيٺ رهي ٿي،“ ڪيمانگر چيو.

” ۽ ساڃھ وندن لاءِ سون ہ هڪ اهڙو ڌاتو آهي جيڪو وڌيڪ ارتقاء جي مرحلن مان گُذرندو رهي ٿو. اهو نہ پڇجان تہ ائين ڇو آهي، ڇاڪاڻ جو مونکي ان بابت ڪا ڄاڻ ناهي. مونکي صرف ايتري خبر آهي تہ اهو روايتن ۾ آهي، ۽ روايتون سدائين صحيح هونديون آهن.“

” ماڻهون ڪڏهن ہ ڏاهن جي ڳالهين کي نہ سمجهي سگهيا. تنهنڪري سون کي ارتقا جي نشاني سمجهڻ جي بجاءِ جهيڙن جو بنياد بڻائي پيش ڪيو ويو.“

” مختلف شيون ہ پنهنجيون ڪيتريون ئي بوليون ڳالهائين ٿيون. اهو ہ وقت هو جڏهن، مون لاءِ اُنن جي هٽڪار هڪ هٽڪار کان وڌيڪ ڪا شيءِ نہ هئي. پوءِ اها ئي هٽڪار مون لاءِ خطري جي نشاني پڻ ثابت ٿي. ۽ آخرڪار اها هٽڪار وري هڪ

هٽڪار ئي ٻڌجي وئي.“ پر اهو چوڻ ڪانپوءِ نِينگرُ اهو سوچي ماٺ ٿي ويو تہ انهن مڙني ڳالهين کان تہ ڪيمانگر ضرور واقف هوندو.

” آءٌ ڪجھ اهڙن حقيقي ڪيمانگرن کي سڃاڻان ٿو جن پاڻ کي پنهنجي تجربيگاهن ۾ بند ڪري سون وانگي ارتقاء جي مرحلن مان گُذرڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن ڪانپوءِ ڪين پارس هٿ آيو، چاڪاڻ جو هو اها ڳالھ سمجهي چڪا هئا تہ، جڏهن بہ ڪا شيءِ ارتقاء جي مرحلن مان گُذري ٿي تہ ان جي چوڌاري موجود هر شيءِ پڻ ارتقاء ڪندي رهي ٿي. ٻيا ڪيمانگر وري اهڙا هئا جن کي اهو پٿر حادثاتي طور تي هٿ اچي ويو. وٽن اڳ ۾ ئي اهو تحفو هو، ۽ سندن روح اهڙي ڀانت جي شين لاءِ ٻين کان وڌيڪ تيار هئا. پر اهي شيون سندن لاءِ ڪا اهميت نہ ٿيون رکن ۽ اهڙا انسان تمام گهٽ آهن. ڪجھ وري اهڙا ڪيمانگر هئا جن جي صرف سون ۾ دلچسپي هئي. پر هو ڪڏهن بہ ان ڳُجھ تائين نہ پهچي سگهيا. هو اهو وساري چڪا هئا تہ شيهي، پتل ۽ لوهہ جون پنهنجون پنهنجون الڳ تقديرون آهن. ۽ جيڪڏهن ڪير بہ ڪنهن ٻي شيءِ جي تقدير سان ڇيڙڇاڙ ڪندو تہ هو ڪڏهن بہ پنهنجي تقدير کي حاصل نہ ڪري سگهندو.“

ڪيمانگر جا هي لفظ هڪ نحوست وانگي پڙاڏوڪرڻ لڳا. هن زمين تان هڪ سِپي کڻندي چيو تہ ” هي ريگستان ڪنهن وقت ۾ هڪ سمنڊ هو.“

” آءٌ ان ڳالھ کان آگاهہ هئس،“ نِينگرَ وراڻيو.

ڪيمانگر نِينگرَ کي اها سِپي پنهنجي ڪَن تي رکڻ لاءِ چيو. نِينگرُ ننڍي هوندي ائين ڪيترائي ڀيرا ڪري سمنڊ جو آواز ٻڌي چڪو هو.

”سمنڊ هن سِپيءِ جي مٿان گذري چڪو آهي، ۽ اهائي ان جي تقدير آهي. پر اهو هاڻ تيسيتائين نہ ٿي سگهندو جيسيتائين ٻيهر هن ريگستان ۾ پاڻي نہ ايندو.“

هو پنهنجن گهوڙن تي چڙهيا ۽ مصر جي احرامن جي طرف سفر شروع ڪيائون.

❖

سچ لهڻ وارو ٿيو تہ نِينگرَ جي دل ڪنهن خطري جو اشارو ڪيو. سنڌن چوڌاري واريءَ جا تمام وڏا دڙا هئا، نِينگرَ ڪيمانگر ڏانهن ڏٺو تہ هن بہ ڪا اهڙي خطري واري شيءِ محسوس ڪئي آهي يا نہ. پر هو اهڙي ڪنهن بہ خطري واري ڳالهہ کان بي خبر ٿي لڳو. پنجن منٽن ڪانپوءِ نِينگرَ بہ گهوڙي سوار اڳيان سنڌن انتظار ۾ هئا. ان کان اڳ جو هو ڪيمانگر کان ڪجھ ڪُڇي، اهي بہ گهوڙي سوار بن مان ڏهہ، ڏهن مان سئو ۽ پوءِ دڙن ۾ هر جاءِ تي پکڙجندا ويا. اهي جنگجو قبيلائي نيري رنگ جي وَيسُ ۾ هئا، ڪين پٽڪن تي ڪارا چلا پهريل هئا. سنڌن چهرا نيري رنگ جي نقاب ۾ ڍڪيل هئا ۽ صرف سنڌن اکيون ئي نظر ٿي آيون.

پري کان بہ سنڌن اکين مان سنڌن روح جي سگهہ جو اندازو لڳائي سگهجي پيو. سنڌن اکيون موت جو پيغام ڏئي رهيو هيون.

بنهي ڄڻن کي ويجهي ئي هڪ فوجي چانوٽيءَ ۾ آندو ويو. هڪ سپاهيءَ کين هڪ خيمي ۾ ڪِهلي وٺي آيو، جتي فوج جو سردار پنهنجي عملي سان ڳڌجاڻيءَ ۾ مصروف هو.

” هي مخبر آهن،“ هڪ سپاهيءَ سردار کي چيو.

” اسين مسافر آهيون،“ ڪيمانگر وراڻيو.

” تي ڏينهن اڳ توهانکي دشمنن جي چانوٽيءَ ۾ هڪ سپاهيءَ سان ڳالهائيندي ڏٺو ويو هو.“

” آءٌ تہ بس هڪ رِڻ جو رولاڪ ۽ علم هيئت جو ڄاڻو آهيان، ۽ آءٌ صرف پنهنجي دوست جو سونهون آهيان، مونکي جنگجوئن يا قبيلن جي ڄُرِڄُر جي ڪا بہ خبر ناهي،“ ڪيمانگر وراڻيو.

”تنهنجو دوست ڪير آهي؟“ سردار پڇيو.

”هڪ ڪيمانگر،“ ڪيمانگر وراڻيو. ”هو قدرت جي قوتن کي سمجهڻ جي قابليت رکي ٿو، ۽ توهانکي پنهنجا جوهر ڏيکارڻ چاهي ٿو.“

نِينگرُ خاموشيءَ ۽ خوف منجهان ٻڌي رهيو هو.

” پر هي پَرَهَنڌو هتي ڇا ڪرڻ آيو آهي؟“ هڪ سپاهيءَ پڇيو.

” هن توهانجي قبيلي لاءِ ڪجهه رقم آندي آهي، “ ڪيمانگر ڪين چيو، ان ڪان پهريان جو نِينگرُ ڪجهه ڪُڇي، ڪيمانگر سندس ٿيلهي مان سون جا سِڪا ڪڍي ڪين ڏنا.

عرب بنا هڪ لفظ چوڻ جي اهي سون جا سڪا قبول ڪيا. اهي گهڻ هٿيار وٺڻ لاءِ ڪافي هئا.

” اهو ڪيمانگر ڇا ٿيندو آهي؟“ سردار پڇيو.

” ڪيمانگر اهو شخص آهي جيڪو قدرتي سرشتي ۽ دنيا کي سمجهڻ جي سگهه رکي ٿو ۽ جيڪڏهن هو چاهي ته توهانجي هن ڇانوٽيءَ کي واءَ جي طاقت سان تباهه به ڪري سگهي ٿو.“

اتي موجود سڀ ماڻهو ڪِليا. هو جنگ جي تباهين جا عادي هئا، ڪين اها به خبر هئي ته واءُ سنڌن ڪجهه به نه ٿي بگاڙي سگهي. پر تنهن هوندي به ان ڳالهه جو سنڌن دل ۾ ٿورو خوف ضرور اُڀيو. ڇاڪاڻ جو هو ريگستان جا ماڻهو هئا، ۽ ڪين جادوگرن جو خوف هو.

” آءُ ڪيس اهو ڪندي ڏسڻ چاهيان ٿو، “ سردار چيو.

” ڪيس ان ڪم لاءِ ٽي ڏينهن گهرجن، “ ڪيمانگر وراڻيو.

” ڪيس سندس اها قوت ڪَتب آڻڻ لاءِ پهريان پاڻ کي واءَ ۾ تبديل ٿيڻو پوندو. جيڪڏهن هو ائين نه ڪري سگهيو ته توهانجي قبيلي جي شان ۾ اسانجي جان حاضر آهي.“

” تون مونکي اها شيءِ حاضر نه ٿو ڪري سگهين جيڪا اڳي ئي منهنجي قبضي ۾ آهي، “ سردار آڪڙ وچان وراڻيو. پر هن ٻنهي مسافرن کي ٽي ڏينهن ڏنا. نِينگرُ خوف وچان ڏڪي رهيو هو، پر ڪيمانگر ڪيس خيمي ڪان ٻاهر وٺي آيو.

”ڪين پنهنجي خوف جو احساس نه ڏيار، “ ڪيمانگر نِينگرَ کي چيو. ”هي بهادر ماڻهو آهن، ۽ هو بزدلن ڪان نفرت ڪندا آهن.“

پر نِينگرُ ڪجھ بہ نہ ٿي ڪُڇي سگھيو. سندس اها حالت چانوٽيءِ جي وچان گذرڻ مهل ٿي رهي هئي. ڪين قيد ڪرڻ جي گُهرج ئي نہ هئي، عربن بس سندن گھوڙا قبضي ۾ ڪري ڇڏيا هئا.

هڪ ڀيرو ٻيهر، دنيا سندس ڪيترين ئي ٻولين پڙڙين ڪري رهي هئي: ڪجھ گھڙيون پهريان ريگستان اڪُٽ ۽ خالي ٿي لڳو، پر هاڻ اهو ئي ريگستان هڪ بنا دروازي ۽ ڳُٽڪين جي پِٽ ٻڌجي چڪو هو.

” توهان هنن کي منهنجو اَلھو تَلھو ڏئي ڇڏيو! اها منهنجي سموري حياتيءَ جي جمع پونجي هئي!“ نِينگرَ ڪيمانگر کي چيو.

” تنهنجي مرڻ کانپوءِ انهن مان ڪهڙي شيءِ تنهنجي ڪم جي رهي ها؟“ ڪيمانگر وراڻيو. ”تنهنجي جمع پونجيءِ اسانکي ٽن ڏينهن جي زندگي ڏني آهي، ۽ گھڻو ڪري ائين ڪڏهن نہ ٿيو هوندو تہ اج تائين ڪو پئسي ڏوڪڙ سان ڪنهن جي جان بچي هجي.“

پر نِينگرُ ايترو ڊنل هو جو ڪيس اهي حڪمت واريون ڳالهيون سمجھ ۾ ئي نہ ٿي آيون. ڪيس اها ڳالھ سمجھ ۾ نہ ٿي آئي تہ هو پاڻ کي ڪيئن واءَ ۾ تبديل ڪندو، ڇاڪاڻ جو هو ڪيمانگر نہ هو!

ڪيمانگر هڪ سپاهيءَ کي چانهن جو چيو. ڪيمانگر ان مان ڪجھ چانهن نِينگرَ جي ڪارائين تي هاري تہ نِينگرَ ڪجھ سڪون محسوس ٿيو، ان دوران ئي ڪيمانگر چپن ئي چپن ۾ ڀُڻڪندي ڪجھ لفظ چيا جيڪي نِينگرُ سمجھي نہ سگھيو.

” پنهنجي خوف کي پاڻ تي حاوي ٿيڻ نہ ڏي،“ ڪيمانگر نِينگرَ کي تمام نرم آواز ۾ چيو. ”جيڪڏهن ائين ٿيو تہ تون ڪڏهن بہ پنهنجي دل سان ڳالھ ٻولھ نہ ڪري سگھندين.“

” پر مونکي ڪو ڪاٿو ناهي تہ آءٌ پاڻ کي واءَ ۾ تبديل ڪيئن ڪندس.“

” جيڪڏهن هڪ شخص جيڪو پنهنجي تقدير کي جي رهيو هجي، اهو هر اها شيءِ ڄاڻي ٿو جيڪا ڪيس ڄاڻڻ جي گُهرج آهي. صرف هڪ ئي شيءِ آهي جيڪا خوابن جو پنهنجي ساڀيان تائين پهچڻ کي نا ممڪن ٻڻائي ٿي: اها آهي ناڪاميءَ جو خوف.

” آءٌ ناڪاميءَ ڪان نہ ٿو ڊڄان. بس مونکي اها خبر ناهي تہ آءٌ پاڻ کي واءَ ۾ تبديل ڪيئن ڪيان.“

” اهو تہ توکي سکڻو پوندو، چاڪاڻ جو هاڻ ان تي ئي تنهنجي زندگيءَ جو دارومدار آهي.“

” پر جيڪڏهن آءٌ اهو نہ ڪري سگهيس تہ؟“

”تہ پوءِ تون پنهنجي تقدير تائين پهچڻ جي وچ ۾ ئي هلاڪ ٿي ويندين، جيڪو لکين اهڙن انسانن جي موت کان تہ بهتر آهي جن کي پنهنجي تقديرن جي اجان چاڻ بہ نہ هئي.“

” پر پريشان نہ ٿي،“ ڪيمانگر پنهنجي ڳالھ جاري رکي. ”عام طور تي موت جو خوف ماڻهن کي پنهنجي زندگين بابت وڌيڪ سُجاڳ ڪندو آهي.“

❖

پهريون ڏينهن گذريو. پر پاسي ۾ وڏي ويڙھ هلي رهي هئي، ۽ روز ڪيترائي زخمي سپاهي ڇانوڻي ۾ آندا ٿي ويا، ۽ جيڪي مريو ٿي ويا انهن جي جڳھ تي ٻيا سپاهي آندا ٿي ويا ۽ ائين ئي اتي زندگي هلندي ٿي رهي. ” ڪنهن جي موت سان ڪا بہ شيءِ تبديل نہ ٿي ٿئي،“ نِينگرُ سوچي رهيو هو.

” تون ٿورو پوءِ بہ جان ڏئي ٿي سگهئين،“ هڪ سپاهي پنهنجي ساٿيءَ جي لاش کي چئي رهيو هو. ” تون امن ٿيڻ ڪانپوءِ بہ جان ڏئي ٿي سگهئين. پر توکي هر صورت ۾ مرڻو ئي هو.“

سج لٿي نِينگرُ ڪيمانگر کي ڳولي رهيو هو، جيڪو پنهنجي باز سان گڏ ريگستان ۾ نڪتل هو.

”مونکي اجان ڪو ڪاتو ناهي تہ آءٌ پاڻ کي واءَ ۾ تبديل ڪيئن ڪندس،“ نِينگرَ پنهنجي ڳالھ ورجائي.

”جيڪو مون توکي چيو هو سو ياد ڪر؛ هيءَ دنيا بس خدا جو هڪ پڙرو نظارو آهي. ۽ ڪيمانگري ان روحاني ڪماليت جو مادي شين سان ڳانڍاپي جو هڪ ذريعو بڻجي ٿي.“

”توهان هت ڇا پيا ڪيو؟“

”پنهنجي باز کي پوڄن پيو ڪرايان.“

”جيڪڏهن آءٌ پاڻ کي واءَ ۾ تبديل نه ڪري سگهيس ته اسانکي مرڻو پوندو، پوءِ باز کي پوڄن ڪرائڻ جو لاڀ؟“ نِينگرَ پڇيو.

”صرف توکي ئي مرڻو پوندو، آءٌ پاڻ کي واءَ ۾ تبديل ڪرڻ وارو فن ڄاڻان ٿو.“

❖

ٻئي ڏينهن، نِينگرُ ڇانوٽيءَ جي پر ۾ هڪ اُوچي چوٽيءَ تي چڙهي ويو. پهريدار سپاهين ڪيس وڃڻ جي اجازت ڏني؛ هنن اڳي ئي هڪ اهڙي جادوگر جو پاڻ کي واءَ ۾ تبديل ڪرڻ جو قصو ٻڌو هو، انڪري هو نِينگرَ جي ويجهو ئي نه ٿي ويا. ڇا ڪه ٿي پوي ريگستان ته پوءِ به هڪ مشڪل ترين جڳهه هئي.

نِينگرَ پيو سڄو ڏينهن ريگستان کي تڪيندي ۽ پنهنجي دل جي ٻڌندي گذاريو. نِينگرُ اهو ڄاڻي پيو ته ريگستان سندس خوف کان واقف آهي، ڇاڪاڻ جو ريگستان ۽ نِينگرُ ٻئي هڪ ئي ٻولي ڳالهائي رهيا هئا.

❖

ٽئين ڏينهن، قبيلي جو سردار پنهنجي عملي سان مليو. ڪيمانگر کي به ان گڏجاڻي ۾ گهرايو ويو. ”هاڻي هلي ڏسجي ته نِينگرُ پاڻ کي ڪيئن واءَ ۾ تبديل ٿو ڪري،“ سردار ڪيمانگر کي چيو.

”اچو،“ ڪيمانگر وراڻيو.

نِينگرُ کين ان چوٽيءَ تي وٺي ويو جتي هو هڪ ڏينهن اڳ ويو هو. هن مڙني کي ويهڻ لاءِ چيو.

” ان ۾ توري دير لڳندي،“ نِينگرَ چيو.

”اسان کي ڪا تڪڙ ناهي، اسين ريگستاني ماڻهو آهيون،“ سردار وراڻيو.

نِينگرَ آڪاس منڊل ڏانهن تَڪيو. ڪيس توري ئي فاصلي تي جبل، واريءَ جا دڙا، پٿر ۽ ٻوٽا نظر آيا جيڪي ان جڳهه تي قائم ۽ دائم هئا جتي رهڻ نا ممڪن آهي. اتي اهوئي ريگستان هو جنهن ۾ هو مهينن جا مهينا جهاڳيندو رهيو هو؛ پر ان جي باوجود به ڪيس ريگستان جي زندگيءَ جي اجا به ايتري معلومات نہ هئي. ريگستان ۾ گذاريل پنهنجي زندگيءَ جي ان حصي ۾ ڪيس انگريز مليو هو، ڪيترائي قافلا، قبيلائي جنگيون ۽ پنجاهہ هزار کجيءَ جي وڻن ۽ سئو کوهن وارو نخلستان پڻ ڏٺا هئائين.

” اج توکي ڪهڙي شيءِ جي طلب آهي؟ ڪالهہ تون ئي هئين نہ جنهن سڄو ڏينهن مون کي تڪيندي گذاريو هو؟“ ريگستان نِينگرَ کا پڇيو.

” تون وٽ اهو شخص آهي جنهن سان آءٌ محبت ڪريان ٿو، تنهنڪري جڏهن آءٌ تنهنجي واريءَ ڏانهن تڪيندو آهيان، تہ ان ۾ مونکي هوءِ نظر ايندي آهي. آءٌ هن ڏانهن واپس وڃڻ چاهيان ٿو، تنهنڪري پاڻ کي واءَ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ مونکي تنهنجي واهَرَ جي گُهرج آهي.“ نِينگرَ ريگستان کي چيو.

” محبت چا آهي؟“ ريگستان نِينگرَ کان پڇيو.

” محبت تنهنجي مٿان هڪ باز جي اُڏام جيان آهي. چاڪاڻ جو باز جي لاءِ تون هڪ سرسبز زمين آهين جنهن مان هو سدائين پنهنجو شڪار ڪري ٿو. ڪيس تو منجهہ موجود پٿرن، واريءَ جي دڙن ۽ جبلن جي ڄاڻ آهي، ۽ تون پڻ مٿس مهربان آهين.“ نِينگرَ ريگستان کي وراڻيو.

” باز پنهنجي چهنب سان منهنجا ذرا ڪٽندو رهي ٿو، ورهين تائين آءٌ سندس شڪار جي سنڀار ڪندو ٿو رهان، ڪيس پاڻ وٽ موجود تورو گهڻو پاڻي مهيا ڪندو ٿو رهان، ۽ ڪيس سندس شڪار جو ڏس پڻ ٻڌائيندو ٿو رهان. ۽ آءٌ ان حقيقت کان

مطمئن ٿيندو آهيان تہ سندس شڪار منهنجي ئي سطح تي وڌندو ويجهندو رهي ٿو، پر تنهن ڪانپوءِ اهو ئي باز آسمان مان هڪ ٽُبي هڻي اهو سڀ ڪجهہ ڪنيو وڃي جنهن جي مون سنيار ڪئي.“ ريگستان نِينگرَ کي چيو.

” پر، سندس پوڇن لاءِ ئي تہ تو اهو سڀ ڪجهہ ڪيو، اُن سان تو باز جي سَار لڌي، باز وري انسانن جي، ۽ نتيجي ۾ انسان وري تنهنجي واريءَ جي سار لهندو، جتي اهو شڪار وري پيدا ٿيندو، ائين ئي تہ دنيا جو سرشتو هلندو رهندو.“ نِينگرَ وراڻيو.

” تہ اها ئي محبت آهي؟“

” ها. اهائي آهي محبت. اها ئي محبت آهي جنهن سان شڪار باز ۾، باز انسان ۾ ۽ انسان ريگستان ۾ تبديل ٿيندو رهي ٿو. اهائي محبت آهي جيڪا شيهي کي سون ۾ پڻ تبديل ڪري ٿي ۽ سون کي واپس زمين جي اندر موڪليو ڇڏي.“

” مونکي تنهجيون ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ ٿيو اچن،“ ريگستان ڪيس چيو.

” پر تون ايترو تہ سمجهي سگهين ٿو تہ تنهنجي واريءَ ۾ ڪٿي نہ ڪٿي هڪ عورت موجود آهي جيڪا منهنجو انتظار ڪري رهي آهي. صرف ان جي ڪري ئي مونکي پاڻ کي واءَ ۾ تبديل ڪرڻو آهي.“

ريگستان ڪجهہ دير لاءِ ڪيس ڪو جواب نہ ڏنو.

پوءِ ڪيس چيائين، ” آءٌ صرف واءَ کي جهوٽڻ ۾ واهَرَ لاءِ توکي پنهنجي واري ڏئي سگهان ٿو، ان کان علاوه اڪيلي سِر آءٌ تنهنجي بي ڪا واهَرَ نہ ٿو ڪري سگهان. وڌيڪ توکي واءَ کان مدد وٺڻي پوندي.“

واءَ جو هڪ جهوٽو لڳڻ شروع ٿيو. قبيلي وارا نِينگرَ کي پري کان ڏسي پاڻ ۾ سندن ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا جيڪا نِينگرَ کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي.

ڪيمانگر مُشڪيو.

واءُ نِينگرَ ڏانهن وڌندي سندس منهن کي ڇهيو. ڪيس نِينگرَ ۽ ريگستان جي وچ ۾ ڪيل ڳالهہ ٻولهہ جي خبر هئي، ڇاڪاڻ جو واءَ کي سڀ خبر رهندي آهي. اهي پوري دنيا جا چڪر ڪاٽيندا رهنديون آهن، ۽ سندن نہ ڪا جيئڻ جي جاءِ آهي نہ مرڻ جي.

” منهنجي واهَرَ ڪر. هڪ ڏينهن تون مون لاءِ پاڻ سان گڏ منهنجي محبوب جو آواز آندو هو. “ نِينگرَ واءُ کي چيو.

” توکي ريگستان ۾ واءُ جي ٻولي ڪنهن سيکاري؟“ واءُ نِينگرَ کان پڇيو.

” منهنجي دل،“ نِينگرَ وراڻيو.

واءُ جا ڪيترائي نالا آهن. دنيا جي ان حصي ۾ ڪيس سِراڪو يا ريگستاني واءُ سڏيو ٿي ويو، ڇاڪاڻ جو اهو واءُ اوير کان پاڻ سان گڏ سمنڊ جي رطوبت ۽ ريگستان جي واري کنيو ايندي هئي. اتان کان ڏورانهين ديس مان جتان نِينگرُ آيو هو، اُتي ان واءُ کي ليوانتر سڏيو ٿي ويو، ڇاڪاڻ جو اُتان جي ماڻهن جي پٽاندر اهو واءُ ريگستان جي واريءَ سان گڏ ماريتانيا جي ويڙهاڪن جي وچ ۾ وڙهيون ويندڙ جنگين جا واڪا پڻ گڏ کڻي ايندو هو. شايد اندلس جي چراگاهن کان ڏور ماڻهن کي اهو ئي محسوس ٿيندو هوندو ته اهو واءُ اندلس کان آيو هو. پر، حقيقت ۾ واءُ ته ڪنهن هڪ مخصوص جڳهه کان نه ايندو آهي نه ڪيڏانهن ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اهو ريگستان کان وڌيڪ طاقتور ٿئي ٿو. ريگستان ۾ ڪير به وڻ پوکي ۽ رڍون چاري سگهي ٿو، پر واءُ کي ڪڏهن به ڪير واڳ نه ٿو وجهي سگهي.

” تون واءُ نه ٿو ٿي سگهين،اسين ٻئي تمام مختلف آهيون.“ واءُ چيس.

”ائين ناهي،“ نِينگرَ وراڻيو. ”مون سفر دوران ڪيمانگرن جا ڪيترائي گُجهه سکيا آهن. منهنجي اندر واءُ به آهي ته ريگستان به، سمنڊ، تارا ۽ هر اها شيءِ جيڪا ڪائنات ۾ موجود آهي، منهنجي اندر پڻ شامل آهي. ڇاڪاڻ جو هرشيءِ جي خالق صرف هڪ ذات آهي، ۽ هر شيءِ ۾ ساڳيو روح آهي. آءٌ تون وانگر ٻڌجي دنيا جي ڪند ڪُڙڇ ۾ پهچڻ چاهيان ٿو، سمنڊَ پار ڪرڻ چاهيان ٿو، پنهنجي خزاني جي مٿان پيل واريءَ کي پنهنجي جهوٽي سان هٽائڻ چاهيان ٿو، ۽ ان عورت جو مٺو آواز پاڻ سان گڏ کڻي هلڻ چاهيان ٿو جنهن سان مونکي محبت آهي“.

” مون ٻڌو پئي جيڪي هڪ ڏينهن تون ڪيمانگر سان ڳالهائي رهيو هئين. هن چيو پئي ته هر شيءِ کي پنهنجي پنهنجي تقدير هوندي آهي، پوءِ ماڻهو پاڻ کي واءُ ۾ ڪيئن ٿو تبديل ڪري سگهي.“ واءُ چيو.

”مونکي بس ڪجھ گھڙين لاءِ واءُ ٻڌڻ سيکار، ته جيئن پاڻ ماڻھن ۽ واءَ وٽ موجود بي انت مُمڪنات جي بابت ڳالھائي سگھون.“

واءَ جو ان ڳالھ جي بابت اُلڪو وڌندو ويو جيڪا اڳ ڪڏھن به نه ٿي ھئي. صرف ڳالھين جي حد تائين نيڪ ھو پر اھا ته پاڻ واءَ ڪي خبر نه ھئي ته ھڪ انسان ڪي واءَ ۾ ڪيئن تبديل ڪري سگھجي ٿو. حيرت جي ڳالھ ته اھا آھي ته واءُ ان ڪان علاوه ٻيو ڪيترو ڪجھ ڪرڻ چاھي ٿو! جيئن ان ريگستان پيدا ڪيا، بحري جھاز ٻوڙيا، ٻيلن جا ٻيلا تباھ ڪيا، ۽ شھرن جي وچان عجيب و غريب آواز ڪندي جُھوتندي رھي. ڪيس اھو ڪاٿو به ھو ته سنڌس ڪي به حدون ناھن. ۽ نِينگرُ به ڪيس اھو ٻڌائي رھيو ھو ته اجان به واءُ گھڻا معجزا ڏيکاري سگھي ٿو.

” اھائي آھي محبت،“ نِينگرَ واءَ ڪي سندس خواھش پوري ڪرڻ جي ويجھو ڏسندي چيو. ” محبت ۾ توھان ڪجھ به ڪري سگھو ٿا، ۽ محبت ۾ اھو به سوچڻ سمجھڻ جي گُھرج ناھي ته ڇا ٿي رھيو آھي، ڇاڪاڻ جو جيڪي ڪجھ به ٿي رھيو ھوندو آھي سو توھانجي اندر ھوندو آھي، ۽ انسان پاڻ ڪي واءَ ۾ تبديل ڪرڻ جي به صلاحيت رکي ٿو پر ان صورت ۾جڏھن واءُ سندس واھَرَ ڪري.“

پر واءَ ته ھنيلو ھو سو نِينگرَ جي ڳالھين تي ڪاوڙ ۾اچي ريگستان جي واري اُڏائيندي تيز جھوٽڻ لڳو، ۽ آخرڪار ڪيس اھا ڳالھ مجھٽي پئي ته پوري دنيا ۾ جھوٽڻ جي باوجود به ڪيس اھا خبر نه ھئي ته انسان ڪي واءِ ۾ ڪيئن تبديل ڪجي. ۽ ڪيس اھا به خبر نه ھئي ته محبت ڇا آھي.

” مون پوري دنيا ۾ سفر دوران ماڻھن ڪي محبت جون ڳالھيون ڪرڻ وقت آسمان ڏانھن تڪيندي ڏٺو آھي، سو اھا ڳالھ آسمانن ڪان پڇڻ گھرجي،“ واءِ پنھنجون حدون ڄاڻڻ لاءِ آنڌ مانڌ منجھان چيو.

” نيڪ آھي، ته پوءِ ان جي لاءِ منھنجي واھَرَ ڪر، ۽ اھڙو واچوڙو برپا ڪر جو سج لڪي وڃي ته جيئن آءٌ آسمانن ڏانھن ڏسي سگھان.“

واءِ اھڙو زور سان جھوٽيو جو آسمان ريتيءِ سان ڀرجي ويو ۽ سج ھڪ سنھري ٽِڪيءِ ۾ تبديل ٿي ويو.

چانوٽيءِ ۾ ڪا بہ شيءِ نہ پئي ڏسي سگهجي. ريگستاني ماڻهو اهڙي پانت جي واءَ کان واقف هئا. هو ان کي سِمَم (ريگستاني واچوڙو) سڏيندا هئا، ۽ اها سامونڊي واچوڙي کان وڌيڪ خطرناڪ هئي. سندن گهوڙا چيڪاٽ ڪرڻ لڳا ۽ سندن هٿيارن ۾ واري پرجي وئي.

متي وينل هڪ سپهہ سالار سردار کي چوڻ لڳو تہ، "بهتري انهيءَ ۾ آهي تہ هي سپ ڪجهہ هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي!"

"روڪيو اهو سپ ڪجهہ" ٻئي سپهہ سالار چيو.

" آءٌ الله پاڪ جي عظمت ڏسڻ ٿو چاهيان، ۽ اهو ڏسڻ ٿو چاهيان تہ ڪيئن هڪ شخص پاڻ کي واءَ ۾ ٿو تبديل ڪري،" سردار انتهائي احترام سان چيو.

پر سردار انهن ٻن ڄڻن کي پنهنجي ذهن ۾ رکيو جن پنهنجي خوف جو اظهار ڪيو هو. واءَ رڪجڻ سان ئي هن ٻنهي کي سندن عهدن تان برطرف ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ ريگستان جا ماڻهو ڊڄندا ناهن.

" واءَ مونکي ٻڌايو آهي تہ توکي خبر آهي تہ محبت ڇا آهي، جيڪڏهن توکي واقعي اها خبر آهي تہ محبت ڇا آهي تہ توکي دنيا جي روح جي پڻ ڄاڻ هوندي، ڇاڪاڻ جو دنيا جو روح محبت منجهان نهيو آهي." نِينگرَ سج کي چيو.

"جنهن جاءِ تي آءٌ موجود آهيان، اتان آءٌ دنيا جو روح ڏسي سگهان ٿو. ان جو منهنجي روح سان رابطو آهي، ۽ اسين ٻئي گڏجي ٻوٽن جي واڌ ويجهہ ڪيون ٿا، رڍن کي آرام لاءِ ڇانو مهيا ڪيون ٿا. جنهن جاءِ تي آءٌ موجود آهيان اها زمين کان ڳچ ڏور آهي، پر پوءِ بہ مان محبت ڪرڻ ڄاڻان ٿو. مونکي خبر آهي تہ جيڪڏهن آءٌ زمين کي ٿورو بہ ويجهو ٿيس تہ اتي موجود هر شيءِ ختم ٿي ويندي، ۽ دنيا جو روح بہ ختم ٿي ويندو. تنهنڪري اسين هڪٻئي جي پَرَگهورَ لهون ٿا، ۽ اسين هڪٻئي جي گُهرج آهيون، آءٌ  کيس تپش ۽ زندگي ڏيان ٿو، ۽ هو مونکي منهنجي هجڻ جو سبب ڏئي ٿي."

" تہ توکي محبت جي بابت ڄاڻ آهي،" نِينگرَ چيس.

”مونکي دنيا جي روح بابت به ڄاڻ آهي، ڇاڪاڻ جو اسانجي هن ڪائنات جي اڻ ڳُڻ مسافريءَ جي دوران هڪبئي سان وڏي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي آهي. دنيا جي روح مونکي ٻڌايو ته سندس وڏي ۾ وڏو مسئلو اهو آهي ته اڄ تائين صرف معدنيات ۽ نباتات ئي اهو سمجهي سگهيا آهن ته هر شيءِ هڪجهڙي آهي. ۽ لوهه کي پِتل ۽ پِتل کي سون ۾ تبديل ٿيڻ جي ڪُهرج ئي ناهي. هر ڪا شيءِ پنهنجي ڪارگذاري پنهنجي طريقي سان انجام ڏئي رهي آهي. ۽ اهو قلم جنهن سان هي سڀ ڪجهه لکيو ويو آهي، جيڪڏهن تخليق جي پنجين ڏينهن رُڪجي پوي ها ته هر شيءِ پُر امن رهي ها.“

”پر ڇهون ڏينهن آيو،“ سج پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو.

” تون ساڃهه وند آهين، ڇاڪاڻ جو تون شين کي فاصلي کان ڏسين ٿو، پر پوءِ به توکي محبت جي ڪا خبر ناهي. جيڪڏهن تخليق جو ڇهين ڏينهن جو وجود نه ٿئي ها ته انسان جو به وجود نه ٿئي ها؛ پِتل پِتل هجي ها ۽ شيهو شيهو هجي ها. اها صحيح ڳالهه آهي ته هر شيءِ جي پنهنجي پنهنجي تقدير آهي، پر اها تقدير هڪ ڏينهن ته پنهنجي تڪميل تي پهچڻي آهي، جنهن ڪانپوءِ هر شيءِ کي ڪنهن نه ڪنهن بهتر شيءِ ۾ تبديل ٿي نئين تقدير ناهڻي پوي ٿي، ۽ اهو سلسلو تيسيتائين هلندو رهي ٿو جيسيتائين دنيا جو روح هڪ شيءِ نه ٿو بڻجي پوي.“

سج ان بابت سوچيو ۽ وڌيڪ روشنيءِ سان چمڪڻ لڳو. واءِ جيڪو سندن ڳالهه ٻولهه ٻڌي رهيو هو، وڌيڪ طاقت سان جهوٽڻ لڳو ته جيئن سج جي روشني نِينگرَ کي انڌو نه ڪري وجهي.

” اهو ئي سبب آهي جو علم ڪيميا پنهنجو وجود رکي ٿو، ته هرڪو پنهنجي خزاني جي کوجنا ڪندو رهي، ۽ انکي حاصل ڪري ۽ پنهنجي پراڻي زندگيءَ ۾ بهتري آڻيندو رهي.“ نِينگرَ چيو. ” شيهو پنهنجو ڪردار ايسيتائين نڀائيندو رهندو جيسيتائين دنيا کي انجي ڪُهرج رهندي؛ تنهن ڪانپوءِ ان کي به سون ۾ تبديل ٿيڻو پوندو. اهو ئي سڀ ڪجهه ڪيمانگر ڪندا رهن ٿا. هو اهو ثابت ڪن ٿا ته جڏهن اسين اڳ کان بهتر ٿيڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا ته، اسانجي چوڌاري هر شيءِ پڻ بهتر ٿيو پوي.“

” نيڪ آهي پر، تون ائين ڇو چيو ته توکي محبت بابت ڪا ڄاڻ ناهي؟“ سج نِينگرَ کان پڇيو.

” چاڪاڻ جو ريگستان وانگي بغير چُرپُر جي هڪ ئي جڳهه تي رهڻ بہ محبت ناهي، نہ ئي واء وانگي سڄي دنيا ۾ جهوتڻ ئي محبت آهي. تون وانگي هر شيء کي پري کان ڏسڻ بہ محبت ناهي. محبت هڪ اهڙي قوت آهي جيڪا دنيا جي روح کي تبديل ڪري ٿي ۽ سگهارو ڪندي رهي ٿي. پهريائين تہ مون بہ ائين ئي ٿي سوچيو تہ دنيا جو روح مڪمل ۽ بي عيب آهي، پر پوء مون ڏٺو تہ اهو بہ باقي مخلوق وانگي ئي آهي، انکي بہ پنهنجا جذبا ۽ پنهنجا اُدما آهن. اُهي تہ اسان انسان ئي آهيون جيڪي دنيا جي روح جي واڌ ويجهہ ڪندا تا رهون. ۽ هيء دنيا جنهن ۾ اسين رهون پيا، انجي بهتر يا بدتر هجڻ جو دارومدار اسانجي بهتر يا بدتر هجڻ تي آهي. ۽ هي اهو ئي نقطو آهي جتان محبت جي قوت جنم وٺي ٿي. چاڪاڻ جو محبت ۾ اسين همشہ اڳي کان بهتر بڻجڻ جي ڪوشش ڪندا رهون تا.“

” هاڻ پلا تون مون مان ڇا تو چاهين؟“ سج نِينگرَ کان پڇيو.

” مونکي واء ۾ تبديل ٿيڻ لاء تنهنجي واهرَ گهرجي،“ نِينگرَ وراڻيو.

” قدرت جي تخليق مان آءٌ سڀ کان وڌيڪ ساڄهہ وند تصور ڪيو تو وڃان، پر آءٌ توکي واء ۾ تبديل ڪرڻ جو فن نہ تو ڄاڻان.“

” پوء پلا آءٌ ڪنهن کي واهرَ لاء چوان؟“

سج ڪجهہ دير لاء سوچيو. واء اهو سڀ ڪجهہ غور سان ٻڌي رهيو هو، ۽ دنيا جي هر حصي تائين اها خبر پهچائڻ ٿي گُهري تہ سج جي دانائي بہ محدود آهي، ۽ هو ان نِينگرَ کي منهن ڏيڻ جي قابل ناهي جيڪو ساڻس دنيا جي ٻولي ڳالهائي رهيو آهي.

” ان کان واهرَ گُهر جنهن هي سڀ ڪجهہ پيدا ڪيو آهي،“ سج چيس.

واء سرهائيء منجهان گُهوگهٽ ڪندي تمام تيزيء سان جُهوتڻ لڳو. اُتي موجود خيما زمين مان پَٽجي ويا، ۽ جانورن جا رَسا ڇڏائجي ويا. ٽڪريء تي وينل ماڻهو واء جي زور جي ڪري هڪبئي کي جهلڻ لڳا.

نِينگرُ جيئن ئي اُن ذات ڏانهن مڙيو جيڪو هر شيء جو خالق آهي، تہ کيس محسوس ٿيو تہ جڻ سڄي ڪائنات سانت ۾ اچي وئي هجي، هن پڻ ڪجهہ نہ کُچڻ جو فيصلو ڪيو. نِينگرَ جي دل ۾ پيار جي هڪ چولي اُتي، ۽ هن دعا گهرڻ شروع ڪري ڏني.



www.sindhsalamat.com

اهڙي دعا هن اڳ ڪڏهن نہ گهري هئي، چاڪاڻ جو اها دعا بغير لفظن ۽ بغير ڪنهن فرياد جي هئي. هن ڪڏهن پنهنجي رڍن لاءِ نيون چراگاهون ملڻ تي بہ ڪو شڪرانو ادا نہ ڪيو هو؛ نہ ئي هن ٽانون جي هَٺَ ۾ برڪت لاءِ ڪڏهن دعا گهري هئي؛ هن ڪڏهن اها بہ استدعا نہ ڪئي هئي تہ جنهن عورت سان هو مليو آهي، اها سندس انتظار ڪندي رهي.

خاموشيءَ ۾ نِينگرَ اهو محسوس ڪيو تہ، ريگستان، واءُ ۽ سج قدرت جي نشانين کي سمجهڻ ۽ انهن ۾ پنهنجي پنهنجي پيچرن تي هلڻ جون تدبيرون ڳولي رهيا هئا ۽ زمرد جي ڦرهين تي لکيل ڳالهہ کي پڻ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. نِينگرَ ڏٺو تہ قدرت جا سَوڻَ زمين ۽ واڀو منڊل جي چوڌس ٽڙي پکڙجي ويا هئا ۽ هاڻ ڪيس اهي سڀ سَوڻَ بي سبب ۽ غير ضروري ٿي لڳا، نہ ئي ريگستان، نہ واءُ نہ ڪي سج ۽ نہ وري انسان ئي انهن علامتن جي تخليق جو سبب سمجهي ٿي سگهيو. پر ان تخليقڪار وٽ تہ هر ڳالهہ جو سبب موجود آهي، ۽ صرف اها ذات ئي سمنڊ کي ريگستان يا انسان کي واءُ ۾ تبديل ڪرڻ جهڙا معجزه ڏيکاري سگهي ٿي. چاڪاڻ جو هي اها ئي ذات آهي جنهن پوري ڪائنات جي ڇهن ڏينهن واري تخليق کي هڪ حڪمت پريي عمل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

نِينگرَ جڏهن دنيا جي روح ۾ جهاتي پاتي تہ ڪيس ان ۾ خدا پاڪ نظر آيو، ۽ جڏهن خدا پاڪ تي غور ڪيائين تہ ڪيس پنهنجو روح نظر آيو. اهڙي نموني هو معجزا ڪرڻ جي قابل ٿي پيو.

❖

ان ڏينهن جهڙو سِمَم (ريگستاني واچوڙو) اڳ ڪڏهن نہ اُٿيو هو. عربن جي ايندڙ پيڙهين نِينگرَ جي پاڻ کي واءُ ۾ تبديل ڪرڻ ۽ ريگستان جي سڀ کان طاقتور فوجي سردار جي ڇانوٽي تباهہ ڪرڻ واري ڪارنامي کي ياد رکيو.

جڏهن ريگستاني واچوڙو جهڪو ٿيو تہ، هرڪو ان جاءِ ڏانهن ڏسي رهيو هو جتي ڪجهہ وقت اڳ نِينگرُ بيٺل هو. پر هاڻي هو اُتي موجود نہ هو؛ هو ڇانوٽيءَ کان پريان هڪ پهريدار سپاهيءَ جي پر ۾ بيٺل هو.

ماڻهو سندس جادو ڏسي خوفزده ٿي ويا هئا. پر منجهن ٻه ماڻهو اهڙا هئا جيڪي مُرڪي رهيا هئا: هڪ ته ڪيمانگر هو، چاڪاڻ جو ڪيس پڪو معتقد ملي چُڪو هو، ۽ ٻيو هو سردار، چاڪاڻ جو ڪيس خدا جو شان سمجھ ۾ اچي ويو هو.

ٻئي ڏينهن، سردار نِينگرَ ۽ ڪيمانگر جي وڏي ڌوم ڌام سان دعوت ڪئي ۽ سفر ۾ هڪ محافظ ٽولو پڻ هنن سان ساڻ موڪليو.

❖

هنن سڄو ڏينهن سفر ڪيو. شام ڌاري هو هڪ اصلوڪي مِصري عيسائين جي خانقاھ وٽ پهتا. ڪيمانگر گهوڙي تان لٿو ۽ محافظن کي چانوٽي ڏانهن واپس ورڻ لاءِ چيائين.

”هاڻ هتان کا اڳتي توکي اڪيلي سفر ڪرڻو آهي، هتان کان احرامن تائين صرف ٽن ڪلاڪن جو فاصلو آهي.“ ڪيمانگر نِينگرَ کي چيو.

” توهانجي مهرباني، توهان مونکي دنيا جي ٻولي سيکاري.“ نِينگرَ ڪيمانگر کي چيو.

”مون صرف توکي اهي ڳالهيو ياد ڏياريون جيڪي تون اڳي کان ڄاڻين پيو.“

ڪيمانگر خانقاھ جو در کڙڪايو ته ڪاري پوشاڪ ۾ هڪ سالڪ ٻاهر نڪتو. هنن ڪجھ دير پاڻ ۾ اتان جي اصلوڪي ٻولي ۾ ڳالھ ٻولھ ڪئي، جنهن ڪانپوءِ ڪيمانگر نِينگرَ کي اندر هلڻ لاءِ چيو.

”مون ڪيس ڪجھ دير لاءِ سندس رڌڻو استعمال ڪرڻ لاءِ چيو آهي،“ ڪيمانگر نِينگرَ کي مُرڪندي چيو.

هو خانقاھ جي پوياڻ هڪ رڌڻي ۾ ويا. ڪيمانگر باھ ٻاري، ۽ سالڪ ڪيس شيهي جو ٽڪڙو آڻي ڏنو، جيڪو ڪيمانگر هڪ لوھ جي ڪڙاهيءَ ۾ وڌو. جڏهن شيهو پاڻياٺ ۾ تبديل ٿيو ته، ڪيمانگر سندس ڪيسي مان ڦڪي رنگ جو عجيب ٻانت جو

بيضو ڪڍيو. هن ان بيضي کي ڪُرچي وار جيترو سنهو ٽڪرو ميڻ ۾ ويڙهي ڪڙاهيءِ ۾ وڌو جنهن ۾ رِجيل شيهو پيل هو.

ڪڙاهيءِ ۾ پيل مُرڪب جو رنگ رَتَ جهڙو ڳاڙهو ٿي ويو. ڪيمانگر ڪڙاهي باهه تان هٽائي ٿڌي ڪرڻ لاءِ رکي. ان دوران هو سالڪ سان قبيلائي جنگين جي بابت ڳالهائيندو رهيو.

” آءٌ پائنيان ٿو تہ اهي جنگيون اجان ڪُجِ وقت لاءِ جاري رهنديون،“ ڪيمانگر چيو.

سالڪ بہ ان ڳالهہ تي خفي ٿيو. ڪيترائي قافلا غِزا وٽ جنگ ختم ٿيڻ جي انتظار ۾ ترسيل هئا. ” پر جيڪا خدا جي مرضي هوندي سو ئي ٿيندو،“ سالڪ چيو.

” بلڪل صحيح،“ ڪيمانگر وراڻيو.

جڏهن ڪڙاهي ٿڌي ٿي تہ سالڪ ۽ نِينگرُ ان کي ڏسي دنگ رهجي ويا. شيهو ٿڌو ٿي ڪڙاهيءِ جي صورت وٺي چڪو هو، پاڻ هاڻ اهو شيهو نہ رهيو هو، اهو سون بڻجي چڪو هو.

” ڇا آءٌ اهو فن ڪڏهن سکي سگهندس؟“ نِينگرَ پڇيو.

” اهو تنهنجي نہ پر منهنجي تقدير ۾ لکيل هو، پر مون توکي صرف اهو ڏيکارڻ ٿي چاهيو تہ اهو ممڪن آهي،“ ڪيمانگر وراڻيو.

تنهن ڪانپوءِ هو خانقاهہ جي دروازي تائين آيا. ڪيمانگر اُن سون جي ٿالهيءِ کي چئن حصن ۾ ورهايو.

”هي توهان لاءِ هت ايندڙ پانڌيڙن سان سني خلوص سان پيش اچڻ جي لاءِ آهي،“ ڪيمانگر هڪ حصو سالڪ کي ڏيندي چيو.

” پر هي تہ منهنجي ان حقير خلوص جو تمام وڏو مُلهہ آهي،“ سالڪ وراڻيو.

” ائين نہ چئو، ٿي سگهي ٿو ٻيهر توهانکي گهٽ ملي،“ ڪيمانگر وراڻيو.

ڪيمانگر نِينگرَ ڏانهن مُڙيو. ”هي حصو تنهنجي ان نُقصان جو پورائو ڪرڻ لاء آهي جيڪو تو فوج جي سردار کي ڏنو.“

نِينگرُ اهو چوڻ وارو هو تہ، هي تہ ان نُقصان کان سَرَسُ آهي جيڪو هن سردار کي ڏنو هو. پر هو چُپ رهيو، چاڪاڻ جو هن ڪيمانگر جي سالڪ سان ڪيل ڳالھ ٻڌي هئي.

” ۽ هي حصو مون لاء آهي، چاڪاڻ جو مونکي ريگستان واپس ورڻو آهي، جتي قبيلائي جنگيون هلي رهيو آهن.“ ڪيمانگر سون جي ٿالهيء هڪ حصو پاڻ وٽ رکندي چيو.

ڪيمانگر چوٿون حصو سالڪ جي حوالي ڪيو.

”جيڪڏهن ڪيس ڪڏهن ڪُهرج پئي تہ هي حصو هن نِينگرَ لاء آهي.“

” پر آءٌ تہ پنهنجو خزانو ڳولڻ جي نهايت ئي ويجهو آهيان،“ نِينگرَ چيو.

”مونکي پڪَ آهي تہ تون خزانو ڳولي وٺندي،“ ڪيمانگر وراڻيو.

” پوء هي چوٿون حصو مون لاء چو؟“

” چاڪاڻ جو تو اڳ ۾ ئي ٻہ ڀيرا پنهنجي جمع پونجي وڃائي وينو آهين. هڪ ڀيرو چور جي هٿان ۽ هڪ ڀيرو سردار جي هٿان. آءٌ پوڙهو ۽ وهمي آهيان، ۽ آءٌ پنهنجي پهاڪن تي يقين رکان ٿو. هڪ پهاڪو اهو آهي تہ، هر اها ڳالھ يا حادثو جيڪو هڪ ڀيرو ٿي گذريو ٻيهر ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. پر هر اها ڳالھ يا حادثو جيڪو ٻہ ڀيرا ٿي گذريو اهو ٽيون ڀيرو بہ ضرور ٿيندو.“ ۽ تنهن ڪانپوء هو گهوڙن تي سوار ٿيا.

” آءٌ توکي خوابن بابت هڪ قصو ٻڌائڻ چاهيان ٿو،“ ڪيمانگر نِينگرَ کي چيو.

نِينگرَ پنهنجو گهوڙو سندس ويجهو آندو.

” پراڻي روم جي ٽابيريس بادشاھ جي وقت ۾، اُتي هڪ نيڪ شخص رهندو هو، جنهن جا ٻہ پُٽ هئا. هڪ فوج ۾ هو، جنهن کي سلطنت جي ڏورانهن علائقن ڏانهن

موڪليو ويو هو. ٻيو پُٽ هڪ شاعر هو، جنهن جي عمده شاعريءَ جو پوري روم ۾ چرچو هو.

” هڪ رات سندن پيءُ خواب ۾ هڪ فرشتو ڏٺو، جنهن کيس چيو ته تنهنجي هڪ پُٽ جا لفظ سدائين ياد رکيا ويندا ۽ پوري دنيا ۾ ايندڙ پيڙهين تائين ورجايا ويندا. هو جڏهن ننڊ مان جاڳيو ته شڪرگذاري منجهان روئڻ لڳو، ڇاڪاڻ جو زندگي مٿس اهڙو احسان ڪيو هو جو ڪنهن به پيءُ جي لاءِ اها ڳالهه فخر جهڙي ڳالهه هئي.“

ڪجهه ئي وقت ڪانپوءِ هو هڪ ٻار کي گاڏي جي ٽڪر کا بچائيندي پنهنجي جان ڏئي ويٺو. ۽ جيئن ته هن پنهنجي سموري حياتي ايمانداري ۽ ڀلائي ڪندي گذاري، تنهنڪري هو سڌو جنت ۾ ويو، جتي هو ساڳئي فرشتي سان مليو جيڪو سندس خواب ۾ آيو هو.

” تون هڪ نيڪ انسان هئين، تون پنهنجي سموري حياتي بهترين نموني گذاري، ۽ توکي موت به وڏي مرتبي وارو مليو. تنهنڪري آءٌ تنهنجي ڪهڙي به خواهش پوري ڪري سگهان ٿو.“ فرشتي کيس چيو.

” منهنجي زندگي تمام بهترين گذري، جڏهن توهان منهنجي خواب ۾ آيئو، ته مونکي ائين لڳو ته مونکي پنهنجي سمورين ڪوششن جو ثمر ملي ويو، ڇاڪاڻ جو منهنجي پٽ جي شاعري ايندڙ پيڙهين تائين پڙهي ويندي. هاڻ مونکي پنهنجي لاءِ ڪنهن بي شيءِ جي طلب ناهي. ڪو به پيءُ پنهنجي ان اولاد جي نيڪ ناميءَ تي فخر محسوس ڪندو جنهن جي نِنڍي هوندي هن سنڀار ڪئي، کيس پڙهايو لکايو ۽ کيس وڏو ڪيو. تنهنڪري مستقبل مان آءٌ هن جا بس ڪجهه لفظ ٻڌڻ چاهيندس.“

فرشتي سندس ڪنڌ تي هٿ رکيو ۽ هو ٻئي مستقبل ۾ هليا ويا. هو هزارين ماڻهن جي هڪ انبوهه ۾ اچي نڪتا، جيڪي هڪ عجيب ٻولي ڳالهائي رهيا هئا.

هو اهو ڏسي سرهائيءَ منجهان روئڻ لڳو.

” مونکي خبر هئي ته منهنجي پٽ جا بيت لافاني آهن،“ هن فرشتي کي روئندي چيو. ” ڇا توهان ٻڌائي سگهو ٿا ته هو منهنجي پٽ جو ڪهڙو بيت ورجائي رهيا آهن؟“

فرشتو سندس ويجهو آيو ۽ کيس آرام سان پر ۾ پيل هڪ بينچ تي وٺي ويهاريائين.



www.sindhsalamat.com

” تنهنجو پٽ جيڪو شاعر هو، سنڌس بيت پوري روم ۾ تمام گهڻو مشهور هئا ۽ هر ڪنهن کي پسند به هئا، پر جڏهن ٽائيبيريس جي بادشاهي ختم ٿي ته سنڌس شاعري به ماڻهن ڪان وسرندي وئي. هي لفظ جيڪي تون ٻڌي رهيو آهين هي تنهنجي ان پٽ جا آهن جيڪو فوج ۾ هو.“

هن فرشتي کي حيرت منجهان ڏٺو.

” تنهنجي پٽ کي ملڪ جي خدمت لاءِ ڏورانهن علائقن ۾ موڪليو ويو هو، جتي ڪيس روم جي فوجي لشڪر جي بهترين سپهه سالار جو خطاب مليو هو. هو ايماندار ۽ بهترين انسان هو. هڪ ڏينهن سنڌس هڪ ملازم بيماريءَ وگهي مرڻهارڪو ٿي پيو. تنهنجي پٽ کي هڪ يهودي پادريءَ جو ڏس مليو جيڪو حڪيم هو، ۽ ان حڪيم کي ڪيترائي ڏينهن ڳولڻ کانپوءِ تنهنجي پٽ کي خبر پئي ته هو (نعوذ باللہ) خدا جو پُٽ آهي. تنهنجو پٽ انهن سان به مليو جن جو هن حڪيم علاج ڪيو هو ۽ انهن تنهنجي پٽ کي سنڌس ذات جي باري ۾ آگاهه ڪيو. تنهن کانپوءِ تنهنجي پٽ روم جي بهترين سپهه سالار هجڻ جي باوجود به ان جي عقيدي کي اختيار ڪري ورتو. ڪجهه ئي وقت کانپوءِ هو ان حڪيم وٽ پُهتو جنهنکي هو ڳولي رهيو هو. هن حڪيم سان سنڌس ملازم جي بيماريءَ جو ذڪر ڪيو ته پادري ساڻس گڏ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. تنهنجو پٽ پُختي عقيدي وارو شخص هو ۽ ڪيس اهو يقين هو ته هو (نعوذ باللہ) واقعي خدا جي پُٽ سان گڏ آهي.

” تنهنجي پُٽ پادريءَ سان ڳالهه ٻولهه ۾ جيڪي ڪجهه ڪيس چيو سو وسارڻ جوڳو ناهي،“ فرشتي چيو. ” هي آهن سنڌس لفظ، ’اي خداوند! آءٌ ان قابل ئي ناهيان ته توهان منهنجي ڇٽي تي اچو. پر توهانجي صرف هڪ لفظ سان منهنجو ملازم ٺيڪ ٿي سگهي ٿو.“

ڪيمانگر نِينگرَ کي چيو ته، ”ڪير به پلي چا به ڪندو هجي، پر هر انسان دنيا جي تاريخ ۾ پنهنجو ڪردار ضرور ادا ڪري ٿو. ۽ عام طور تي اها ڪيس به خبر ناهي هوندي.“

نِينگرُ مُشڪيو. ڪيس ڪڏهن به اهڙي ڳالهه جو گُمان نه هو ته زندگيءَ جي بابت اهڙا سوال هڪ ريڍار جي لاءِ ڪهڙي اهميت رکن ٿا.

” هاڻي موڪلاڻي آهي،“ ڪيمانگر نِينگرَ کي چيو.

نِينگرَ پڻ ڪيمانگر کان موڪلايو.

❖

نِينگرُ ريگستان ۾ ڪيترائي ڪلاڪ سفر ڪندو رهيو، ان دوران هو پنهنجي دل جي ڳالهه کي بہ غور سان ٻڌندو رهيو تہ آخر دل چا ٿي چوڻ چاهي. چاڪاڻ جو سندس دل ئي کيس خزاني جو ڏس ڏئي ٿي سگهي.

” جتي تنهنجي دل هوندي، خزانو بہ اُتي ئي هوندو،“ کيس ڪيمانگر جي ڳالهه ياد آئي.

پر سندس دل تہ ٻين شين جي بابت ڳالهائي رهي هئي.

وڏي فخر سان سندس دل کيس ان ريڍار جو قصو ٻڌائي رهي هئي جنهن پنهنجي ان خواب جيڪو هن ٻہ ڀيرا ڏٺو هو ان جي ساڀيان ماڻڻ لاءِ پنهنجو ڌڻ ڇڏي ڏنو هو. سندس دل کيس تقدير ۽ انهن ماڻهن جي بابت ٻڌائي رهي هئي جيڪي ڏورانهن جڳهين ۽ خوبصورت عورتن جي کوجنا ۾ نڪرندا هئا ۽ سندن بابت مختلف رايا رکندا هئا. سندس دل کيس مسافريءَ، دريافتن، ڪتابن ۽ اينڌڙ تبديلن جي بابت پڻ ٻڌائيندي رهي.

جيئن هو هڪ واريءَ جي دڙي تي چڙهڻ وارو ٿيو تہ، سندس دل کيس ڪا سُس پُس ڪئي، ” ان جڳهه وٽ هوشيار رهجان جتي تنهنجي اکين مان لُڙڪَ ڪِرن. اُن ئي جڳهه تي آءٌ هونديس، ۽ اها ئي جڳهه آهي جتي تنهنجو خزانو موجود آهي.“

نِينگرُ ان واريءَ جي دڙي تي آرام سان چڙهيو. تارن ڀريي آسمان تي پورنماس هو: کيس نخلستان ڇڏي هڪ مهينو اچي لنگهيو هو. چانڊوڪي واريءَ جي دڙن تي اهڙا پاڇا ٺاهي رهي هئي جو سمنڊ جو ڏيک ٿي آيو.

جڏهن هو دڙي جي چوٽيءَ تي پُهگو تہ، سندس دل زور سان ڌڙڪي. چانڊوڪيءَ ۽ ريگستان جي چمڪ تي سندس نظر مصر جي شاندار احرامن تي پئي.


www.sindhsalamat.com

نِينگرُ گوڏن ڀر زمين تي ڪريو ۽ روئڻ لڳو. هن پنهنجي تقدير جي حاصل ڪرڻ ڪان وٺي بادشاهه، واپاريءَ، انگريز ۽ ڪيمانگر سان ملاقات تي خدا پاڪ جو شڪر ادا ڪيو. ۽ انهن مڙني ڳالهين ڪان مٿاهين ڳالهه اها ته هو هڪ ريگستاني عورت سان مليو هو جنهن کيس اهو ٻڌايو هو ته محبت ڪڏهن به پنهنجي تقدير حاصل ڪرڻ کان نه ٿي روڪي.

هاڻ جيڪڏهن هو چاهي ها ته نخلستان فاطمه وٽ واپس موٽي ريڍارن واري زندگي سادگيءَ سان گذاري ٿي سگهيو. ڪيمانگر به ته دنيا جي ٻولي سمجهڻ ۽ شيهي کي سون ۾ تبديل ڪرڻ واري ذات حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ريگستان ۾ ئي زندگي گذاري رهيو آهي، ۽ کيس پنهنجي ذات ۽ فن ڪنهن جي آڏو پڌرو ڪرڻ جي به ضرورت ناهي. نِينگرُ اهو سوچي رهيو هو ته سندس تقدير حاصل ڪرڻ دوران هن ان وچ ۾ هن اهو ڪجهه سکيو جيڪو هو سکڻ چاهي پيو، ۽ هر ان شيءِ جي مشاهدو ڪيائين جنهنجو هن ڪڏهن سوچيو به نه هو.

پر هاڻ هو ان جاءِ تي موجود هو جتي سندس خزانو لڪيل هو، ۽ کيس اها ڳالهه ياد آئي ته ڪو به منصوبو تيستائين مڪمل ناهي جيستائين انجو مقصد پورو نه ٿو ٿئي. نِينگرَ پنهنجي چوڌاري واريءَ تي نظر ڦيرائي، ۽ اها جڳهه ڏٺائين جتي سندس لُڙڪ ڪريا هئا، نيڪ ان جڳهه تي هڪ ٽنڊڻ واريءَ ۾ ڊوڙي رهيو هو. نِينگرَ ريگستان ۾ گذاريل وقت ۾ اهو ٻڌو هو ته مصر ۾ ٽنڊڻ خدا پاڪ جي نشانين مان هڪ نشاني آهي.

هڪ ڀيو سَونُ ! نِينگرَ واريءَ جي دڙي تي ان جاءِ وٽ کوٽائي شروع ڪئي. کوٽائيءَ دوران نِينگرَ کي ٿانون جي واپاريءَ جي هڪ ڳالهه ياد آئي، هن چيو هو ته، ”ڪير به پنهنجي گهر جي پنيان اگڻ ۾ مصر جي احرامن جهڙا احرام ناهي سگهي ٿو.“ پر هاڻ احرام ڏسڻ ڪانپوءِ کيس ائين لڳو ته پنهنجي سموري حياتي به جي هو پٿر مٿان پٿر رکندو رهي ته به اهو نا ممڪن آهي.

سڄي رات نِينگرَ ان جڳهه تي کوٽائي ڪئي پر کيس ڪجهه نه وريو. هو صديون اڳ اَڏيل احرامن کي ڏسي پريشان هو. تيز واءِ جي جهوٽي ٻيهر ڪڏ کي واريءَ سان ڀريو ٿي ڇڏيو پر هن همت نه هاري ۽ کوٽائي جاري رکي، ايسيتائين جو سندس هٿَ رهڙجي پيا ۽ هو ٿڪ ۾ چور ٿي پيو. پر هن پنهنجي دل جي ڳالهه ٻڌي کوٽائي جاري رکي. هوکوٽائيءَ ۾ ايندڙ پٿر ڪڍي رهيو هو کيس ڪنهنجي قدمن جو آواز آيو.

ڏنائين ته ڪيترائي ماڻهو سندس ويجهو اچي رهيا هئا. سندن پُنيون چانڊوڪيءِ ڏانهن هيون تنهنڪري نِينگرُ سندن شڪليون نه ٿي ڏسي سگهيو.

” هت ڇا پيو ڪرين تون؟“ انهن مان هڪ نِينگرَ کان پڇيو.

نِينگرُ ڊنل هو سو ڪين جواب نه ڏنائين. نِينگرَ سندس خزانو ڳولي لڌو هو ۽ هو ان ڳالهه کان ڊنل هو ته هاڻ الائي ته ڇا ٿيندو.

” اسين پناهگير آهيون، ۽ اسانکي ڏوڪڙن جي گُهرج آهي. پر تون هت ڇا لڪائي رهيو آهين؟“ هڪ پناهگير نِينگرَ کان پڇيو.

” آءٌ ڪجهه به نه پيو لڪايان،“ نِينگرَ ڪين وراڻيو.

انهن مان هڪ نِينگرَ کي پڪڙي کڏ مان ٻاهر ڪڍيو. ٻيو وري سندس ٿيلهي جي جاچ وٺي رهيو هو ته ڪيس سون جو ٽڪڙو مليو.

” وٽس سون آهي،“ پناهگير رڙ ڪئي.

چانڊوڪي جڏهن ان عرب جي منهن تي پئي ته نِينگرَ کي سندس اکين ۾ موت نظر آيو.

”وٽس گهڻو ڪري ٻيو به سون آهي جيڪو زمين ۾ پوريل آهي.“

هنن نِينگرَ کي کوٽائي جاري رکڻ لاءِ چيو، پر ڪيس ڪجهه به نه مليو. جيئن ئي سج اُڀريو ته هنن نِينگرَ کي کُٽڻ شروع ڪيو. هو زخمي ٿي پيو ۽ سندس رت وهي رهيو هو، سندس ڪپڙا ڦاٽي لِيڙون لِيڙون ٿي پيا، ۽ ڪيس موت ويجهو ٿي نظر آيو.

”موت سامهون هجي ته دولت ڪهڙي ڪم جي؟ ائين ورلي ٿيندو آهي ته دولت ڪنهنجي جان بچائڻ جي ڪم آئي هجي.“ نِينگرَ کي ڪيمانگر جي ڳالهه ياد آئي.

آخرڪار، نِينگرَ اتي بيٺلن کي رَڙ ڪندي چيو ته، ” آءٌ خزاني جي کوٽائي ڪري رهيو آهيان!“

ڪيس واتان رت اچي رهيو هو هو، تنهن هوندي به هو حملو ڪندڙن کي مصر جي احرامن وٽ لڪيل خزاني جي خواب بابت ٻڌائي رهيو هو.

هڪ شخص جيڪو سندن اڳواڻ لڳي رهيو هو، ٻئي شخص کي چيائين ته: ” ڪيس ڇڏي ڏيو، وٽس ٻيو ڪجهه به ناهي. ضرور هن هي سون چورايو آهي.“

نِينگرُ واريءَ تي بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪِريو. اڳواڻ ڪيس ڌُوڏيندي چيو ته ”اسين وڃون پيا.“

پر وڃڻ کان اڳ هن نِينگرَ کي چيو ته ”تون زنده رهندين، ۽ اهو سبق سکندين ته ماڻهن کي اهڙي چريائپ نه ڪرڻ گهرجي. ٻه ورهيه اڳ، هن جڳهه تي مون پڻ هڪ خواب ڏٺو هو. ان خواب ۾ مون کي اشارو مليو هو ته مونکي اندلس جي ميدانن ڏانهن وڃڻ گهرجي جتي هڪ گِرجا جي کنڊرَن ۾ هڪ ريڍار پنهنجين رِڍُن سان آرامي هو. مون خواب ۾ اُتي هڪ اِنجير جو وڻ پڻ ڏٺو هو، ۽ مونکي اهو اشارو مليو هو ته جيڪڏهن آءٌ ان انجير جي وڻ کي پاڙن منجهان کوٽيان ته اتي مونکي هڪ گُجهو خزانو هٿ ايندو. پر آءٌ چريو ناهيان جو صرف هڪ خواب جي ڪري پورو ريگستان لتاڙيان.“

تنهن کانپوءِ هو هليا ويا.

نِينگرُ اُٿيو، ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر احرامن کي ڏٺائين. ڪيس اهي مٺس کِلندا نظر آيا، هو پڻ کِليو. سندس دل سرهائيءَ منجهان ڦندجي وئي. ڇاڪاڻ جو هاڻ ڪيس سندس خزاني جي خبر پئجي وئي هئي ته اهو ڪاٿي لڪل آهي.....

# ايپيلاگ / پُڇاڙي / اوڙَڪُ

نِينگرُ جڏهن ويران گِرجا وٽ پُڳو ته رات ٽيڻ واري هئي. انجير جو وڻ اجان ساڳي جاءِ تي هو، ۽ ان قِتل چت مان اجان تارا ڏسي سگهجن پيا. ڪيس اهو وقت ياد آيو جڏهن هو پنهنجي رڍن ساڻ اتي موجود هو؛ ان خواب کان سواءِ اها رات نهايت ئي سانتيڪي رات هئي.

هاڻ هو اتي پنهنجي ڌڻ ساڻ گڏ نه پر هڪ ڪوڏر ساڻ گڏ هو.

هو اتي ڪِجِ وقت تائين ويني آسمان کي تڪيندو رهيو. ۽ پوءِ پنهنجي ٿيلهي مان گُگهي ڪڍي مَڌُ پيئڻ لڳو. ڪيس ريگستان ۾ ڪيمانگر ساڻ گهاريل اها رات ياد آئي جنهن ۾ هو مَڌُ پيئندي تارن کي تَڪيندا رهيا. هو انهن واٽُن بابت سوچي رهيو هو جن تي سفر ڪيو هئائين ۽ ان واٽ بابت پڻ سوچي رهيو هو جيڪا خدا پاڪ سندس خزاني تائين پهچڻ لاءِ چوندي هئي. جيڪڏهن هو سندس وري وري ايندڙ خواب جي اهميت کي نه سمجهي ها ته هو ڪڏهن به ان خانابدوش (رَمتِي) ٻڍڙيءَ، بادشاهہ، چور ۽ ڪيس جيڪي به مليا انهن ساڻ نه ملي سگهي ها. ” پر اها واٽ ته قدرت جي علامتن ۾ لکيل هئي، تنهنڪري آءٌ غلط نه پئي ٿي سگهيس،“ هن پاڻ ساڻ ڳالهائيندي چيو.

ڪيس ننڊ اچي وئي. جنهن مهل سندس اک کُلي ته سجُ اُڀري چڪو هو، ۽ هن انجير جي وڻ جي هينان کوٽائي شروع ڪئي.

” اڙي پوڙها جادوگر،“ نِينگرَ آسمان ڏانهن تڪيندي رڙ ڪندي چيو. ” توکي سڄي قصي جي خبر هئي. توکي اها به خبر هئي ته منهنجي سون جو ڪجھ حصو خانقاهہ ۾ موجود آهي جنهن ساڻ آءٌ واپس هن گِرجا تائين موٽڻو هئس. سالڪ به منهنجا ڦاٽل ڪپڙا ڏسي مونتي کِليو هو. تون مونکي ان سڄي جاڪوڙ کان بچائي نه ٿي سگهيين؟“

” نه،“ نِينگرَ واءَ جي زور تي هي آواز ٻڌو. ”جيڪڏهن آءٌ توکي اهو سڀ ڪجھ ٻڌايان ها ته تون احرام نه ڏسي سگهين ها. اهي خوبصورت هئا نه؟“

نِينگرُ مُشڪيو، ۽ ڪوتائي جاري رکيائين. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ، سندس ڪوڏر هڪ سخت شيءِ تي لڳي. هڪ ڪلاڪ ڪان پوءِ سندس آڏو هڪ پيتيءَ ۾ اندلسي خالص سون جا سِڪا، اَمُلهه پٿرَ، سون جا نقاب جن تي ڳاڙها ۽ اڇا ڪنپ سينگاريل هئا، ۽ پٿر جون مورتيون جن کي اَمُلهه زيور پهريل هئا موجود هئا. هي سمورو خزانو ڪنهن جنگ ۾ سوڀ ڪانپوءِ لَٽجي ۽ وسارجي چڪو هو. ۽ فاتح ان خزاني بابت پنهنجي پونئيرن کي ٻڌائي نہ سگهيو هو.

نِينگرَ پنهنجي ٿيلهَي مان يورم ۽ تومم پٿر ڪڍيا، جيڪي هن صرف هڪ ڀيرو استعمال ڪيا هئا، ان ڏينهن جڏهن هو بازار ۾ هو. ڪيس انهن پٿرن جي استعمال جي ضرورت ئي نہ پئي چاڪاڻ جو سندس زندگيءَ ۽ سندس چونڊيل رستي ۾ قدرت جي علامتن ئي سندس ڳچ واهَرَ ڪئي هئي.

هن اهي ٻئي پٿر ان پيتيءَ ۾ رکيا. چاڪاڻ جو اهي پٿر بہ هاڻ سندس خزاني جو حصو هئا، جيڪي هميشہ ڪيس بزرگ بادشاهہ جي يادگيري ڏياريندا رهيا هئا، جنهن سان هاڻي هو ڪڏهن بہ نہ ملي سگهندو.

”اها حقيقت آهي تہ زندگي هميشہ انهن جي همت وڌائيندي رهي تي جيڪي پنهنجي تقدير حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا.“ نِينگرَ سوچيو. پوءِ ڪيس ياد آيو تہ طريفا ۾ خانابدوش (رَمتِي) ٻڍڙيءَ کي بہ ان خزاني مان واعدي پٽاندر ڏهون حصو ڏيڻو آهي. ” خانہ بدوش واقعي سياڻا آهن، تي سگهي تو انڪري جو هو رُلندا ڦرندا رهن ٿا،“ نِينگرَ سوچيو.

واءِ ٻيهر جُهوتڻ شروع ٿيو. اهو ساڳيو اوپر جو واءِ (ليوانٽر) هو، جيڪو آفريڪا کان آيو هو. پر هاڻ اهو واءِ پاڻ سان ڳڌ ريگستان جي واريءَ جي خوشبوءِ ۽ ماريتانيا جي ويڙهاڪن جي حملي جو خطرو نہ پراُها عطر جي سرهاڻ آندي هئي جنهن کان هو چڱي ريت واقف هو، ۽ پاڻ سان ڳڏ هڪ مِنيءَ جو احساس پڻ آندو هو _ اُها مِني جيڪا تمام پري کان آئي هئي ۽ هوريان هوريان اچي سندس چَپَن تي پئي هئي.

نِينگرُ مُشڪيو. اهڙي مِني فاطمہ ڪيس پهريون ڀيرو موڪلي هئي.

” آءٌ اچان پيو فاطمہ،“ نِينگرَ چيو.